اسان پاران

پشو پاشا سنڌي ادب ۾ اڻ اُپ ٿي چڪو آهي، ان حد تائين جو محترم جمال ابڙي وٽان ڪاپي نہ ملي سگهي .

اشاعتي ادارن جي ڪوتاهي اسانجي ادب کي ذري گهٽ اڌ رنگ جي مرض ۾ مبتلا ڪري ڇڏيو آهي، نتيجو اهو آهي جو پشو پاشا جهڙو مقبول ادبي ڪتاب بہ دستياب ڪونهي، ان ضرورت کي محسوس ڪندي، اسان هن مجموعي کي ترجيحي بنيادن تي شايع ڪرائي رهيا آهيون . تہ جيئن ان خواب کي حقيقت جو روپ ڏيئي سگهون، ۽ سنڌي ادب جي گهٽگهرن جي ادبي اُڃ کي اُجهائي سگهون.

اسان جو ادارو محترم جمال ابڙي جو بہ شڪرگذار آهي، جنهن اسان کي هن مجموعي شايع ڪرائڻ جي پر خلوص اجازت ڏني آهي، پروگرام مطابق اسانجو ايندڙ ڪتاب "چونڊ سنڌي افسانن جو مجموعو" هوندو . جنهن ۾ هر دور جي افسانہ نگارن جي شاهڪار ڪانسواءِ افساني جي فن ۽ ارتقا تي هڪ جامع مقدمو بہ شامل هوندو .

محمد سليم ميمڻ
سيڪريٽري
ورسٽي سنڌي پبليڪيشنس
ڪراچي يونيورسٽي

هن ڪتاب جو پهريون ڇاپو سنه ١٩٥٩ع ۾ زندگي پبليڪيشن وارن ڇپايو. مان ڀاءُ حميد سنڌي ۽ سنڌس ساٿين جو ٿورائتو آهيان جن وڏي شوق سان محنت ڪري ڪتاب شايع ڪرايو. ڪتاب جو نالو به ڀاءُ ئي تجويز ڪيائون.

ٻيو ڇاپو جو توهان جي سامهون آهي سو حقيقت ۾ ٽيون ڇاپو هئڻ گهرجي ته درست ٿيندو ڇاڪاڻ ته سنه ١٩٧٢ع طارق اشرف ڪهاڻين جو مجموعو "بدمعاش" نالي سان ڇپائي پڌرو ڪيو ۽ سندس ڇپائي ڪتاب جون سڀئي ڪاپيون هڪ ئي ڏينهن ۾ صرف حيدرآباد شهر ۾ وڪامجي ويون.

مان سنڌ واسين جو ڏاڍو ٿورائتو آهيان جن هنن ڪهاڻين جو قدر ڪري انهن کي ۽ مون کي مان بخشيو ۽ هن ڪتاب کي ايم-اي جي ڪورس لاءِ منظور ڪيو.

منهنجي نظر ۾ صحيح ادب اهو آهي جو عام ماڻهن ۾ نه رڳو پنهنجي حقن جي ڄاڻ ڏئي، پر انهن کي حاصل ڪرڻ لاءِ سنجهن امنگ ۽ اتساهه ۽ پاڻ ۾ مڪمل اعتماد ڪري ته هو ئي پنهنجي طاقت سان پنهنجا حق ڦورو طبقن کان حاصل ڪري سگهن ٿا.

مان چئي نٿو سگهان ته منهنجون ڪهاڻيون هن ڪسوٽي تي ڪيتري قدر پوريون اينديون. بهر حال مون کي چڱي ڀر ڄاڻ آهي ته مون سنڌ ڌرتي جو حق ادا نه ڪيو آهي ۽ نه پنهنجو قرض چڪائي سگهيو آهيان.

مان صرف ايترو چاڻان ٿو تہ جناب اياز حسين قادري جي چوڻ تي مون ڪهاڻين ڪي وري نظر مان ڪڍيو، ۽ مون کي منجهن ڪاٿي مٿا سٿا ڪرڻ جي ضرورت نظر ڪانہ آئي، سوائي ڪن ڇاپي جي غلطين جي ۽ اکرن جي اڳتي پوئتي ٿي وڃڻ جي .

مان پروفيسر اياز قادري، سليم ميمڻ صاحب ۽ سندن ساٿين جو بيحد شڪرگذار آهيان، جن وڏي جاکوڙ ڪري، وڏي جاهہ مان ڪتاب جو هيءُ ڇاپو ڇپارائيو آهي .

جمال ابڙو
ڪراچي
١-٦-٧٦

فهرست

تعارف	الف
انتساب	ب
سان مرد	١
بدتميز	١٢
پيراڻي	١٦
شاه جو قبر	٢٠
بد معاش	٢٥
سنهن ڪارو	٣٢
هُو حُر هو	٤٠
ڪارو پاڻي	٤٥
مهرباني	٥٣
خميسي جو ڪوٽ	٦٠
لاري	٦٤
پشو پاشا	٧٢
پاڻا	٩٦
خط ۽ تبصرا	١٠٣

تعارف

ڪنهن ادبي مجموعي کي عام اڳيان آڻڻ کان اڳي، هيءَ هڪ رسم بڻجي چڪي آهي ته ان بابت ٻين جي صفحا تعارف طور لکجن يا لکرائجن. هڪ ڳالهه اها چيز ڏاڍي مفيد ۽ بامقصد معلوم ٿئي ٿي، خصوصاً تڏهن جڏهن ڪتاب جي مصنف جي فني ۽ تخليقي تجربن، ذهني لاڙن ۽ نظرين جو تفصيلي ۽ تدريجي مطالعو پيش ڪيو وڃي، ۽ ادبي دنيا ۾ سندس تصنيف جي اهميت ۽ افاديت جو جائزو ورتو وڃي. جمال ابڙي جي هن پهرئين افسانوي مجموعي، "پشو پاشا"، تي اهڙي نئي قسم جو هڪ مفصل جائزو ڪنهن اعليٰ اديب کان لکرايو وڃي ها، ته هوند بهتر ٿئي ها؛ تنهن کان به بهتر ٿئي ها، جيڪڏهن پنهنجن افسانن جو تعارف پڙهندڙن سان جمال پنهنجي قلم سان پاڻ ڪرائي ها. سرِدست، مون کي ته سچ پچ اهڙي ڪا خاص ڳالهه سُجهي نٿي ڪانه، ٿي اچي، جا ان سلسلي ۾ هتي آڻي پيش ڪري سگهان. حقيقت هيءَ آهي ته جنهن اوچي ادبي معيار تي جمال هن وقت پهتل آهي، ۽ جيتري قدر هو ٿوري ئي عرصي ۾ هڪ عام پسند افسانه نگار جي حيثيت حاصل ڪري چڪو آهي، انهيءَ تي

اوترينڊر ئي تفصيل ۽ توجهه سان لکڻ جي ضرورت آهي. ساڳئي وقت، سنڌ ۾ مختصر افساني جي صحيح معنيٰ ۾ ڄڻ ابتدا ئي اڃا هاڻ ٿي آهي، ۽ اسان جا اديب توڙي نقاد سنڌي افساني، افسانہ نگاريءَ جي فن، ان جي تازه ترين تنقيدي قدرن، توڙي ان جي لازمي جز بنجندڙ مقامي رنگ ۽ مزاج جي باري ۾ ڪن واضح نتيجن جو تعين نہ ڪري سگهيا آهن. اهڙيءَ حالت ۾ خود مختصر افساني جي صنف متعلق ۽ ان صنف جي ڪنهن معياري اديب جي ڪاوشن متعلق ڪا شمار ۾ اچڻ جهڙي ڳالهہ پوريءَ چنڊڇاڻ ۽ تورتڪ سان پيش ٿي سگهي، اهو البت هڪ دقيق ۽ تفصيل طلب معاملو آهي، جنهن لاءِ آءٌ پانيان ٿو تہ هنن صفحن ۾ نہ موقعو آهي ۽ نہ گنجائش ئي ڪا نڪري سگهي ٿي. هن مجموعي جي ڪن افسانن تي رسالي ”مهراڻ“ ۾ چڱو خاصو تنقيدي سلسلو هلي چڪو آهي، جنهن ڪي پڻ ڪتاب جي آخر ۾ شامل ڪيو ويو آهي: انهيءَ مان مصنف جي فني صلاحيتن، سماجي نظرين، ادبي نيتيءَ، سوچڻ جي سليقي ۽ سندس هڪ ڪامياب افسانہ نگار هجڻ جو ڪافي حد تائين اندازو لڳائي سگهجي ٿو. جمال جي فنڪارانہ خوبين بابت، اجمال طور، آءٌ وڌيڪ صرف ايترو چوندس تہ هو هن وقت چوٽيءَ جي سنڌي افسانہ نگارن ۾ هڪ منفرد ۽ اعليٰ مقام

تي [illegible]ز آهي.

زنده ٻولين جي نئين ادب جي اشاعت کي اوترڻيقدر ئي اهم ۽ ضروري سمجهڻ کپي، جيترڻيقدر سندن قديم ادب جي سهيڙڻ کي. ادب، ساڳئي وقت، انساني سماج کان متاثر به ٿئي ٿو، ۽ ان تي اثر انداز پڻ. هڪ دور جو ادب، ان کري، ٻئي دور جي سماجي صورتحال کي جنم ڏئي ٿو: گويا اسان جو موجوده معاشرتي معيار اسان جي گذريل ادبي ۽ ثقافتي ڏارائن جي عملي صورت آهي، ۽ مستقبل جي سماجي نظام جي تشکيل وري اسان جي موجوده فکري تحريکن تي منحصر آهي. قديم ۽ جديد ــ ٻنهي قسمن جي ادب جي حفاظت ۽ ترقي، ان کري اسان لاءِ لازم ۽ ملزوم هئڻ جي هڪ اڻل حيثيت وٺي بيهن ٿيون.

ادب انساني سماج جي پيداوار به آهي، ته ان جو عکاس پڻ. سماجي ۽ تاريخي تبديلين جي اثر هيٺ، وڌندڙ سماجي شعور ۽ بلندتر ذهني معيار جي پيش نظر، ادب پنهنجي هيئت ڏوڙي اسلوب جا نت نوان روپ اختيار ڪندو پئي رهيو آهي. داستان گوئيءَ ۽ داستان نويسيءَ وارو ابتدائي ادب، مختلف مرحلن مان گذرندو، اڄ مختصر افسانې جي صورت وٺي اچي بيٺو آهي. بلاشبه، اسان جو هي ادبي دور "مختصر افسانې جو دور" آهي. پنهنجي وقت ۽ ماحول جي مخصوص مسئلن، زندگيءَ جي ترقي پذير

شعور، ۽ سماج جي موجوده ذهني ڪيفيت ۽ مزاج سان مطابقت قائم رکڻ لاءِ، اڄ جي فنڪار "مختصر افساني" کي وجود ۾ آندو آهي. نئين ادب جي هيءَ نمائنده صنف هڪ ڳالهيئن ڪذريل مڙني فني تجربن ۽ روايتن جو نچوڙ ۽ حاصل آهي. سنڌيءَ ۾ پڻ، ٻين سڌريل ٻولين جي مناسبت ۾، ڪم از ڪم ڳذريل پنجويهن ڏيهن سالن کان سٺا سٺا ترقي پذير ۽ تعميري افسانا لکجي چڪا آهن - خصوصاً 'ورهاڱي' کان پوءِ جا لکيل اڪثر افسانا اسان جي ادب جو بيحد قيمتي سرمايو آهن. ڏاڍو چڱو ٿئي، جو سنڌي ادب جو هيءُ بهترين ۽ تازه ترين مواد ڪنهن خاص اهتمام، ترتيب ۽ سليقي سان ڪتابن ۾ محفوظ ٿي وڃي. سنڌي ٻوليءَ کي هوئنئن به ڪو باذوق، دور رس نگاهن وارو، اورچ ۽ سليقه مند ناشر ڪڏهن خيرڪو نصيب ٿي سگهيو آهي، پر بدقسمتيءَ سان هن وقت ته اهڙو ڪو ادارو، ڪم از ڪم هتي سنڌ ۾، موجود ئي ڪونه ڏسڻ ۾ اچي، جو جديد سنڌي ادب جي باقاعدي ۽ معياري اشاعت لاءِ تيار هجي. "زندگي پبليڪيشن" جا نوجوان ۽ حوصله مند بانيڪار انهيءَ ڏس ۾ جيڪو تحرڪ وٺي رهيا آهن، سو بيشڪ ڪارگر ۽ قابل قدر آهي.

جديد سنڌي ادب جو هرڪو پڙهندڙ جمال ابڙي جي نالي کان واقف آهي. جمال انصاف جي ڪرسيءَ تي

ويٺل هڪڙو سرڪاري ملازم آهي. زندگيءَ جا
ڪيئي مسئلا هر روز هن جي اڳيان چڙندا ۽ لبرندا
رهن ٿا. انصاف جو تورازو اڪين تي پٽيءَ ٻڌل هٿن
سان ڀ سنڌين ڪاڻي تڙي سگهي ٿو، پر ان مان
ڪنهن کي نيت ڀ ڇا ٿو ملي، پڇي سگهي؟ تنهنڪري،
زندگيءَ سان انصاف ٿئي، ان لاءِ انصاف جي قلم
سان گڏ ڪجهه قدر حبيباڻو هٿ ۽ عدل سان گڏ
ٿورو گهڻو فضل جو ڦيرو مڙيوئي ضروري آهن.
جمال انصاف جي ڪرسيءَ تي ويهي، انڌي قانون
جي لٺ ڪهڙيءَ طرح گهمائيندو ٿو رهي، تنهن جي
خبر ته ڪيس هوندي، ۽ ممڪن آهي ته سندس
’فتوائن‘ جي پڙهڻ مان پڻ پڇي سگهي، جن کي
لکندي لکندي ڪجهه عرصو ٿيو ته سندس هٿ ئي
لکڻ کان ڪيس جواب ڏيئي بيهي رهيا هئا، ۽ پوءِ
ساندهه ڀ سال هٿن کان وڌيڪ پنهنجيءَ دل کي ڏتارڻ
۾ گذري ويس، ۽ بنهي کي آپاري آپاري مس مس
وڃي نيٺ هٿن کي لکڻ لاءِ ۽ دل کي انصاف جي
ڪرسيءَ تي وري ويهڻ لاءِ آماده ڪري سگهيو.
جمال جي ’افسانن‘ ۾ بهرحال زندگيءَ جي مسئلن جي
چيڙي نبيريءَ جو هڪ عجيب مهر ڀريو انداز موجود
ڏسجي ٿو – ۽ هڪ ڪامياب افسانہ نگار لاءِ هيءَ
هڪڙي ڳالهه ئي لک جي برابر آهي ته هن جي دل
۾ زندگيءَ لاءِ محبت ۽ احترام جا جذبا موجود هجن،
۽ کيس زندگيءَ ۾ ڀرپور اعتقاد هجي.

۱۹۰۲ع ۾، هڪ جيلن جي سڌارڪ خاتون، ڪلارينس ڊرو، آمريڪا جي ڪُڪ ڪائونٽي جيل جي نظر بندن کي خطاب ڪندي چيو هو: ”ڏسو ته قانون ڇا آهي... جڏهن اوهان جو ڪيس عدالت ۾ پيش ٿئي ٿو، ته ڇا هيءَ ڳالهه اوهان لاءِ ڪو خاص فرق رکي ٿي ته اوهين ڏوهي آهيو يا بيڏوهي؟ اوهان جو ڇوٽڪارو ته بس هن ۾ آهي ته اوهان جي بچاءَ جو وڪيل قابل هجي- ۽ قابل وڪيل اوهين تيسين ڀَڏي ڪين سگهندا، جيسين اوهان وٽ رقم نه آهي... هي قانون دراصل انهن جي ئي حفاظت لاءِ آهن، جي دنيا تي حڪومت ٿا ڪن ... جيڪڏهن عدالتون انصاف واسطي قائم ٿيل هجن ها، ته هنن ڏوهارين لاءِ به ڪو بچاءَ جو وڪيل مقرر ٿيل هجي ها- اهڙوئي هوشيار ۽ قابل، جهڙو مٿن ڪيس هلائڻ وارو وڪيل آهي- ۽ هن کي اوهان جي بچاءَ واسطي اوتري ئي رقم ملي ها، ۽ هن جي مدد ۾ اوترا ئي جاسوس ۽ ٻيا نائب وڪيل موجود هجن ها، جيترا ڪجهه اوهان تي ڪيس هلائڻ واري اوهان جي انهيءَ مخالف وڪيل کي ميسر آهن، جنهن جي سموري ڪوشش صرف هيءَ ٿي رهي ته ڪنهن طرح اوهان تي ڏوهه ثابت ٿي وڃي ۽ اوهين سزا کائي وڃو.“ جمال پنهنجن افسانن ۾ اهڙن ئي سماج جي ڏوهارين، انصاف کان محرومن، مجبور ۽ بيڪس انسانن جي طرف کي پيش ڪيو آهي، ۽ انهن جي ئي

بجاءِ ۾ پنهنجي پيار ۽ انسان دوستيءَ جا تمام امنگ ۽ جذبات پڙهندڙن جي اڳيان آڻي پيش ڪيا آهن. پنهنجي ئي ڏتڙيل ماحول ۽ سادي زندگيءَ جي بنهه سادن پلاٽن کي ڪٿي ڪري، انهن جي پس پرده جو دک درد ۽ جا پيڙا لکل آهي، جمال ان سڀ جون اهڙيون ته دلگذار تصويرون ويٺي چٽيون آهن، جو انهن کي ڏسندي هرڪنهن کان پنهنجو ذاتي دک درد ته انهيءَ ئي دم وسريو وڃي، ۽ هرڪنهن جي دل ۾ پيار ۽ قياس جي جذبن سان گڏوگڏ همت ۽ حوصلي جي قوت ۽ عمل جو احساس پڻ جاڳي ٿا اٿن. زندگيءَ ۾ نفعي کان اڪثر نقصان زياده ضروري پئي ثابت ٿيو آهي– پوتو ڌرتيءَ مان تڏهن ڦٽي ئو نڪري، جڏهن ٻهريائين ٻج جي هستي فنا ٿي ٿئي. افسانوي ادب جي دنيا ۾ پڻ اثباتي ۽ افادي، بارآور ۽ ڪارآمد ڪردار، تنهنڪري اِهي ئي سماج جا ڌڪاريل، هيٺا، مرڻينگ، مظلوم، ديوانا ۽ درد جا ماريل شخص ٿا ٿين؛ ۽ جمال جي افسانن ۾ جا بجا اِنهن ئي الله جي پيارن ۽ انسان جي لوڏيل ۽ عتابيل شخصن کي مکيه ۽ اهم ڪردارن جي حيثيت ۾ پيش ڪيو ويو آهي.

هن مجموعي ۾، پئي چڱي خاصي تنقيدي مواد سان گڏ، جمال جا ڪل تيرهن افسانا پيش ڪيا ويا آهن، جن مان اڪثر سنڌ جي رسالن ۾ اڳي ئي شايع ٿي چڪا آهن. انگريزيءَ جي جڳ- مشهور فطرت نگار

شاعر، ورڊس ورٿ، هڪ پيري رستي ويندي، شهري زندگيءَ جي گوڙ گهمسان کان بلڪل دور، ٻهراڙيءَ جي خاموش ۽ پاڪيزه فضا ۾، ڪنهن حسين و جميل ۽ معصوم ڳوٺاڻي نينگريءَ جو ڪو دل لياڻيندڙ ۽ امنگ ڀريو گيت ٻڌي ورتو هو، ۽ هڪ پيرو ٻڌل اهو گيت هن جي دل جي ڪنن ۾ سڄي عمر گونججندو رهيو. حسن جي سحر آفريني لازوال آهي. حسين شي جو مشاهدو ۽ مطالعو جيترو گهڻو، اوترو ٿورو. مختصر افسانو نثري ادب جو معراج آهي، ۽ نثر آتي پهچي وڃي شعر ۽ تغزل سان همدوش ٿو ٿئي. ڪامياب مختصر افسانو پنهنجيءَ جاءِ تي لفظن جي چونڊ، معنيٰ ۽ مطلب جي وسعت، جذبات جي لطافت ۽ گهرائيءَ ۽ پنهنجي آخري تاثر جي لحاظ کان نثري شعر آهي. ۽ جمال ڪامياب افسانا لکي ڄاڻي، ان لاءِ سندس هي افسانا شاهد آهن، جيڪي هن مجموعي جي صورت ۾ پڙهندڙن جي خدمت ۾ پيش ٿي رهيا آهن.

— محمد ابراهيم جويو

ڪراچي
١- سيپٽمبر، ١٩٥٩

انتساب

تنهنجي نالي، جنهن جي خبر صرف توکي آهي.

منهنجي دل جي ننڍڙي ۽ ڪچڙي ”رباب“ کي تو پنهنجي آڱرين جي ”الف“ سان ڇيڙي ڇڏيو. نئون ننڍڙو رباب، اڃان ٻي ڪا تان سکيو ئي ڪونه هئو. بس تنهنجي نالي جا نغما آلا پيندو رهيو. دل جي ڌڪ ڌڪ، نبض جي هلچل، ساهه جي اچ وڃ مان تنهنجي نالي جو هلڪو هلڪو ساز وڄڻ لڳو. منهنجو سڄو بدن تنهنجي نالي جي تان سان نرڙڻ لڳو. منهن جي دل ۽ ساهه جي ڦڙڪڻ، سڄي فضا ۾ تنهنجي نالي جو نغمو ڦهلائي ڇڏيو. منهنجي جسم جي ذري ذري مان، تنهنجو نالو ڦٽي ڦٽي ٻاهر نڪرندو رهيو. تنهنجي نالي جا ننڍڙا رابيل منهنجي چوڌاري هوا ۾ اڏامندا رهيا. مان سڄي سڌ ٻڌ وڃائي، تنهنجي نالي جي رابيلن جي سونهن ۽ سڳنڌ ۾ ڪم ٿي ويس.

اها ابدي سونهن ۽ سڳنڌ ڀلا ڪيڏانهن ويندا! اهو دل جو رباب ڪيئن بند ٿيندو! قيامت تائين وڄندو رهيندو. پوءِ به وڄندو رهندو. سڄل ديوتائن کي اٿاريندو رهندو. ٿڌي ۽ ڪومل گونج سان جاڳائيندو رهندو. ٽٽل ربابن کي ڇيڙيندو رهندو. ڪائنات جي خلائن ۾، زمان ۽ مڪان جي بندشن کان بي نياز، اها ابدي گونج پيدا ڪندو، جو هر جز ۽ ڇيري اجهائي

سينل تي ويندي. پوءِ ڪنهن جو ساز نہ ٽٽندو ڪنهن جو "رباب" نہ ڀڄندو.

ڏس تہ سهڻين! تنهنجي ناليءَ چا تہ ڪري ڇڏيو. منهنجي جذبات جي نفيس تارن کي ڇيڙيو. منهنجي دل جي گهراين ۾ ترنم پيدا ڪيو. منهنجي دماغ ۾ تنتن ۾ طلاطم وڌو. ڇوليون ۽ لهرون اٿيون، اٿل ۽ ٻوڏ ٿي. ڇا ڇا نہ ٿيو.

تنهنجا لڪ تورا. تو منهنجي جسم کي جلائي، پڇائي، هڏڀائيون ڪري ڇڏيو. ان مان ڇڻنگون نڪتيون. هاڻي سڄو تن تنبورو آهي.

مان تہ نہ اديب هئس نہ خان. پر تنهنجي ناليءَ سان "هم" آهنگ ٿي ڇا نہ ٿي پيس. اعتبار نٿو اچيئي. ڏس نہ، مان پاڻ تنهنجو هڪ شاهڪار افسانو بڻيو وڃان. هي جگر پارا تہ انجي آڱرين مان نڪتل ڪي چند ڇڻنگون آهن. ان جي جسم مان جي مسلسل شعلا ۽ جوالا ڦاٽي فضائن ۾ جذب ٿي ويا، تن جو نہ ڪا تو ئي ڪونهي.

توکي هي ڇيڙا وڻن نہ وڻن، پر آهن تہ تنهنجا. لڪڻ مهل ائين پيو ڏسان تہ تون مٿان آهين. پوءِ تہ اکيون ۽ ڳل گرم ٿيو وڃن. جگر جا ٽڪرا، دل جي اونهائين مان ڪيندو، هڪ هڪ ڪندو، توکي ڏيکاريندو وڃان، اڳيان رکندو وڃان. ڪيڏي نہ چاهنا اٿم تہ تون انهن کي پنهنجو ڪرين، تنهنجا ئي تہ آهن!

هتن ۾ ڪا چڙني موتي عشق جي ڳالهہ ڏنہ؟
پلا منهنجو پيار ڪو پنيءَ ہوڙ، گوڏي ہوڙ تہ ڪونہ
هو- تارئون تار هو، اٿاهہ سمنڊ هو، بس پيار ئي پيار
هو- اتي سون ڪروڙين دليون لڙهنديون ڏنيون،
ڦٿيل ۽ ڦٿڪندڙ- انهن سان پيار ۽ توسان پيار ۾
ڪو فرق ؟- پيار پيار سان مليو- روئي روئي مليو-
هنجون هاري مليو- جوش ۾ آيو، آپامپو- لهرون آيون،
چوليون آيون- وير چڙهي، اڳتي وڌي ڪاهي آئي،
وڌندي رهي- ٻہ چار ڦڙا ڪٽي، مان توڏي ڍڳس-
ڪروڙين دلين جو نچوڙ، توکي ڏيکاريم، توکي ٻڌايم-
پيار جو سمنڊ ڪاهيندو اچي- ڪوڙ ۽ ڪلفت کي
ٻوڙيندو اچي- پيار وارا مرڪڻ لڳا- اتي آدر ڀاءَ ڪرڻ
لڳا- تون سنديس آجيان نہ ڪندين؟-

آءٌ تہ تنهنجي قربت ۾ هي رباب وڄندو رهي،
سونهن ۽ سڳنڌ کي ذکيڙيندو رهي- تنل تارن کي
جوڙيندو رهي- وسريل نغمن کي ڳائيندو رهي-

تنهنجي نالي ... تنهنجي نالي ... تنهنجي نالي ...
تنهنجي نالي تنهنجو جمال-

"ماءُ مڙن"

جنهن ٻار پيدا ڪيا ۽ پاليا، جنهن سڄي عمر پيار ۽ خلوص سان خدمت ڪئي، جنهن پنهن جي سونهن ۽ عصمت ڏني، جنهن ڏک سک ۾ ڳوڙها ڳاڙي صبر ۽ شڪر ڪيو، جنهن پنهنجو خون انساني گلڙن کي پياريو. ڇا ان لاءِ سنڌس پنهنجي ملڪ ۽ پنهنجي جيون ساٿيءَ وٽ به جاءِ ڪانهي.

ماءُ تڏهين ننڍو جوانڙو هجان ڳاڙهو ڳاڙهو ڳنڍول، لڳ سڊول. پاڻ کي پاڻ ڏسي خوش پيو ٿيان. تيل ڦليل ڪري وارن کي سينگاري ٻاهر نڪران، ٻانيان ته سيڪو پيو مونکي ڏسي.

ڪنهن ڇوڪريءَ جي مونتي نظر پيئي ته ٻڪ ٿي ويندم ته ضرور مونتي فدا ٿي هوندي.

ننڍڙي معصومڙي دل، پوءِ ته ولي پنهنجا منڙا ناڏڪ لاهيندي. گل جهڙيءَ نينگريءَ کي پنهنجو ساٿي سمجهي ڇا ڇا نه سانس خيالي رهاڻيون ڪندو هوس. چرچا ڀوڳ، ٽهڪڙا، ارڏائيون، دادلن جي دنيا.

طبيعت ۾ چلولائي اڪيئي هئم. ٻائيندو هئس، ته ڪي رنگ رليون من مستيون ڪجن. روح پيو اڏامندو هو. ڪڏهن جبلن جي چوٽيءَ تي، ڪڏهن ڪڪرن جي مٿان، ڪڏهن ڇولين جي سيني تي، ڪڏهن ته سمنڊ جي تري ۾، مرجان ڳوليندو وتندو هوس. ڪڏهن

سهارا ۽ گوبيءَ جي پٽن ۾ اڃ ۾ ماندو ٿي سج جي تپش ۾ بدنصيب مسافرن جي کوپرين ۽ هڏن ۾ ليٽڙندو وتندو هوس.

منهنجي چلولي طبيعت، ۽ جوانيءَ جي رنگين نظرين مونکي هڪ هنڌ ٽڪاءَ ڪرڻ نه ڏنو. ملڪ ملڪ مان ٿيندو، هڪ اهڙي ملڪ ۾ اچي نڪتس، جتي بس مون سان ڪيس ٿي ويو. منهنجي ڪچڙيءَ وهيءَ کي چڻ ته ڪنهن مٽ ۾ نپوڙي لڳڙو ڪري ڇڏيو. زندگيءَ جو نچڪو، ٽپڪو جيڪو بل ڀيو ڏيندو هو، تنهن جو چڻ ته ڪرنگهو ڀڳي، ڪنهن لولو لنگڙو ڪري وڌو. حياتيءَ جو هڳاءُ ۽ زندگي جي سرهاڻ سڀ چوسجي ويئي. اربين السنا، ڪروڙين تمنائون، هزارين ذهني تجويزون سڀ دٻجي دفن ٿي ويئون. مون لاءِ دنيا ئي مري مليا ميٽ ٿي ويئي.

وچ آفريڪا جا گهاٽا اونداها جهنگل ڏٺين وارا ٻيلا، نانگ بلائون ۽ اجگر. گوريلن جهڙا شيدي، ڪارڙا، اچيون عقابن جهڙيون اکيون، ڪنين جهڙا وار، قئي ڀيئي اچي. راتو رات ٻڌي کڻي قيد ڪيائون. ڊپ ۽ ڏر ڪان اک نه کلي، ”هنا ـــ هو“ جا آواز نغارن جا رانياٽ، ڀالن جا کڙڪا، هنيانءَ پيو ڦرڪي. ننهن چوليءَ ننگا، ڪناريون هٿن ۾، جان کڻي ڏسان ته سڀ عورتون، مرد هڪ به نه. هوش اڏامي ويم. عجب جهڙا آواز ٿي ڪيائون. نندڙا دق ٿي وڄايائون. ٿلهي ڳگهي آواز ۾ ڳائي، ڳائي نچڻ لڳيون.

خنجرن ۽ ڀالن سان مونکي ڌڪا ڏينديون کهلينديون هڪ غار ۾ آيون. اتي ڪن ڪمزور مردن کي ڏٺم، جي ٻارن جي ولڙن سان، هيڏن سارن جانورن کي، کلن سوڌو باهه ۾ پچائي رهيا هئا. منهنجي ته ڪل مان نڪاءَ نڪري ويا.

اهڙئن مان سمجهيم ته مونکي ضرور کهنديون، نيٺ اهو وقت اچي ويو. شور مچائينديون، گوڙ ڪنديون، مونکي هڪ سندر جهڙيءَ غار ۾ وٺي آيون. اتي ٻيم جهڙيءَ ڏائڻ مورت زائفان جو وڏو ٻوڏو ٺهيل هو. ان جي اڳيان ڏٺم ته رت جا گيها لڳا پيا هئا. ٻه چٽيون نينگريون پوتيون، ڪنواريون ڪنيون بيٺيون هيون. هڪ چٽيءَ ڪٽر ڪان جهلي، بوتي وٽ آندو رڙ ڪري بيهوش ٿيڻ وارو هوس، ته هڪ ٻي جهڙي ڪراڙي ڏائڻ اچي مونکي ڳرانڙي ٻاتي ۽ هڪ ٻکر کي ڪنار هٽي اتي ڪٽائون. پوءِ ته ناچ ۽ ڳاني جو هنگامون مچي ويو.

مونکي بعد ۾ اهو معلوم ٿيو ته اهو بوتو ماتا ديويءَ جو هو، ۽ ساڻ سوڻ ڪري مونکي هن ڪراڙيءَ جي حرم ۾ داخل ڪيو هئائون. مونکي ته ڏندڻ پئجي ويا. چيم خدايا ٻکر هجان ها ته چڱو، هڪ وار ڪسجي وڃان ها، يا عمر جهنم جو عذاب ته نه ڏسان ها. ڪيئن هن ڪراڙي ڪوڳ سان عشق ڪندس.

ان مهل پنهنجي سنڌ ديس کي ساريم ٻاڙي واري رئندڙ نازنين ياد پيم، جنهنکي ست ورهين جي ٻوڙهي

سان ٿي پرڏايائون. الا! جي هينئر منهنجي روبرو ائين ٿئي، ته سيني جا ميچالا ٻچي پوڙهي جو نرگهٽ پٽي، ان نازنين کي جيئدان ڏياريان. ويچاري شاديءَ جي قنبر ٿي، مون وانگر ڪسجڻ لاءِ تيار هوندي، ڪنوار ٿيڻ لاءِ نه. ائين ڀانيم ته ان نازنين کي به نڪاح وقت اهڙائي پوائتا جهنگلي، اگهاڙا نرلجا انسان نچندا ۽ واڇٽ ڪندا نظر آيا هوندا.

گهڙي نه گذري ته اها ڏندري ڏائڻ مونکي وٺي پنهنجي پونگڙي ڏي ويئي. ڪاري رڏ، چپ پيا لڙڪنس، هڪ ٻچڙي ۽ پوائتي، ٻيو اگهاڙي، سڄي گهنج گهنج. منجهانئس ڏپ ٿي آئي. چپن جو ڊول ٿاهي، ٻيلا ڏند ڪڍي ڪٽي چمي ڏنائين. لڦ جهڙي لڳڙي بدن ۾ ڪٽي جهليائين. مون سان چا چا نه ڪيائين. ڪپڙا ڦاڙيائين، لڱ ڦاڙيائين، دل ڦاڙيائين، چيهون، چيهون ڪيائين.

ٻڌو هئم ته "وقت" ڦٽ جو ملم آهي. پر هت ته ويران ويروڌ هئي. جڏهن منهنجي جوانيءَ کي اپاري نه سگهي، تڏهن موچڙو ڪنيائين. هڻ جو اٺ ته رت ۾ ٻاڙهو. نه ڏٺي نه سائين، پنهنجا چڏي وڃي پراون ۾ پيو هوس.

هار مجي لجي ٿيڻ بدران، اٿلو مونتي ٽڪر پچڻ لڳي. چي هڙو تهڙو، لڪ وڊيو، گهر سان سچو نه آهي ضرور ڪٽي اک اڙي هونديس. مون واري سس ۽ ساهيون به اچيو چنبا هڻن ۽ پوندا گهروڙي ڏين. چي

ڪاريءَ تي ٻيهر پيو سون، جو پنهنجي وسن جهڙي مومل جو هن نياڳي سان پلؤ انڪايوسين.

منهنجي زال کي صلاح ڏنائون ته ڪهينس، پر هن پوڙهيءَ کوڳ جو سڙيئي کو مزنتي هرک هارجي ويو هو، سا آنا ڪانا ڪرڻ لڳي. نيٺ مون واري سالي تيار ٿي ته مان ٿي ڪهانس.

ڪاوڙ ته ڏاڍي لڳيم ته هيءَ ٽياڪڙ ڪير، پر هوءَ چوي غيرت جو سوال آهي. مونکي اکين ۾ پاڻي ڀرجي آيو. پنهنجي پياري ديس ۾ مون ائين ڪڏهن نه سوچيو هئو، ته زائفن کي به غيرت ٿيندي آهي، ۽ هو به مڙسن کي ڪارو ڪري ماري سگهن ٿيون.

هڪ رات وجهه وٺي ڪڙي ڪنيم. نوعمر بلڙو، اڻجاڻ، پتو نه پوي ته ڪاڏي وڃان. مٿان وري بادشاهي زائفن جي، جتي جيڪا مليم، سا ڪٽيو قابو ڪريم. چڻ ته مان انسان نه، پر بيجان ڪسرت گاهه هئس. منهنجي جسم جو ذرو ذرو لٻي چڏيائون. پاڻ ڪان بچان اچڻ لڳم.

ذڪن تي وڪامجڻ لڳس. مٿان وري قهر اهو ٿيو، جو معاملو بـرادريءَ ۾ پيش ٿيو. اوڙي پاڙي جون سرداڻيون پڳڙ ٻڌي ڳڏ ٿيون. مونکي موچڙا هڻي اصلوڪيءَ زال جي حوالي ڪيائون.

خدا خدا ڪري منهنجي گهر واري، جا هنئين قبر جي ڪنڌيءَ تي هئي، مري پئي. مون لک شڪرانا بجا آندا. پر اجي پيو مڻ مٿو. سندس نندڙيون وڏيون

وارثياڻيون اچي اتڪيون ته هن جوان تي حق منهنجو آهي. ڇڻ ته ماں ڪا ملهه ڳڏي وستو هئس. نيٺ مونکي به ورهائي ڪنيائون، جنهن ساليءَ جي حصي ۾ آيس، تنهن مونکي وڪڻ چاهيو، پر مونکي ڪو وٺي ڪونه. پوڙهيون پوڙهيون جي پاڻ چار چار مڙس رکيو ويٺيون آهن، سي به ڪٽيو نڪ ڇپو ڪن، ڇي ڪنوارو ڇوروئي آهي، نه مائي نه ڪير وٺندو.

مونکي ته ڀاهه وٺي ويئي، پاڻ ڪهڙيون ڪنواريون هيون. هار سينگار ڪري لوفرن وانگر ويچارن شريف گهر ويٺل لڄارن ڇوڪرن کي خراب به ڪن، ۽ مٿان چون ته هيءُ ڇورو خراب آهي، اسين نه وٺنديوسين. پوءِ به سيڪو بيٺو، ڏاڙهي ڇنگيون، پيو اهڙين لوفرياڻين کي منٿون ڪري ته اسان جو نينگر قبوليو. منهنجو شان هي بي عزتي برداشت ڪري نه سگهيو. ڪو ويچارو معصوم نينگر هڪ وار پلجي پيو ته عمر لاءِ ڇٽو! پاڻ ڀيري ٻناڪ پيون هٽنديون، ته اسان سان هيترا کي هيترا ڇوڪرا ٿهيل آهن. ڀلا جي هڪ هڪ کي سريت هوندا ته ڪهڙو ڇوڪر ٻچيل هوندو. ڪن به پاڻ ته پڌرن به پاڻ. ڪهڙو نه ملڪ جو انڌو رواج هو. جهنگلي ڪنهن جاءِ جا، مونکي ته هن ملڪ جي ماڻهن تي ڇوڪرين تي آيون. ڇير ته ڇوڇڙي ڏيئي ڪٽي ساڙيان. منهنجو منڙو ملڪ ...... مان ڇپ تي ويس. منهنجا لڳ ڪاندار جي ويا. هن جهنگلي ملڪ جون زالفون ته انين چونديون هيون، ته اسان ٻني آهيون،

۽ اسان کي حق آهي، تہ پنهنجي پسند جو سٺو ۽
سهڻو ٻچ وٺون. منهنجي ملڪ جي مڙدن کي ڪهڙو
عذر هو؟ منهنجو ڪنڌ هيٺ ٿي ويو!

هڪ منڊ ڙيءَ، گابو ڏئي مونکي خريد ڪيو. ڪيس
سنگ نڪي ملبو. سدائين مونکي چوندي هئي، تہ ڏس
تہ مان ڪمڙي نہ پهلوان آهيان. مون هينئن ڪيو،
مون هوننئن ڪيو، مونکي بہ همت نہ ٿئي جو ڪٿي
چوانس تہ ڪسيرو بہ ڪونہ لهين، يا ڪٿي سندس وڏ
جو ذڪر ڇيڙيان. ٻاڻ ٻيءِ ي مونکي اٿي ويٺي پئي
لوئيندي هئي، ڇي ڪو ڪر نہ اٿيئي، ڪو لڇڻ ئي
نہ اٿيئي، ڇڻ نہ مونکي نڪا دل هئي، نڪا پنهنجي عزت.

ٻيهر پڳس. ساڳي ڪار، جنهنجي هٿ چڙهان،
سو چار ڏينهن رهائي وڪڻيو ڇڏيم. اندري نرگري هئي.

ڏڪا ڏاٻا کائيندو، ڊورن وانگر وڪامندو اچي
هڪ نئين قبيلي ۾ نڪتس اتي جي سردارڻ جان
تان ڇڳيري نندي نينئي هئي. هن کي مان وڻي ويس.
ڪٿي نڪاح ۾ آندائين. مان بہ رلي رلي ٿڪو هئس،
بغاوت ۾ ڪشمڪش چڙهيون هئي مري ويئي مٿي
چانئو ڪري ويهي رهيس. هوريان هوريان منهنجي بہ
دل سانئس ٻجهي ويئي. هيترين سارين ڪارين پوٽئين
۾ هوءَ مور هئي. مون ڪيس خوش رکڻ جي هر ڪا
ڪوشش ڪئي، ڪين گهٽايم. ساني پچائڻ، چنڊ قوڪ
ڪرڻ، ٻاٽي ٻرڻ، جوءِ جا پگهر هاٿان سنگهن لڳل
ڪپڙا ڌوئڻ، ۽ رات جو ڪيس زور ڏيڻ. سڄو ڏينهن

هڏ هٽندو هوس. تڏهن به هوءَ مهٽو ڏيئي وٺندي هئي، جي گهر ويئي تا ڪائو. اندر ۾ وڏ پنجي ويندا هئم. پيار جو اهو قدر ڏسي روئي ويهندو هوس.

ڪڏهن ڪٽي ناز ڪيم ته مونکي به شڪار تي ساڻ وٺي هل، ته نٽائي ڇڏيندي، يا مورڳو ڇڙٻ ڏيئي ڪڍندي. بس ان مهل دل ٽڪر ٽيندي هئم. پلا ڪيئن سمجهان ته هن جو پيار سچو هو.

پاڻ پيري ڳالهين ڪندي، ڳالهه ڪندي، ته فلاڻو ته ڏس ڪهڙو نه ٺاهوڪو جوان آهي. ڪڏهن وري پنهنجي ننڍي هوندي جي عشق جو ذڪر ڪندي هئي. هاءِ الله! نٽي ڄاڻائين ته منهنجي پيار ڀريءَ دل تي ڪيڏا نه زخم ٽي ڪيائين. مان ڳگدام پلا ڇا ٽي چئي سگهيس. منهنجي جذبن جو وٽس ڪسيرو به قدر ڪو نه هو. جنسي مڱ تي ڏريائين. ساڙ ۾ پچرندي مون به هڪ لڳا چئي ڏنو مانس ته، تنهنجي فلاڻي ساهيڙي ڪهڙي نه ٺاهوڪڙي آهي. ڪاوڙ ۾ ڪاراڻجي ويئي اٿ ڪٽي اچي ورتائينم. ڏاڍا ويڙ ڪڍيائين ۽ ديڪ ڏنائين. روئي، روئي ڪٽي چپ ڪيم. ڪيئن نه پنهنجي ملڪ ۾ اسين مڪمل آزاديءَ سان زالن جي زخمن تي ائين لوڻ ٻرڪيندا هئاسين.

سال گذري ويا، ڪيئن ٻار ڄاوم. ڪٿو نٽي پڪس ڏينهن جو هڏ هٽڻ، رات جو اوجاڳو ٻارن جو روج ۽ راڙو. مٿان بيگم صاحبه جو مزاج رکو ٽيڻ لڳو. ڳالهه ڳالهه تي چڙڻ، ڪهرو ڳالهائڻ، گهر ڇڏي وڃڻ.

مان ته منجهي پيس. تنهن کم تي زور رکيم. وقتي زال جي دل وٺڻ جا جتن ڪيان ته ٺوڪ هڻيم. جي: هن عمر ۾ نخرا، چڙ ته پاڻ مون کان ننڍي هئي.

پتو تڏهن پيو جڏهن هڪ ننڍي نيٽي نينگر سان شادي ڪري آئي. بس اها رات مون لاءِ قيامت هئي. ماندو ماندو پئي ٿيس. اکين آڏو منهنجي دل گهري زال ٻئي سان سيج تي ويٺي آهي!

مٿان ٿي ڪريس. پاڻي وجهي ٿي ڏندڻ ڀڳائون، ۽ سهرا به ڳائيندا ٿي آيا. هجي ها پنهنجو ملڪ ته سيج تي گلن بجاءِ ۾ لاشا هجن ها!

ڏينهن اهو ٿيو، مان ننڍين لينگر جو منهن ڳڌو ڏوڪر ٿي پيس. هئڻ ته هڪ ٺڪر جڙ ڪاچ پر منهنجو اندر ڪاڏو پيو هو، روح ۾ جڏبن کي ڪنڊا لڳل هئم، هٿ سان سينگار ڪرائي وڃي ڪيس زال اڳيان ويهاريندو هئس.

منهنجي پارن لاءِ به آزار مچي ويو، سارو ڏينهن موچڙن ۾. کين ڏارئي هٿان ڪٽبو ڏسي هنيانءَ پيو ڳهٽبو هئم چوڪرا ڏوڪر بڻجي ويا. چوريون پاڻ زوريون لوفرن‌و اندر رلنديون ٿي وتيون. مان به اچي پوڙهو ٿيس. تڪ لعنت پئي وسيم. هيٺا هڏ، ڪم نه اچيم ته ٽڪر نه مليم. چوريون ۾ ۾ مڙس ڪري هليون ويون، مونکان پڇيائون به ڪونه. باقي ويچارا ۾ چوڪرا، منهنجي حال تي ڳوڙها ڳاڙي بس ڪيو ويهن. چيم ته ڪنهن چڱي هنڌ سندن سڱ ڪيان، پر منهنجي زال ڪٿي

اڪيون ڦوٽاريون. چي: مان سردار، اهو منهنجي شان وٽان آهي، جو مان نينگرن کي اٿاريان. منهنجا ته ڏاڪ لڳي ويا. رت جو ڏڪ پڙي مات ڪري ويندس.

منهنجو وڏو ڇوڪر ته جواني ڪاٽي ويو. اچي پريا پيس. ننڍي ته هڪ ڏينهن روئي اچي ڳراٽڙي پاتم. دل جو حال ڪري ڏنائينم ته فلاڻي مونکي ڇڪي پيئي. مون به ڪيس پڇائي ڪڍيو. منهنجي زال اچي ڪاوڙي ته منهنجو نڪ وڍجي ويو. مونکي پڻي ڪل اچي ته ڇوڪرو جوان جماڻ، وڃي شادي ڪيائين، هن پوڙهيءَ رن جو ڪهڙو نڪ وڍيو. ڇگو ڪيائين، وڃي گهر ٺاهيائين. ها البت، اسان جي ملڪ جي ڪا ڇوڪري پڇي وڃي ته.........واقعي نڪ ڪپجي وڃي ....مان ڪيارڙي ڪنهن لڳس.

هڪ ڏينهن منهنجو وڏو نينگر رئندو اچي پيرن کي چنبڙيم. چي: "ابا سيکهه ڪر پڇ." امڙ کي خبر پئجي ويئي آهي، ته تو ادي کي پڇايو آهي. ڪهاڙي ڪنيو ٿي اچيئي. منهنجو من جهجي پيو. پٽڙي کي نرڙ تي چمي ڏيئي ڪانئس هميشه لاءِ جدا ٿيس.

پوڙهو ڪک ٿي ويو آهيان، ستر سالن جو. ڇمڙو پيو لڙڪيم. گل پيهي ويا اٿم، پروون اچا، دردر جون ٺوڪرون ڪائيندو وتان. پنهنجي اولاد کان جدا. ڳوڙها به سڪي ويا اٿم. پيماني تي هٿ رکيو، لٺ کنيو دور دور ڪنهن کي پيو ڳولهيان. پاروٽو ساروٽو پن جو ٽڪر ڪڏهن مليم ڪڏهن نه............

اهو آهي پيچاڙيءَ ۾ حال. ٿڪر کيي لاءِ دڙڪا، ٿاپا ۽ ڌڪا. جنهن ٻار پيدا ڪيا ۽ پاليا، جنهن سڄي عمر پيار ۽ خلوص سان خدمت ڪئي، جنهن پنهنجي سونهن ۽ عصمت ڏني، جنهن ڏک سک ۾ ڳوڙها ڳاڙي صبر ۽ شڪر ڪيو، جنهن پنهنجو خون انساني گلڙن کي پياريو، ان لاءِ سندس پنهنجي ملڪ ۾ ۽ پنهنجي جيون ساٿيءَ وٽ به جاءِ ڪانهي............ملڪ جي مٽيءَ جو ذرو ذرو سندس خدمت ڪري ته به هن جي ڪِٽن جو بار لاهي نه سگهي.

ملڪ جو خيال ايندي، منهنجي دماغ ۾ جوالا ڦاٽي پيو. نه نه منهنجو منڙو ملڪ اهڙو ڳِٽ چور نه آهي، ستر ورهين ۾ ضرور مٺيو هوندو. ڪو جهنگلي پوتن جو ملڪ نه آهي. منهنجي ملڪ جي مٺياوار ماڻهن ضرور ڪوپن وانگر ڪنڌ به ڪپائي پنهنجين گگدام مائرن، ڀينرن ۽ نياڻين جا نير ٿوڙيا هوندا. پر جي نه، ته.........منهنجون پوڙهيون نسون ڦنڊ جي پيئن. هزارن ڪوهن تان پيو چا ٿي ڪري سگهيس. نشتر هٽي رت ڪڍيم. رت جي ڌارا سان هيءَ پيغام لکيم. جي توهان تائين پهچي وڃي ته پوڙهي جي رت جو قدر ڪجو! مڙس ٿجو!

”بد تميز“

مان ساڻس گڏجي
ڏانگي ڏائين آيس
ڏهين روپين جو
نوٽ ڪٽي هٿ ۾
ڏنومانس. ڪلي
واپس ڪيائين،
”واه صاحب، مان
اهڙو بد تميز
آهيان“.
ٽانگو روانو ٿي
ويو. ڦيٿا ڦندا ويا،
سنبن جي ٽاپ ٽاپ
ٽانگي جي ڪڙ ڪڙ
۽.......بيل گاڏيءَ
جا چيڪٽ ملي هڪ
ٿي ويا........
”بد تميز........
بد تميز... ... ...
بد تميز........“

مان مئجسٽريٽ آهيان. پئسي وارو آهيان، مچيءَ مائيءَ وارو ۽ ڪجهه هلنديءَ پڄنديءَ وارو. منهنجي ڪـِڪڙي بيمار ٿي پيئي. سج ٻي لٿو، پڄندو ڊاڪٽر ڏي ويس.

ڊاڪٽر صاحب جي ڪمائيءَ جي سيزن، موسم هئي، ڪتو نه ٿي پڇيو. نرڙ ۾ گهنج، چڙيو چڙيو ٿي ويو. مريض پيچ پيچ تي، هي دڙڪن تي. مونکي ڏسي مشڪيو ”اچو سائين.“ دلداري ڏيئي چيائين، اجهو ڏا هلون. تڪڙ ڪانه هئي ويهي رهيس. ڇيو مانس پلي ڪم اڪلائي وٺ.

هڪ ڏيکي گـاڏي ڇيڪٽ ڪري اچي بيٺي. ٻلال جي تيلن تي، ڪَتَل ۽ گريءَ راليءَ ۾، بيمار بيٺو ٿيو پيو هو. جوڻس ٽيڪ ڏيئي وٺي آيس اڌڙوٽ عمر جو، ڪڏون پنجي ويهن هئس.

اتر ٻي لڳو پر هن جي قميص کي ٻيڙا ڪوله هئا. ماس ڪوريل

ٻاسيريون، مٿان انساني ”چمڙو“ ...... سيءَ جو بچاءُ ......
الله سائين جي عنايت جو ڪليل اظهار.

ڏاڍي لوچ پوچ هئس، زبان تارون سان ٻي لڳس.
”ڊاڪٽر صاحب ٻاهر“ ڊاڪٽر ٻه ڏانهس ڪجهه ڏيان
ڏنو. ”سوڍا پيءَ.“ مائيءَ مڙس ڏانهن ڏٺو، مڙس
زال ڏانهن. گهڻو ئي ڪجهه ان گهڙيءَ ۾ نظرن سان
ڳالهايائون. مائيءَ کي جيئن نه ڪو سخاوت جو غلبو
اچي ويو. ”ڊاڪٽر، مٺي (سوڍا) پئي.“ ڊاڪٽر هو
ڪم ۾ رڌل جيائين هائو. مائيءَ پنهنجي وڏي گگهي
جي ننڍڙي کيسي مان ٻه ٽي آنا ڪڍي ڊريءَ ۾ جهليا.

مائيءَ جي ڪڇ تي، بيمار جي ولي عهد، خالي
چولڙي ۾، هونگڙون ڏيندي، پيشاب ڪري ڏنو.
ڦينگون ٽي ويون. ٻار به رنو، ڊاڪٽر به خفي ٿيو.
مائيءَ ٻاهر وڃي چولو نپوڙيو ...... مٺي سوڍا رهجي
ويئي. ڪنهن نه ورجائي.

مريض ڪنڊ ۾ ڊنو پيو هو. اڌيي ڏاڙهي، اڌيا
وار، اکيون پيٺل، وحشت ڀريل، منهن جي روءِ
ڊونهاٽيل. چڙ ته حياتيءَ هٿ پير هڻي ڊنگ ڪيو هو.
موت جي هڏائين پڃري جا ٽڏا چنبا چڙ تي وڌندا،
وڌا ٿيندا، هن جي ڪمزور جسم کي وڪوڙيندا، نپوڙيندا
ٽي ويا ...... سندس ننڍڙو پٽ، ريڙهيون پائيندو، سڌو
اچي ٽي نڪ کان جهليائينس. ماڻس ڪٽي ٽي ٻري ڪيس.
ڊاڪٽر سندس پيٽ کي لڏائيندي چيو. ”ڇا ٿيو
آهي.“

"ڏهون ڏينهن ٿيو آ. هنيانءَ ۾ چڪ". ڇپ چباڙيندي، مٿ پڪوڙيندي، انتهائي ايذاءَ جو اظهار ڪندي، مريض چيو. "اهڙي ڪا دوا ڏي، هنيانءَ ٺري پوي."

"سٺي هٽان، سٺي هٽان؟" ڊاڪٽر واپاري انداز ۾ چيو، "چار روپيه لڳندا."

بيمار ۽ سندس زال وري هڪ ٻئي کي ڏٺو. ٻئي چپ رهيا. ڊاڪٽر کي جواب ملي ويو.

نسخو لکڻ شروع ڪيائين، عينڪ جي مٿان نهاريندي پڇيائين "گهٽن ڏينهن جي دوا کپي. ستن ڏينهن جي ڪيان." ڊاڪٽر، گگهي واري ننڍڙي ڪيسي جي ٻاڙائي، چڱيءَ طرح تاڙي ويو هو.

"چئن ڏينهن جي ڪرينس." مريض پاڻ چيو.

ڊاڪٽر نسخي تي ڪجهه ترڪيو ۽ ڪمپائونڊر ڏانهن اماڻيائين.

مائيءَ دوا ورتي، پئسه ڳڻي، وري ڳڻيائين. ڪليل هٿ ڪٽي ڪمپائونڊر ڏانهن ڪيائين. ڏره گهٽ هڙئي پئسا ميڙي ويس. مائيءَ جي منهن تي اعتراض پوءِ منٿ ۽ آخر ۾ رئڻ جهڙا اهڃاڻ اچي ويا. سئي نه لڳي ته ٻ..........

"ڊاڪٽر، ڪائي چاءِ؟"

"کير، ڪشمش، نارنگيءَ جي رس."

مائي ويچاري چپ ٿي ويئي. "ڊاڪٽر پت ڪائي."

ڊاڪٽر باهه ٿي ويو، "جيڪي وٽيس سو ڪائي. توهان نه مڙندؤ، مري ته ڀر پت ضرور ڪائو."

مائيءَ مڙس کي تيک ڏني، سهڪندو، ڪنجهندو وجي پلال تي ڪريو. سٺي ڪانءِ لڳي، ۽ ڪائڻ لاءِ ڪنڪٽيءَ جا داڻا پاڻيءَ ۾ ٽچڪندا نظر آيا.

گاڏي چيڪٽ ڪندي رواني ٿي. مٺيءَ سوڊا ۽ نارنگيءَ جي رس ڪان پري. مائيءَ جو سرتاج، ابهم جو پيءُ، هن ننڍڙيءَ نظام شمسيءَ جو مرڪز، اوندهه ۾ غائب ٿيندو ويو.

ڊاڪٽر مون سان گڏ جي هليو. ننڍڙيءَ کي ٿپاسائين، اڌ منو ڪلاڪ ويٺو. سٺي هنيائين، دوائون ڏنائين، دوائون لکيائين ۽ پوءِ ٻاهر نڪتو.

مان سائس گڏ جي ٽانگي تائين آيس. ڏهين روپين جو نوٽ ڪٽي هٿ ۾ ڏنو مانس. ڪلي واپس ڪيائين، ”واه صاحب، مان اهڙو بد تميز آهيان.“

ٽانگو رواڻو ٿي ويو. ڦيٿا ڦرندا ويا، سنبن جي ٽاپ ٽاپ، ٽانگي جي ڪڙ ڪڙ ۽...... بيل گاڏيءَ جا چيڪٽ ملي هڪ ٿي ويا...... ”بد تميز...... بد تميز ...... بد تميز......“

"پيراڙي"

ٻروهين جا ڪتا سنڌين کي ڏسي چِتا ٿي پيا. هوءَ هامچائي ڏنائون. پيراڻي پٺيءَ اگهاڙي چنڊا ڪليل، پٺي وجي ماءُ جي چولي کي جهليائين لالوءَ جي پيءُ ڪيس هٿ لائي ڏنو.

پيراڻيءَ جي پيءُ پڪاڻي ڪندي چيو، "ڏبرو (ڏٻري) ناهي." ڪتن پونڪ نه ڇڏي. ڳوٺ جي ٻاهرئين رستي تائين پونڪندا ڊوڙندا آيا ڪين ٻاهر ڪڍي پڇ لوڏڻ لڳا ۽ بدن کي ڌوڻي ترڙي ڀَڪَڙي ويا. هنن پنهنجو فرض پورو ڪيو.

ٺڪر تان ٻروهين جي لڏ ٿي لٿي. سياري جي شروعات هئي. جابلي پٽن تان خشڪ هوا سنهڙيون پٽريون کهليون ٿي ويئي. ٻه ٽي ڏاند هئا، جن تي سامان لڏيل هو. هڪ اٺ جنهن تي ٻانس جون لئيون ۽ ڏنڊا، سنڌ ۾ وڪڙي لاءِ ڪنيل هئا. پٺيان ٻه ڪتا پڇ لوڏيندا پيڪا ٿي آيا. مڙدن جا پير اگهاڙا، سٿڻون ڦاٽل ۽ لنڊيون. مٿن ۾ عاليشان ٽڪرن وارا، پرت پريل ميرا ۽ گندا ٽوپ، وڏا وار، خشڪ، اٽيا ۽ چيڙهه پيل. زالن کي سهٽي ڪٽل پرت سان ڍڪيا گگها. ڏاندن تي وڏا ٻورا رکيل، جن ۾ ڏاس جا وٽيل رسا پيل. ننڍڙا ٻار ڏاندن تي چڙهيل، مائٽن کي سنها لڪڻ هٿ ۾ جن سان ڏاندن کي هڪليندا ٿي آيا ۽ سريلو "هي-هون" جو آواز ٿي ڪيائون. شڪلين جا سهڻا ۽ شاندار بدن جي بيهڪ ٺاهوڪي.

هڪڙي هنڌ مانجهاندو ڪيائون.

ڪوڏڙيءَ مان ٺڪل مانين جا ٽڪر سيني، ڪي ملي ويا. ٻئي ٻجڪي مان ٺڪل ڏڌ جا اڇا ٽڪر ڪڍي پاڻيءَ جي جمن ۾ وڏائون ۽ سيني ٻ، تي ڍڪ پريا. ننڍڙي نون سالن جي پيراڻيءَ چيو، "سنڌ ۾ شيون ڪوڙ ۽ سٺيون سٺيون." پٺس توپ لاهي جونشن هاٿو مٿو ڪنهيو. ماڻس خفي تي ڏانهس نهاريو. پين ٻارن جي آڏو مٺين مٺين شين جون خيالي قطارون گهمي ويون.

سنڌ ۾ ٻلال جي جهوپڙن ۾ ويئا، ٻلال تي سمهيا ۽ ٻلال جا جوتا ٿاهي ٻاتائون. ٻانس جون لٺيون ۽ ڏاسن جا رسا وڪيائون. ڪليون ڪيائون ۽ ڪيٽون ڪڍيائون.

سيارو گذريو ۽ موڙهه جا سانباها ٿيا. ٻارڙن ڪي شيون ڪونہ مليون.

وچھ ڪان اڪيرِ پيراڻيءَ جي ٻيءُ زال جي منهن ۾ ڏٺو. سندن اکيان سچ ۽ ٻک ڦري ويئي. جونس هيسجي پيراڻيءَ جي چولڙي کي ڏٺو، جو اڄان هاڻي ڏوڏي وڏو هنائين. سندس خاموش بيوس اکين ۾ انڪار ڪين هو!

پيراڻيءَ جو ٻيءُ ٻر واري ڳوٺ ۾ آيو. "سلاماليڪ" ڪيائين "ادو ڪو "سنڪ" ڪي؟" ٻيءُ جو مطلب ڏيءَ کي وڪڻڻ جو هو. سنڌ ۾ سنگن جي اڻاٽ. ڪيترن جا پڙ ٻاسيل هئا. "شل ٻادشاهه پير سڀ جي پڄائي." لالوءَ جي ٻيءُ پٽ ڏي ڏٺو، مڇن جي ساول، آواز ڳکهو، ڏاڙهيءَ جا چڏا چڏا ڪنپ ٻه نڪا هئس.

پڻي چٽا بروهيءَ سان ڳڏجي ويا. بروهين جا ڪتا سنڌين کي ڏسي چٽا ٿي پيا. هوءَ هوا مچائي ڏنائون. ڀيراڻي پٽيءَ اکهاڙي چنبا ڪليل، پڇي وجي ماءُ جي چولي کي جهليائين لالوءَ جي پيءُ کيس هٿ لائي ڏنو.

ڀيراڻيءَ جي ڀيءَ ڀڪائي ڪندي چيو، "ڏبرو (ڏبري) ناهي." ڪتن ڀونڪ ڇڏي. ڳوٺ جي ٻاهرئين رستي ڏانئين ڀونڪندا ڊوڙندا آيا. ڪين ٻاهر ڪڍي ٻيچ لوڏڻ لڳا ۽ بدن کي ڏوڙي ٿڙي ڀڪڙي ويا. هنن پنهنجو فرض پورو ڪيو.

ڳوٺ جي ٻاهران 'ست' روپين تي فيصلو ٿيو. اڄ بروهين پنهنجا تڏا پٽيا. مڏي ويڙهجي سيڙهجي، ڏاندن تي پڇجي ويئي. ٻارڙن ڳوٺ جون ڳالهيون تي ڪيون. ڏڪر جون ۽ ڏڪر جي ڀيرن جون. لالوءَ جو ڳوٺ واٽ تي هو. ڀيراڻيءَ جي ماءُ ڀيراڻيءَ سان بلڪل لڳي ٿي هلي. پڻس به کيس آگر ڏني هئي. "ابا هاڻي ڳوٺ ٿا هلون." پڻس ڪنڌ سان هائو ڪئي. سندس اندر ڪاڏو پيو هو. ماڻس محسوس ڪيو ته، ڪا وڏي شيءَ سندس ڇاتيءَ ۾ اٽڪي بيٺي آهي، جا ٻاهر نڪرڻ لاءِ اڌ ما پٽي ڪائي. لالوءَ وارا اڳيئي بيٺا هئا. ماڻس مشين وانگر ست ڏيئي ڀيراڻيءَ کي ڪٽي ورتو، ۽ ڇاتيءَ سان چنبڙايو. ماءُ ۽ ڌيءَ جون دليون ڌڪ ڌڪ ڪرڻ لڳيون. ماڻهو مڙي ويا. پڻس ڏڪندڙ هٿن سان ڀيراڻيءَ جي ٻانهن کي ڇڏايو. ماءُ جو هنيانءُ ڦسي پيو، آنڊا وڍجي پيا، دل ڏانهن ڪئي. "اڙي

منهنجو پيراڻي ننڍڙو." ڇوڪريءَ هنيانءَ ڦاڙي دانهن ڪئي. ٻڪي پڙڪو ڏيئي اڏاميا.

پٽ ۾ ٻيل پيراڻيءَ کي لالوءَ جي پيءَ جهليو. پيراڻيءَ جي پيءُ جي نڪ ۾ اکين جو پاڻي سندس ڏاڙهيءَ مان ٽي ٽميو ۽ ڦڏڪندڙ زال کي ٻئي جهليائين. لڏ رواني ٿي، پيراڻيءَ اوٻاسين ۾ "ابا ۽ اما" پوڪاريءَ. ماڻس کي گهليندا ويا، ۽ پري ڪان آواز ايندو رهيو، "او جي خدا، منهنجو پيراڻي ننڍڙو. او تڪر کي باهه لڳي، سنڌ وسي، منهنجو پيراڻي ننڍڙو." هن وار پٽي پٽيا.

ڦڏڪندڙ پيراڻيءَ کي گهر ڪٺي ويا. هن ٻل پٽي ڪاڏا، چڙهيون ٿي هنيون، ٻکي ٻکي ٿي ويئي. لالو ڊوڙندو شيون وٺي آيو. زور سان سندس وات ۾ مصري وڌائون جا اجهڪي سان نڪري آئي. ٻاراڻيءَ ڪچيءَ نڙيءَ مان گگهو آواز اچڻ لڳو، اوٻاسين ۾ سڏڪن ۾ ٻکل، ٽٽل، "ابا ......، امان ......" ٿي نڪتس. ڪنهن ڪيس سڏ نه ڏنو. لالوءَ کي باهه وٺي ويئي، ڪاتي ڪٺي آيو. اکيون ڦوٽاري چيائين، "بس ڪر نه ته ڪهندو سانءِ." منيءَ ۾ ٻيل پيراڻيءَ سڀي رهيل طاقت سان چيخ ڪئي ...... مائيءَ ٻاڪل پنهنجي ننڍڙيءَ ڌيءَ کي ڇڪي ڇاتيءَ مان لاتو. ٻکريءَ ڪن اپا ڪري ٻيڪات ڪيو، ۽ پنهنجي ڦر کي چٽڻ لڳي.

پيراڻي اڄ به جيئري آهي، سندس هڪ پٽ پوليس وارو آهي، ۽ ٻيو جيل ۾ آهي.

"شاهه جو ٿر"

ممڙي اکيون کولي پيءُ کي دانهن ڏني "ماما... شائين... پيشو." پٽس ممڙيءَ جي مٿي تي هٿ رکيو. سندس وار وار کڙو ٿي ويو. هن اصل نه رنو. سندس بدن مان چڻگون ٿي نڪتيون هن جون ناسون ڦوڪڻار جي ويون، مُڪون پيڙجي ويون ڏند ڏندن سان ملي ويا، اکيون هڪ هنڌ کپي ويون، و ٻون ننڍيون ٿينديون، ويون ننڍيون ٿينديون، جڻ ته ڪات هئا، ۽ چيائين ته "شاهه جو ٿر."

مريم ڏاڍي وڻندڙ هئي. سڀ کي چوندي هئي "ماما." پنجن ڇهن سالن جي ٻارڙي هئي. وار ڪڪا، گلابي رنگ، ۽ ننڍڙيون ٻانهون اهڙيون گول، ۽ وڻندڙ جو ڇا ڳالهه ڪجي. پير اگهاڙا، مٿو اگهاڙو، سنهڙي پوتي ڳچيءَ ۾ وجهيون پٺي ڊوڙندي، ڪاندي ۽ ڪڙڪندي هئي، جهڙو ڦونو. ڪنهن ڪان نه ڊڄندي هئي. ڊوڙندي ڊوڙندي ڪنهن کي پٺيءَ ۾ مڪ هڻي ويندي — وڏي ٽهڪڙا ڏيندي. سڄي ٻاڙي لاءِ وندر هئي. سڀ کيس چيڙائيندا هئا ۽ چوندس "ممڙي،" هوءَ وري وات ڇٻو ڪري، اکيون ٽرڏائي، چيله تي هٿ رکي، چوندي، "ممڙا". دوڪان چڻ ڳوٺ جي اوطاق هو. جيڪو ڪم ڪان واندو ٿيو، سو اچي دوڪان تي وهندو هو. ڪو صندل تي، ڪو کٽ تي، ڪو پير جي هيٺان پٽ تي. ڪنهنکي ڇبي لوهي ڪرسي هٿ ايندي، ته ڪو سر هيٺان ڪري

ويڙهي رهندو. پوڙها، حڪي تي، ته ننڍڙا ٻيڙين تي ٻيا ڪنگهندا، ۽ ڪالڪارا اچليندا. ڪي ڪهٽي ڪم جا نپوڙيل، ته ڪي ڳٽتين جا ڳاريل. ڪنهن جو رت چوسيل ۽ رڳون ڦونڊيل، ۽ ڪي وري اڻپوري خوراڪ جي ڪري ڪباٽيل. ڪنهن جا ٻرون پورالن وانگر ستي چڪيل هوندا. ڪو ڪاوڙيو ايندو، ڪو ٻيگر وهي آيو هوندو. ته ڪنهن تي تازي پوليس جي سڻن آئي هوندي. ڪي بنا ڳالهه، جي ٻيا ڪلندا، ۽ توڪون ڪندا، ۽ ڪي هيسيل ڪوئي وانگر اکيون ٻيا مچڪائيندا ڪي ته نفرت مان ڪنڌ ٻاسيرو ڪيو، پٺيرا ويٺا هوندا، ڇو ته جيڪي ٿئي پيو، تنهن سان واسطو ئي ڪونه اٿن.

مڙي سيني لاءِ بنا پٺسي ناٽڪ هئي. ڪنهن موڙهل جي منهن ۾ جوهه وجهي وٺي ٽهڪ ڏيندي. ڪڏهن ڪنهن ڪاوڙيل جي ڪلهن تي ٿپو ڏيئي وٺي لوڏيندي. ڪڏهن لڪي لڪي ڪنهن جو نڪ ڪٽي جهليندي. سڀ ڏند ٽيڙي وٺي ڪلندا، مڙي وٺي پڄندي. جنهن سان حرڪت ڪئي هوندائين، تنهن جو هوريان هوريان ٻاسو اچي وٺندي چي، "ماما پٺسو ڏي." جي پٺسو نه هوندن ته به پنهنجي ڪنڌي ڪيس شيءِ وٺي ڏيندا.

سندين وڏين دلين تان ڇو ته ڪو ڳورو بار مڙي پنهنجي ننڍڙن هٿن سان ريڙهي ڪٽي پري ڪندي هئي. مڙي هار اصل نه مڃيندي هئي. جي ڪو پٺسو نه ڏيندس ته چوندي، "ماما جون ڪيانءِ." پوءِ ته پنهنجن

ننڍڙن نهن سان وار پٽي ڪڍنديس. ڪو ڏڙڪو ڏيندس ته ويچارا ڪڍندي، خالي هٿن سان الڙون ڪندي، پڇاڙيءَ روئي به وهندي. جنهن وقت چپ ٻاهر ڪڍي، هٿ اک تي رکي ڏڪا ڀريندي هئي ته ڳوٺاڻن جي رکي، ٿوٽ زندگيءَ جي سموري محبت گڏ ٿي اچلون ڏيندي هئي. ممڙيءَ کي بي اختيار جهلي، هوا ۾ جهپي ڪٽي هيٺ رکندس. ممڙي شرمائجي، مشڪندي ۽ چرچائيندڙ ڪي هوريان ٿڦ هڻي ڪڍندي اهو سندس فتح جو اظهار هو.

پيءُ لاءِ ته بي بها خزانو هئي. ماٺ ڪيو وينو مشڪندو ۽ خوش ٿيندو هو. ٻين جي چوڻ تي پيءُ کي به چيڙائيندي هئي. ڪيس ڏک هڻندي، نڪ پٽيندي، ۽ ويچارا ڪڍندي هئي. جي ٻڌس ڪاوڙجي شوڪي نهاريندس، ته ڊوڙي وڃي ڪنڌ ۾ ڪيس چنبڙندي هئي. سندس هار مڃڻ جي اها خاص نيشاني هئي. پيءُ کي به چوندي، "ماما."

پيرل شاهه ڪو شهر جو چڱو مڙس ڪونه هو، پر سڀ ڪيس سائين پيرل شاهه چوندا هئا، سيد جي سڏائيندو هو! ڳوٺ جي پرئي مڙس کي ته ڪو ليکندو ئي ڪونه هو. هو غريب پنهنجي مٽي ڪنهڻ ۾ پورو هو.

پيرل شاهه کي چڻ سرڪار دوجهان وٽان سرٽيفڪيٽ مليل هو، ته ڏون افضل ۽ اعليٰ آهين. بوڪڙو ملا به سندس هٿ چمندي ڏاڙهي پيا ڏڪائيندا هئا. عام رواجي ماڻهو ته سندس موچڙي ستيا هئا. سيني جو

ڪم هو ڪيس ”پيرين پوڻ“. سندس چڏي ۽ ٻي ڏولي ڏاڙهي ڪاڏي طرف وريل هوندي هئي. سدائين سرمو پائي تيل هڻي نڪرندو هو. ڪنڌ مٿي جهلي، ٻوله ٻاهر ڪڍي، ٻانهن جي لوڏ سان پاڻکي ڏڪيندو هلندو هو. سپاٽي جي ڪڙي پير سان ٺڪاءَ ڪندي ايندي هئس. ڪنڌ مٿي هوندو هوس، پر اکيون نور واڪر ڦرنديون ايندڻ هئس، ته ڪو مونتي ته ڪلي ڪوڏ ٿو.

شاهہ لنگهندو هو تہ ممڙي ٻہ ماڻ ٿي ويندي هئي. سندس وچڻ ڪانپوءِ ڪنڌ مٿي ڪري، پير مٿيءَ سان گسائي، ٻانهن کي پوئتي سٽي، ڏڏڪ، ڏڏڪ ڪري هلي ڏيکاريندي هئي. جي شاهہ ڪنڌ ورائي پوئتي ڏسندو هو، تہ منهن ڦيرائي وات تي هٿ رکي کل کي روڪيندي هئي. ان وقت سندس شرارت ڏسڻ وٽان هئي.

اڄ ممڙيءَ ويچاريءَ کي پئسو ڪونہ مليو هو. ٻريان پيرل شاه ٻي آيو، ٻهريائين ته هيسجي ويئي، پر پوءِ ٻانهن سڌي ڪري، ٺيڏڙو هٿ وڌائي، ڪنڌ لاڙي، ايلاز سان چيائين، ”ماما پئسو ڏي“. شاهہ کي چڻ ته ٿاپو اچي ويو! ٻانهون لوڏيائين، مٿو لوڏيائين، ڪنڌ اچان بہ مٿيرو ڪيائين. ”ماما!“ شاه کي گف وهڻ لڳي، ٻاهہ ٿي ويو. ”ڪتي جي ڏيءَ..... تنهنجي تہ......“ ممڙي هار ميڄ تي هريل ئي ڪونہ هئي. هڪدم ٿونشو ٿاهي، هيٺئين چپ کي چڪ هڻي، اکيون ڦوٽاري بيهي رهي. چيائين ”ممڙا“ پر اڄ سندس مقابلو

ڪنهن ڀتي جاڙور سان هو. شاهه بڪُهڙ واري رومڙ ڪيو سڌو هليو آيو. ”امتڙ ٿي اهلبيت ڪي مامو ڪ ي؟“ هڪ ٿي لت سان مرڙي ليٽڙيون پائيندي ويئي. ڪانئس هڪ دانهن نڪتي. ”شائين“ شاهه سچو ڪاوڙ ۾ ڀي ڏ ڪيو. چٺن چٺن ٿي جهليس. چي: ”اهلبيت ڪي مامو“ ”اهلبيت ڪي مامو“ جنين ٿي شاهه ان تي غور ڪيو، تيئن تي ڪيس اها ڳار وڏي نظر آئي.

ٻيءَ پنهنجي ڏيءَ جي مٿان ويٺو رهيو. مرڙي اڪيون ڪولي ٻيءَ ڪي دانهن ڏني. ”ماما...... شائين... ... پيئو“ پٽس مرڙيءَ جي مٿي تي هٿ رکيو. سندس وار وار ڪڙو ٿي ويو. هن اصل نه رنو. سندس بدن مان چٽڪون ٿي نڪتيون. هن جون ناسون ڦوڪارجي ويون، مکون پيڙجي ويون، ڏند ڏندن سان ملي ويا، اکيون هڪ هنڌ کپي ويون. ويون ننڍيون ٿينديون. ويون ننڍيون ٿينديون، چڻ ته ڪات هنا ۾ چيائين ته ”شاهه جو ڦر“.

”بد معاش“

هو وڏو بد معاش هو. پهرئين نمبر جو. ڪوڙ، دغا، فريب، چوري، ڌاڙو. هن جي ڏائي هٿ جا کيل هئا. چپٽين ۾ ڏوهه ڪري وٺندو هو. حرام جو قياس پويس. خار ۾ چپ ڪيو، بيٺو ڏسندو رهندو هڪ ڀرون هيٺ، اک چنجهيل، ٻيو ڀرون مٿي، ڏند ڏندن سان مليل، ناسون ڦوٽاريو، چيتي وانگر شڪار کي تاڙيو بيٺو هوندو. بس بس ڪري ولبي حملو ڪندو. آئندا ٻاهر.

ڏاڙهي جهڙي ڪهاڙي ڪلهي تي، ڪنيو، شينهن وانگر جهنگ ۾ ڦرندو وتندو هو. شل نه ڪير کيس للڪاري. ماٺ ڪري ڳالهه اوچو جهلي، کيس ڏسندو. پيرن ڪان مٿي تائين ٻه، ٽي دفعا. وٺي ڪجڪوڙ ڪندو. واگهه وانگر چال ڏيئي، اچي شڪار تي ٽٽندو. ڪهاڙين جو شوقي، ڪو سيڪنڊ ٿي ويندا

چيلهه سنهي، ڇاتي ويڪري، ڪلها آيل، جن کي تاءُ ڏيئي اکيرن

اهائي اک چنجهي، واڇ لڙيل ڀرون هيٺ مٿي. پڇڪ ڪري ڪٽي ڏک اڇليندو. هڪ لڳا ڏينهن ڏٺي جي ڏاڙو هنيائين، سڄي ڳهر کي ڪٽي مٽ ۾ ڪيائين. جو جتي، سو تتي، هيسيل ۽ چپ. هي ڳالهه اوچو ڪيو، ڀرون تائيو، ٻي آيو ۽ ويو. اڳ ۾ هلندي پير هيٺان ڪو راندڪو اچي ويس. ادائي سالن جي ٻارماءُ جي ڪچ تان دانهن ڪئي. ”ڪنڊر حلامي.“

ڪرڙيون ڪيو، ڀِر ڀِر ۾ مست ٿيو وتندو. ڪنهن تي ڦلڪ نہ آڻيندو. ننڍي ڪان ئي نود هو. ٻڙس ڪٽي ڦڙڪڙ پڇي رکندو هوس، حرام جو سڌو ٿئي. ٻرڙات پيا پوندس. لتون، مڪون، چنبا، ڳهل ڳهلان. هجيس ماءُ تہ ڇڏائيس! نيٺ رڙيون ڪرڻ بند ڪيائين. پيو مار کائيندو، ڪڇندو نہ. ڀانئيندو تہ پيءُ جي ڏاڙهي پٽي رکي، پر ڏاڍو هوس. اوڙو پاڙو تپائي ڏنائين. ڀاڻ جيڏن کي سٽيو ڪٽيو هليو ويندو.

ٻارن جا ماءُ پيءُ رڙيون ڪندا ايندا. هٿ ايندن تہ ڪٽي رکندس. پنهنجو ٿورو ئي هئن! نہ تہ ٻہ ڀڻس کي دانهن ڏيندا. ڀڻس ڀاڻ مان ئي ڪڪ! سڀ سور ساڙهن مان ئي ڪڍندو هو. ڏوهہ ٻين جا مار هن تي، ”ڪو انهين تہ ڪونہ آيو هو.“ اهڙو ساڙ ٿيندو هوس، اهڙو ساڙ ٿيندو هوس،......ڏاڍو ساڙ ٿيندو هوس.

چوندو هو، ”بيهہ وڏو ٿيان!“

ڪيئن نہ واٽئي جي چلڪٽي ڪپڙي کي هٿ لاتو هئائين! واٽئي چماٽ وهائي ڪڍيس. ڀڻس بہ ڪٽي چنبو هنيس. پيءُ تي ڏاڍي ڪاوڙ آيس.

”پيٽسان سوئر!“ لنڍو هو، سور پي ويو.

ڇورو ڇنو، ميرو چولو، ڦاٽل ڀٽڪو. ان لپ ڪانہ جو شيءِ وٺي. پيا ٻار جهول ڀريو، چوس چوس ڪيو، ڳگهڙا وليو، پيا پورائيندا هئا. هيءُ اڪيلو مٽي تي ٻانهن رکيو، اڪيون ڦاڙيو، بيٺو ڏسندو. ٺڪر جو جنب

ٺڪر جي ڳاڏي، ٺڪر جو اٺ، ناڪيليءَ سان. دل چوندي هيس ته هٿ لائي ڏسان. پر ڪير ٿو ڪنهن کي هٿ لائڻ ڏئي. نڪ جي چوٽيءَ ڳاڙهي ٽي پوندي يس. وٽي هڪ ٻاسي پڇندو. ڪنڌ ۾ منهن ڪري، پٽ تي ليڪا پائيندي، پيو چپ ڪيندو، ۽ سنگهه اگهندو. سڪي سڪي رانديڪو چورايائين. سانڍيو پيو سانڍيندو هوس، لڪي لڪي راند ڪندو هوس. ننڍڙو ڪافور جو گڏڙو، وڏين اکين سان، چٽ ته پاءِ هوس. ڪيئن نه پٽس ڪسي ورتس! سڏڪا ڀريندي، مار کائيندي، کائيندي، ٽپا ڏيئي ڏيئي، رانديڪو ڇڏائڻ جي ڪيائين. ويچارو گڏڙو پٽس جي پيرن هيٺان چيپاٽجي ويو هن ڏاڍيون رڙيون ڪيون. پيءُ کي "حرامي" به چيائين. پٽس لتون به هنيس. ان ڏينهن ڏاڍو رنو. پڳل گڏڙو کڻي، پنهنجي منهن وري به رنو. ٺڪرڙا ميڙي، اڳڙيءَ ۾ ويڙهي، ٻاري ۾ وجهي ڇڏيائين. ڏينهن اهو وري نه رنو. پيءُ ته ڏٺي نه وڻندو هوس. پيلا لڳن جو کهڙو ٺڪر هوس، جنهن تي پٽس جا پادر نه وسيا هئا. وڏو ٿيو ته لٽ کڻي کنيائين، جي: "متان آيو آهين!" پٽس سمجهي ويو وري نه ڪڇيو. پين ماڻهن سان ته ازلي وير هوس. پيلا ڪير سانس چڱيان هليو هو! اندر ۾ ڏڪارجون پريون، ساهه ساهه سان نفرت ڦوڪون ڏيئي، نڪرندي هيس. ماڻهن کي ماريندي، ڦريندي، چيچلائيندي، ڪجهه خيال نه ٿيندو هوس. "سانس ڪو گهٽايو هئائون!" نفرت سان ٽمنار، ڪيتري

به ڪڍي، تهٔ به اوتري جي اوتري، نه، گهٽجي، نه وڌي. ڪيس هڪ ڪتو هو، گلر ڪري پاليو هئائين، اهو مئو ته روئي وينو.

هڪ وار جهلجي پيو. گهلي آيس ٽاڻي تي، اچان ڪجهه هو ڏٺي ويو، چي: "الله سائين هي پيرو ڇڏاءِ، ته توبهه ڪيم!" پر جڏهن ڪيس مرچ وڌائون ۽ مٽ پيارياٺونس، تڏهن ڏپ لهي ويس. اهوئي هڪ پرون هيٺ، اک چنجهي، بيو پرون مٿي. پوءِ ڪيئن پيرا جهليو، لوڏوئي نه اچيس. اک ڪٽيو، نهاري ته ساهه سڪيو وجي. جهڙي تهڙي پوليس آفيسر جي ڇاتي نه ٽئي، جو ڪجهه چويس. ڇگي مڙس جي چوريءَ ۾ جهليو. پوليس تي بار پيا. ڇيائونس "مال موڏاءِ." وٺي آيس گهر، پيٽس کي اگهاڙو ڪيائون، چي: "وار پٽينس."

ڪيس مان ڇٽي نڪتو، پيٽ جي منهن به نه چڙهيو. ڇگي مڙس کي ماريائين، اهي پوليس جا آفيسر ماريائين ۽ روپوش ٿي ويو. ڪهڙو روپوش! اتيئي هو، پر پوليس کان ڏاڍو هو، ڏهڪاءَ وجهي ڇڏيائين.

ماڻهو مئو، چٽ ڪتو مئو. جڏهن ماڻهن جي ڪچين مان رت نيندڙون ڪري وهندو هو، جڏهن ڪپيل نڙگهٽ مان گرڙات جا آواز نڪرندا هئا، جڏهن وڍيل رڳن مان رت ڇاٽون ڪري نڪرندو هو، ۽ رت جي گپ ۾ چڙهيون هٽندا، ٻل ڪائيندا هئا، تڏهن هو بيهي ڏسندو هو. هڪ پرون هيٺ، بيو مٿي ۽ اک چنجهي. ڇيڙن ڦريائين ۽ کهوت ڪنوار ماريائين ۽ نوٽن

جون ڏيکيون ڪري ساڙيائين، ڇيڄ ڪي بيهي ڏنائين.
هڪڙون ٻرون هيٺ، ٻيو مٿي، اک چنجهي.

هڪ دوست تي ڪاوڙيو، هٽي آنڊا ڪڍي رکيائينس تڪر تڪر ڪري وڍيائينس. پوءِ وٺي ڪوڪون ڪيائين، اٿ ٻهر ماني نہ کاڌائين. موتي اچي فاتح پڙهيائين. مچون هيٺ لڙڪي آيس. رت ٻريل کهاڙي کٽي، خون واريءَ جاءِ تي پوري چڏيائين، ڇڻ تہ پنهنجي ڏاڏي ۽ مستيءَ کي دفن ڪيائين... ۽ پوءِ...

جهلجي پيو، هڪ ڪيس نہ بٽيس. سو ڏهين ۾ ڏنائونس. اڙ جي ويو. مٽيءَ جي ماني، موبل ۾ رڌل دال. چرس پنگ جو واپار، بچي بازيءَ تي جهيڙا، سپ بٽ، قيدي توڙي ڪامورا. ڳارجي رئي. ڪتي واري ڪار. هو ڳڙهہ وانگر وهندو رهيو ڳهنڊ هنيو، چپ چاپ ڪنڌ هيٺ ڪيو ٻيؤ ڳهندو هو. ڏينهن ٿي ٻہ، ڇر ڳذريا. جيل ڪان ٻاهر، ٻڙ پيچندي، هروڀرو جمعدار صاحب ڏنڊيون وهائي ڪڍيس. هن ڪنڌ ڦيري، ٻرون چڪي، ڏانهس ڏٺو. جمعدار صاحب تي زهر چڙهي ويو. گارين جو ڏوڙيو لاهي ڏنائين. جي: ”ڏسين ڇاٿو؟“ هن جون ٻئي اکيون چنجهيون تي ويون. ڏند ڪرٽجي ويس. وٺي ڳجگوڙ ڪيائين. ٽپو ڏيئي ڪڙڪي پيو. جمعدار جي ٻانهن ڪڍي وڌائين. هنگامو مچي ويو. قيدين جي ٻيکهي متي. سپاهين جون بندوقون چڙائجي ويون. هو پڇي ويو.

هن وجي پنهنجي کهاڙي کوني ڪڍي. چتائي

ان کي ڏنائين. جڏهن ته انساني مٿن جا گيها تي ڳڙهيائين. سنڌس واڇ ڇپي تي، نڪ گهنجيو ۽ اک چنجهي ٿي. ڏڪار مان منڪيو. کهاڙيءَ کي مٿي ڪري ڇمي ڏنائين، سنڌس ڦر جي تڪ کي آڱوٺي سان جاچيائين. نئين سر ڪوس شروع ٿي ويا. سٿلن کي ماريائين. ٻي ڏوهين کي ڪڍائين. گهر ساڙيائين. زالفن جا پار، ٻارن جو رودن. ٻاه، جوين لاتون ...... ڏسندو ڏسندو هليو ويو. وري وري ڏسندو، نه خوشي نه خار. اهائي اک چنجهي، واڇ لڙيل، ڀرون هيٺ مٿي. پڇڪ ڪري ڪٽي ٿڪ اچليندو. هڪ لڳا ڏينهن ڏني جو ڏاڙو هنيائين، سڄي گهر کي ڪٽي مٽ ۾ ڪيائين. جو جتي سو تتي ۽ هيسيل ۽ چپ. هي ڳاٽ اوجو ڪيو، ڀرڻن ٽاٽيو، ٻي آيو ۽ ويو. اڳڻ ۾ هلندي پير هيڻان ڪو راند ڪو اچي ويس. اڏائي سالن جي ٻار، ماءُ جي ڪڇ تان ڊاڪهن ڪئي. "ڪنو حلامي." هن مڙي ڏنو. ماءُ جهٽڪو ڏيئي ٻار جي وات تي هٿ ڏنو، ڪٽي چاتيءَ سان چنبڙايائين. ويچاريءَ جي اکين ۾ ڀاڻي پرجي آيو. ٻار کي اجان به چاتيءَ سان سوگهو ڪيائين. اکيون ڪٽي هن ڏانهن نهاريائين. جا ته هو ماءُ جي اکين ۾! هو پنڊ پاهڻ-ٿي ويو. ٻار کي ڏنائين، ڀڳل راند ڪي کي ڏنائين، ماءُ جي پاڪر کي ڏنائين. ڪيئن نه ٻارڙو، ماءُ جي ڪڇيءَ ۾ ٻانهون ورايو، چپ هنيو پيو هو. هو ڏسندو رهيو.

هن جا چڪيل ڀرون، هوريان هوريان، سڌ ۾

۾ اچي ويا. ھن جھڪي پيُل رانديڪو ڪنيو. ڏڪر ميڙي اُڀتي وڌيو. وچي مائيءَ جي ھٿن ۾ ڏنائين.
انھيءَ ئي ڏاڙي ۾ ھو جھليو. سندس ڪي ساٿي ماريا، ڪي مٿس باڪو ٿيا. مائيءَ شاھدي ڏني، پيُل رانديڪو پيش ٿيو. ڪيس جنم ٽيپ آئي. ھو ماٺ ھو. صاف ماٺ. سندس ٻروں سڌ ۾ ھئا. اکيون ھڪ ڪريون ھيس. چڙ تہ پري پري پي ڏنائين. مائيءَ ڪي، ٻارڙي ڪي، سندس پاڪر ڪي ...... ۽ پاري ۾ پيل گڏڙي ڪي سندس ڪنن ۾ آواز اچي رھيا ھئا— ”ڪنو ....حلامي..........“
ڪيس سنٽر جيل تي موڪليو ويو. لُولو جمعدار جيلر بنجي چڪو ھو، ھن ڪيس چڙ ڪنبو ٻڌايو. ڪيس اگھاڙو ڪرايو ۽ ڪيس ڏنڊي لنگھائي. ھن ڪي اونڌو ڪري سنٽر جي وڻ ۾ لڙڪايو ويو. سندس ڏنڊي ڪڍي ويئي. رت وھي ھليو، چيائون تہ سوري ھيس. لولي جيلر ڪيس ڌڏو ھنيو، چيائين تہ ”بدمعاش!“

”منهن ڪارو“

دين محمد پنهنجو منهن ڪارو الهڏني کي بچائڻ لاءِ ڪرايو هو. انسان پنهنجي عزت، ڦل کي سانڍڻ لاءِ لٽائي ٿو. ڏينهوڻ ڀاڻ کي رتو رت زنجير - حيات جي ڪڙين کي ڳنڍڻ لاءِ ڪرايو هو. هن، پادرن جي ڪنڍي، انسان جي ازلي فرض قانون- پيدائش، کي قائم ۽ دائم رکڻ لاءِ ٻاتي هئي. هن ڦٽ لعنت ۽ ٺڪون ماءُ جي هنج کي ڀريل ۽ ڀرپور رکڻ لاءِ سٺيون هيون.

دين محمد جو منهن ڪارو ٿيل هو. اڌ مٿو ڪوڙيل، مڇون پٽيل، ڏاڙهي مرو ٿيل، ڇڳون وڍيل، هيسيل اکيون ٻاهر ڦوٽاريل، منهن سڄيل، ڪپڙا ڇيهاڙيون. لڱن تي مار جا ڊڀڙ. پٺي ڏڙڳ ڏڙڳ. ڏنن تي رت جا ڦڙا، چمڙي رهڙيل ۽ ڇليل. بس سڄو ڪنيل هو. سنهو، هڏاٻيون ڪٽل ڳيري وانگر، چهرو پيادڪ، اکيون ٻاهر، ڳل اندر، وات ڦاٽل، هرهر سڪل زبان سان چپ ٻٽي آلا ڪيائين.

سندس بت اندران ۽ ٻاهران هڪ جهڙو ڇيهاڙيون ٿيل هو. ڳچيءَ ۾ اڃان به پادرن جي ڪنڍي پيل هئي. ڪنهن پٽڪندڙ روح وانگر اچي سامهون بيٺو. جهڙو ڀوت. لڱن مان تڙڪات نڪري ويا. هيبت وٺي ويم.

تپ ڏيئي اٿي بيٺس. سڀاتو هٿ نه اچيم، رڙ نڪري ويم. ”اڙي دينو، تون!“ چئي ته پڪ ٿي

نٽي آيم. ڊينوءَ دانهن ڪئي، ”سائين منهنجو ٻچڙو.“ ڪيس اڄهڪو اچي ويو. سندس ڏڪويل اکين ۾ سورن جا ست اڀري آيا...... ۽ پوءِ گهم ۽ پاڻي. نڪ جو ڏمڻ، ڪاڏيءَ جو لڏڻ، چپن جو سسڻ ۽ وڏڻ، ڪائنات تي ڏڏي. منهنجا لڱ تي ڦڙڪيا. ڊينوءَ جي ڳچيءَ ۾ ٻانهن ڪٽي وڌايم. چيومانس، ته ”ڊينوءَ شهر هل ته هلي فرياد ڪريون.“

ڊينوءَ جو ساهه سڪي ويو. اکيون ڊپ وچان ٻاهر نڪري آيس. وٺي ڪنڌ سان نه، نه ڪيائين. چي: ”پوليس ته گڏهه تي چاڙهيو اٿم.“ مونکان ڊرڙي نڪري ويئي. چڻ ته وڄ ڪري، ”پوليس! وچ شهر ۾! ويهين صدي!“ ”ڊينوءَ چتو ته ڪونه ٿيو آهين. متان ڪل ٽڙي اٿيئي.“ ڊينوءَ رکو مون ڏي نهاريو. چي: ”سائين مان دين محمد آهيان.“ چڻ ته ياد ٿي ڏياريائين. مون چتائي ڪيس ڏٺو. هو واقعي دين محمد هو. نرڙ تي سجدن جو ڪارو نشان، پيڏيون ڳنل پير قتل، نيڪ نمازي، نه ڪنهنجي ٻن ۾ نه ٽن ۾. مونکي جلوو اچي ويو. ڇو سندس سونهاريءَ کي پٽيو ويو؟ ڇو سندس نمازي نڊان تي ٿٿو مليو ويو؟ ڇو سندس انساني وقار کي چيپاتيو ويو؟ ڇو سندس عزت کي لتاڙيو ويو؟ مون ڊينوءَ جي انساني جسم کي ڏٺو. مون ان ”احسن تقويم“ کي ڏٺو، جنهنکي ڊوڙ ۾ ڊونداڙيو ويو هو، جنهنکي گڏهه تي چاڙهيو ويو هو، جنهن کي ”اسفل سافلين“ بنايو ويو هو. هو ننهن کان

چوٽيءَ تائين، چٽيل، ابيل، ۽ پيليل هو. هن ڪان رکي رکي ڇرڪ ٿي نڪتا. هن ڪوڪون ٿي ڪيون. جيئن تہ ڪا ڪنييل سرڻ، اجڙيل ڇانگن تان زيلو ن ڪندي هجي.

بدن مان سيسرات نڪري ٿي ويا. لڳن جا اڪيچار وار، هزارن سوالن جون نشانيون بڻجي، اڀا ٿي بيٺا. ڇو؟ ڪنهن؟ ڪيئن؟

دينوءَ سڏڪا ڀريا. چي: "سائين ڊمب ماڻهن جا هٿا." منهنجي نظرن جي سامهون ماڻهن جا ميڙ ڦري ويا. شهري ماڻهو، پڙهيل ماڻهو، امت ـ رسول. هنبون چنبون هڻندا، شور مچائيندا، ڊولڪيون وڄائيندا، چونڪن ۽ گهٽين مان ڦرندا، پوليس سرڀرستيءَ ۾، گڏھ تي چڙهيل دينوءَ تان ڪلون ڪندا، هوڪرا ڏيندا، پٽريون چٽيندا، ٺڪون هڻندا، لعنتون ڪندا ٿي آيا. دينوءَ تي، دين محمد تي، ماڻهوءَ تي ماڻهوءَ جي ٻچڙي تي، انسان تي، آدم جي اولاد تي! گڏھ پيچ مٿي ڪري هينگ ڏني. ڏند شيڪي، ڳات اوچو ڪري، مٿي نهاريائين. ڇڻ تہ آسمان جا ويچارا ڪڍيائين...... دينوءَ جو ڪنڌ هيٺ، رتو رت لاش بڻيو ٿي ويو. انسانيت جو لاش گڏھ جي ڪلهن تي گڏھ پستيون ٿي هنيون ماڻهن ٺهڪ ٿي ڏنا.

منهنجا ڏند پڪوڙجي ويا منهنجون مٺيون پڪوڙجي ويون. وچي دينوءَ جي پرسان بيٺس. ڀانيم تہ ڪٽي ڀاڪر ڀايانس. اکر نہ اڪليم. ڇيوماڻس، "دينو تون

شهر وئين ڇو؟"
"سائين، مجاور کڻي ويا."
"مجاور".
"سائين مون منڊل پير جو پٽ لاٿو."
مونڪان دانهن نڪري ويئي، "ڏينو!"

ڏينو سچو سائو ٿي ويو. منهنجي منهن کي ڏٺائين. وٺي پڳو. مون سٽ ڏيئي ڪيس جهلي ورتو. ڏينوءَ ڪان دانهن نڪري ويئي. "الاڙي." ٻانهن ڪٽي منهن کي ڏٺائين. ڇڻ ته مان ڪيس ڇمات هڻي رهيو هوس.
"سائين، پٽ ريشمي هو، اوءِ جيڪو اترادي وڏيري وڌو هو." ڏينو سڄو ٿڙڪڻ لڳو. ڇڻ ته ريشمي پٽ کي ياد ڪري، وري چوريءَ تي سنڀريو هو.

مونکي ياد آيو، اهان ٽيون ڏينهن، پير تي اهو پٽ وڌو ويو هو. مسين مسين وڏيري جي مراد پني هئي. ورهين ڪانپوءِ پير سائين ماڙ ڪري پنجن ڏينن مٿان ڪيس پٽ ڏنو هو. پير ڏنو، ملڪيت جو وارث. وڏيرو، وڏي ٺاٺ ۽ اڏمبر سان، ريل جو گاڏو ڀرائي، ٻارين ٻچين اچي نڪتو هو، منڊل لڳي ويا. ڍولن جو زيپٽ، شرنائن جي ڌم، ڌمالون ۽ ڪڪيون، سهرا ۽ راڳ. وڏيرو وڏي چوچ ۽ هيج مان ٻي هليو. دل کولي خرچ ڪيائين. ٻڪريون تي ڪنيون، ڪڇريون تي نچيون. گهور به گهور هئي. وڏيري جي گهتن ۽ ڏاڙهيءَ تان، ڪڇري، ڏهين ڏهين جا نوٽ، پٽيون ڪنيون تي ويئي. ڀنگ جي گهرڙ گهوٽ، چرس جا سوٽا. موالين جا ٽونڪا، فقيرن جو ڌمچر

لٽ لڳي پيئي هئي. زائفن جا سهرا، يارن جا مڇن تي هٿ، قبي ۾ اونداهه ۽ ڳاهٽ، ڪس ڪسان لڳي پيئي هئي. ديڳيون پٺي لٽيون ۽ چڙهيون. ڪتن به الٽيون ڪيون. پر ته نه هوا جرڪا بي ڪيائين. ريشمي، بخملي، زريدار. دينوءَ هاٿي لچڻ لڳو. وٽي ليلڙاٽ ڪيائين، چي: ”سائين مونکي ڇڏ. منهنجو ٻچڙو الائي ڪيئن ٿيو.“

”اڙي ڪير، گلاب؟ ڇا ٿيو اٿس.“ مونکي دينوءَ جو ڏن سالن جو گلاب جهڙو معصومڙو ياد پيو. الهه ڏنو، اسين کيس گلاب ڪري سڏيندا هئاسين. ڪپهه جو ٽوپ متي ۾ وجهون، چولڙو پايون، ڪاٺي کي گهوڙو ڪيو، ڊوڙندو وتندو هو. منهنجي اوچتي همدرديءَ تي دينوءَ جو ڦتڪو بند ٿي ويو. هيڏو سارو مڙس، چپ ڪٽي ڪديائين. اکيون به عجب آهن. سوريءَ تي سڪيو وڃن، همدرديءَ سان چلڪيو پون.

ويچاري انسان جو ٻاهريون ڏکو، همدرديءَ جي هٿڙن سان پرڻ ٿيو پوي. پوءِ ته ٿورائتو ٿي دلڙي ڪٽيو ٻاهر ڪڍي.

دينوءَ سان بہ ساڳي ڪار ٿي. ٿمندي ٿمندي چيائين، تہ ”سائين ڪالهاڪون ٻرهه ٻٽ پيو آهي. چون ٿا تہ خناق اٿس. سرڪاري ڊاڪٽر سيون ٿو گهري. ٻہ ويهون لڳنديون.“

ڳالهه ٻڌي منهنجا ڪٻاٽ کلي ويا. دينوءَ پنهنجي ڏاڙهي گلاب جي خوشبو لاءِ ٻٽائي هئي. دين محمد

پنهنجو منهن ڪارو الهه ڏني کي بچائڻ لاءِ ڪرايو هو. انسان پنهنجي عزت، ڦل کي سانڍڻ لاءِ لتائي هئي. ديبوءَ پاڻ کي رتو رت زنجير – حيات جي ڪڙين کي ڳنڍڻ لاءِ ڪرايو هو. هن، پادرن جي ڪنڊي، انسان جي ازلي فرض، قانون – پيدائش، کي قائم رکڻ لاءِ پاتي هئي. هن ڦٽ لعنت ۽ ٺڪون، ماءُ جي هنج کي پريل ۽ پربور رکڻ لاءِ سٺيون هيون. مبارڪ هئا ديبوءَ جا هٿ، جن سون معصومن جي رت ۾ ٻوڙيل پڙ کي لاهي، وهم، جهل ۽ ظلم کي نانگو ڪيو هو. سندس پاڪ هٿ اتي وڃي ڪيا هئا، جتي صدين جي بي جان هڏن تي، جاندارن جو رت هاريو و... پر مٿڪندڙ مکڙين لاءِ تتو پاڻي نه هو، جتي تتي پاڻکي پٽ پنيهر ۾ ويڙهيو ٿي ويو، پر ترٽندڙ غنچن کي وله ۾ ساڙيو ٿي ويو. بانس ۽ ڏپ کي ڪنڊيڙيو ٿي ويو، پر گلاب جي سرهاڻ کي ٻوساتيو ٿي ويو. مئل کي جيئاريو ٿي ويو، ۽ جيئري کي ماريو ٿي ويو. الله ماري کي اٿاريو ٿي ويو، الهه ڏني کي ليٽايو ٿي ويو. پٿر کي پوڄيو ٿي ويو، روح کي ڪٺو ٿي ويو. ڳاٻي ڪان رنيون ڪرايون ٿي ويون، ۽ لات ۽ منٿ کي ڳڙو ڪيو ٿي ويو. مبارڪ هئا ديبوءَ جا هٿ جن سڀ ڪان پهريان اهو پليتائيءَ جو پڙ لاٿو هو. ديبوءَ جي هٿن پنيان، سوين ۽ هزارين، لکين ۽ ڪروڙين هٿ ڪڄندا نظر آيا. جي هوائن کي چيريندا، فضائن کي ويڙيندا، زمينن کي کوليندا آسمانن کي

ڦاڙيندا، لڪل خدائن کي گهليندا، سندن پانڊو ڦوڙيندا، سندن چنبا ٺوڙيندا ويا، اهي ڪوڙا ۽ هڙادو خدا جن صدين کان پتلين جو ناچ ٿي ڪيڏيو. دين محمد جي هٿن ڪانئن واڳون کسي وتيون.

مون دين محمد جي رتو رت جسم ڏانهن ڏٺو. سندس پيالي پولي منهن ڏانهن ڏٺو ۽ سندس لڪل قوتن جو اندازو لڳايو. ڪيس هڪ ئي اون هئي. گلاب جي، ۽ گلاب جي سرهاڻ جي.

منهنجي دل، دينوءَ جي دل سان گڏ لرزڻ لڳي. دل ۾ دهڪو ٿيو. ڪٿي دينوءَ جو هٿ جهليم. ٽنگون ٽڙڪڻ لڳيون، ساهه روڪجي ويو، گهڙي ڪن هڪ ٻئي کي ڏٺوسون. چپ چاپ سهڪندا، وسوسا ويڙهائيندا، ڪنڌيءَ اندر ٿياسون. چوڪر ماءَ جي هنج ۾ اوباسيون ٿي ڏنيون. ماڻس کان رڙ نڪري ويئي.

”گلاب پيءُ!“ ٻارڙي وٺي دانهن ڪئي، ”ابا“ دينوءَ دانهن ڪئي، ”منهنجا ابا.“ پوءِ ته حشر مچي ويو. ماءُ پيءُ ٻاڪارڻ لڳا. دين محمد دانهون ڪيون. ڪتي رومڙ ڪئي. هوا گوگهٽ لائي ڏنا. نم پن چاٽي ڏانگي ٿي بيٺي. ماءُ وار چوڙي ڇڏيا. گلاب ڪومائجي ويو. الله ڏنو لنجي ويو، ماءُ لنجي ويئي، دين محمد لنجي ويو.

پري وٽن جي وچ ۾، قبي جي اندر، پٿرن مٿان ڏيئن جي جهومر ۾، قيمتي پڙ تجلا ڏيئي رهيو هو. سنها سنها تجلا! جڻ ته سيون هيون، خناق جون سيون!

ٻاهر سوالين جا ٺهڪڙا پي پيا. پير ڏني جي چم ٺپ. الله ڏني جي موت تي. سلفين جا ڏڳاڙا ٿي لڳا پير سائين مٿل جا دنبها ٿي هنيائون. دين محمد جا نالا وٺي لعنتون ٿي موڪليائون.

"هو حر هو"

اج خيري تي گهيرو هو. بندوقون، بم مشين گنون ۽ سٽين گنون. چاليهه ملٽريءَ جا جوان هوائي فير ڪري خيري کي اطلاع ڏنو ويو. چڙ ته ستل شينهن جاڳيو. گولين جا مينهن وسي ويا.

خيري حسينه جي منهن تي محبت جي آخرين مهر هڻندي ... گوليءَ جو گوليءَ سان ۽ بم جو جواب بم سان. حسينه مرڪندي، ڪيس گوليون ڏيندي رهي. ڪلاڪن جا ڪلاڪ مقابلو هليو. ... ۽ هڪ آخرين بم خيري جي بدن سان ٽڪرائجو... حسينه گهبير. تي ويئي ۽ ڇهن مهنن جي ولي عهد زور سان زمين تي چڙهيون هڻيون

هو حُر هو. مشهور حر، خيرو خاصخيلي. سندس رت نئون هو. پير صاحب پاڳاري کي انگريزن قيد ڪيو. حرن ۾ ڪهرام مچي ويو. خيري جي رڳن ۾ جنسي باهه ٻري. سندس بدن ۾ چڙ ته پيٽرول پئي وهيو. صرف چڻنگ جي ضرورت هئي. جا لڳي چڪي هئي.

سندس گهر ۾ ماءُ ۽ ننڍڙي ڀيڻ هئي. انهن به ڪيس چيو ته، وڃي فقيرن سان مل!

سنڌ سونهاري جهنم جو ٽڪر بڻجي ويئي. ريلون ڪڍيون، ڌاڙا لڳا، خون مٿان خون. مٿان اچي ملٽري ڪڙڪي – باهه تي گاسليٽ پيو.

خيري جو واهٽي منهن ڦري هيبتناڪ ٿي پيو. اکيون ڳاڙهيون "پيچ پاڳارا" چوندي منجهانئس رت ڏي تميو. خشڪ چپن خون تي گهريو.

ڪيئن مقابلا ٿيا. گولين جا مينهن ٿي وسيا. گولن کي باهيون

ڏنيون ويون. ملٽريءَ جا مڪڙ اچي لٿا. ملڪيتون ۽ لڄون لٽيون ويون.

خيري جي ننڍڙيءَ پيءُ کان پڇيو ويو، ”ڀاڻي ڪٿي؟“ مضبوط جواب آيو، ”ادو مري ويو.“ ڪيس زوم مان چماٽ لڳي، ۽ وڃي ٿڦڪو ڪيائين. ماڻس کي ماريو ويو. پوڙهيءَ نٽي ڏسيو ته، سندس پٽ ڪٿي هو. سندس اکهاڙي- جسم مان گوليءَ کي پار ڪيو ويو.

لوڙها پرجي ويا. زائفون ۽ ٻار- ملٽري جوان، هندو سک، مٿن پهريدار هئا. اڻ پرٽيلون مائرون بڻجي ويون. اخلاق جون ڪمزور جو ٿيون!!

پير سائينءَ جي قاسيءَ جو احوال آيو.

”ائين ڪو ٿيٽو هو؟“ ڪنهنکي اعتبار نه آيو.

چي: ”اهي سڀ انگريزن جون چال بازيون آهن.“

فقير کي ماٽ ڪرڻ وارا هئا؟

خليفن کين ٻڌايو هو ته پير سائين سندن جنازه نماز به پڙهي ويو هو! ”انگريزن جو تڏو پٽيندا سون.“ ”جاسوسن جا سر لٽنداسون.“

ڪيئي گرفتار ٿيا، ڪيئي ماريا ويا.

ملڪ ۾ هيبت ڇانئجي ويئي. حيدرآباد مان ملٽري حر وڻيون ٿي ويئي.

”اڙي هي ته ماڻهو آهن!“ هڪ هراس مان چيو.

ڪيترائي شينهن مڙس مارجي ويا. سردارن مان هڪ خيرو نه جهليو. تحريڪ ڪچلجي ويئي، ۽ هاڻ هو رهزن ٿي پيا. شل نه ڪنهن جي پويان پون.

ٻڌي ناس ڪري ڇڏيندس. نياپا هلندا هئا، ”فلاڻيءَ رات تنهنجا مهمان آهيون.“ بس پار به نه ڇڏيندس.

سال لنگهي ويا. خيري ملڪ ۾ ڌهڪاءُ وجهي ڇڏيو. ڪيس ۽ ڪلور ڪري ڇڏيائين. وڏيرا وڏا گهر ويٺي ڌڪندا هئا. پوليس جو نڪ ۾ دم اچي ويو. خونن پٺيان خون – ڌاڙي پٺيان ڌاڙا! اڪيلي سر پوليس جي دستن سان مقابلا ڪندي نڪري ويندو هو. ظاهر ظهور نعرو هڻي گهيري ۾ ڪاهي پوندو هو، ۽ پوليس هٿي ڪيس جاءِ ڏيندي هئي. ڇڙن ٽا ته، گولي ڪيس اثر ئي ڪونه ڪندي هئي.

.... ۽ آزادي آئي. انگريزن بسترا گول ڪيا. پاڪستان ٺهيو، ۽ اسلامي راڄ آيو. عجيب تبديلي هئي. سيني ٻڌو ٿي، ۽ مڃيو ٿي، سمجهه گم هئي.

پنهنجي حڪومت جو آواز دل ۽ دماغ ۾ گهر ڪندو ٿي ويو، خيري کي به ٿڌائي اچي ويئي خون ڌاڙا بند ڪيائين. خونين کي چنڊ ڪيڻ لڳي. پر مجال جو خيري جو رعب گهٽجي. اڃان سندس حڪم هلندو هو. ڏهن هزارن جي چٺي ويندي، ته پورا ڏهه ڪيس گهر ويٺي ملندا.

شادي ڪيائين، هڪ ڳوٺاڻيءَ حسينه سان. راڄن کي سڏ ڏنائين. سڄي ٿر جي ماڻهن سڏ پريو، باقاعده ڪاڄ ٿيا. پوليس کي خبر هئي، پر ڪير ٻگهارن ٿي سر ڏيندو! شادي خير سان گذري.

هن دلير مڙس ۾ وڏي تبديلي آئي..........

فرسٽ ڪلاس گاڏو ”رزرو“ ٿيو. هڪ بارعب شخص ڪراچيءَ ڏانهن سفر ڪندو نظر آيو. ڪير چوندو تہ هو مشهور ڌاڙيل خيرو خاصخيلي هو. وڏن وڪيلن سان سندس ملاقات ٿي. ”چا پيش پوڻ سببان سندس ڏوهہ معاف ٿي سگهيا ٿي؟“

”خوني ۽ معافي؟“ پهڙهن قانوندانن پنهنجي ٽڪل منهن ۾ گهنج آڻي چيو.

”قانون ۾ اهڙي ڪابہ گنجائش ڪانهي.“

قاعدو ڦري نٿو سگهي. خدا توبہ قبول ڪري سگهي ٿو، سرڪار نہ!

اج خيري تي گهيرو هو. بندوقون، بم، مشين گنون ۽ سٽين گنون ـ چاليهہ ملٽريءَ جا جوان، هوائي فير ڪري خيري کي اطلاع ڏنو ويو. چڻ تہ سٽل شينهن جاڳيو. گولين جا مينهن وسي ويا. خيري جسينہ جي منهن تي محبت جي آخرين مهر هنئين...... گوليءَ جو جواب گوليءَ سان ۽ بم جو جواب بم سان. حسينہ مشڪندي، ڪيس گوليون ڏيندي رهي. ڪلاڪن جا ڪلاڪ مقابلو هليو. ...... ۽ هڪ آخرين بم خيري جي بدن سان ٽڪر کاڌو...... حسينہ گنيير تي ويئي ۽ ڇٽن مهنن جي ولي عهد زور سان زمين تي چڙهيون هنيون.

هڪ پوليس آفيسر خيري جو احوال ٻڌايو. پٽ کان ڏيڍ فوٽ مٿي، ويڪري ڇاتي، سيني تي گولين جا ٻہ پٽا، رائفل ڪلهي ۾، بغل ۾ پستول، قد پورو

پنو، بدن مضبوط، سنهڙيون وڏيل مڇون ۽ گهنڊيءَ
تي ڏاڙهي، رنگ جو ڳاڙهو، نهايت شاندار همت جو
مجسمو مردانگيءَ منجهانئس اچلون ٿي ڏنيون. هزارن
سندس منهن ڏٺو، اخبارن ۾ سڀ احوال آيو- "ملڪ
لري پيو."

پوليس ڪلي ڪلي هڪ بئي کي مبارڪون ڏنيون.
مونکي الائي ڇو افسوس ٿيو.

"كارو پاڻي"

سندس اکين مان
پاڻي ٿي ويو...
ڏسندڙن جي اکين
مان پاڻي ٿي ويو...
ٻڌندڙن جي اکين
مان پاڻي ٿي ويو.
پاڻي ڪُنو ته رت
وهڻ لڳو. نارا هئا،
نيسارا هئا — نديون
ٿي ويا. آذون ۽
ڍڪيون ٽپي ويا.
بند ۽ ڪوٽ ڊاهي،
ٻوڙي وڌائون.
گنبذن ۽ منارن جا
بنياد نڪري ويا.
هيناهيون، متاهيون
هڪ ٿي ويئون.
زمين ڌري ڳگ ٿي
پيئي. هيءَ ٽين ٻوڏ
هئي... ڳاڙهو پاڻي!

مان ننڍو هوندو هوس. امان ڳالهه ڪندي هئي، ته اڳي ڪارو پاڻي ايندو هو. ڪشمور کان ڪڙڪاٽ ڪندو ايندو هو. ماڻهو جانور، نانگ، اڳيان ڀڄندا ايندا هئا. ڳوٺن جا ڳوٺ ناس ڪندو، اوڏڪا گهر ڊاهيندو، زمينون ٻوڙيندو، ڪاهيندو ايندو هو. مرون، بگهڙ، نانگ، ڪتا ماڻهن سان گڏ دڙن تي اچي ڳاهٽ ٿيندا هئا. بک کان ماڻهو ڪپڙن جا پن کائيندا هئا. پيٽ اپامي ايندو هئن، وات مان اچي گجي وهندي هين، ۽ مري ويندا هئا. شهرن جا ڊاڪٽر وري ڪين چيريندا هئا. مان ڊپ کان اکيون کڻي بند ڪندو هوس. ڪشمور کي هڪ ڍوائتو غار سمجهندو هوس، جنهن مان هڪ وڏي ڪاري بلا، ڏند ڪڙڪائيندي چينگهاٽ ڪندي، ڦوڪون ڏيندي نڪرندي هئي، ۽ ماڻهو جيتامڙن وانگر ٽڙندا ٽابڙندا لڪندا وتندا هئا. مان

اٿي گهر جو ڪڙو اندران بند ڪري ايندو هوس.
پوڙهو سومر بہ اهائي ڳالھ ڪندو هو. سچو ڏينهن حقو ٽيڪيو ويٺو هوندو هو. نہ هٿس پار نہ ٻچو، نہ زال نہ زنب، نہ گهٽو ڳالهائيندو هو، نہ شڪايت ڪندو هو. رڳو نڙ سان ڪڏهن ڪڏهن ڪڪڙ کي ڌڪ هڻندو هو، ۽ ڪڏهن ڪانون کي هڪليندو هو. پٽڪو لاهي ڪانپ ڪري، چنل ڪٽ تي ويٺو ڪنگهندو هو. سندس اڇي مٿي، اڇي ڏاڙهي ۽ اڇين مڇن جي وچ ۾ ننڍڙيون ڪهنجيل اکيون ٽم ٽم ڪنديون رهنديون هيون. پاڻس جي گهران مانيءَ ڳيو ايندو هوس. اٽيءَ چانورن جي مانيءَ کي ڏڪندڙ هٿن سان پٽري، وات ۾ وجهي، مٿان ڪٽي لسيءَ جو ڍڪ پريندو هو - چڻ تہ ڦڪيءَ کي ڳيت ڏنائين.
ڏاڍيون ڳالهيون ٻڌائيندو هو - اڳين لڙائيءَ جون، جرمن جون، انور پاشا جون، ۽ پوڏ جون. مان پڇندو هوسانس، تہ "نانا پوڏ ڪڏهن ايندي؟" چوندو هو تہ "ابا خير گهر!"
ٻار سڀ مري ويا هئس. عرس ننڍو پاڻ هوس. ڪڏهن نہ لنڊي پاڻ کان ڪجھ نہ گهريائين! ويلو ڏري وجيس تہ بہ گهـڙ نہ ڪندو. عرس پيو زال کي ڪن مهت ڪندو هو، تہ "ادي جو خيال رکجانءِ!"
پوڙهو سومر، دنيا کان بي نياز، ويٺو رنگ ڏسندو هو. هٿ تنگڻ کان عار هوس. ڪانچ ليڙون ليڙون ٿي وجيس، چادر ڦاٽي وجيس، ٽپ سيڪاٽي رکيس

اصل ٻڙڪ ٻاهر نہ ڪڍندو. ڪڏهن نہ ڪجھ طلبيائين، ڪڏهن نہ ڪجھ پاڻ سان حال اورپائين. بيمار ٿيندو هو، تہ رلي ويڙهيو پيو، ڪنجهندو، ۽ کڙڪندو هو جي ڇٽبو هوس تہ، "نانا توهان تہ خوش آهين!" تہ ڏک ٿيندو هوس، کٽي ماٺ ڪندو هو. جي ڇٽبو تہ "نانا مار! توکي تہ ڏاڍو تپ آهي!" تہ دعائون ڪندو هو. حياتيءَ جي هيڏي ساري لمبي سفر ڪانپوءِ، بس انهيءَ ڪي همدردي سمجھيو هئائين. آڙاهہ تپ ۾ پائيندو هو، تہ مٿن ڪان ڪو الڪي ۾ ويٺو آهي. اعتبار نہ هوندي رليءَ ڪان منهن ٻاهر ڪڍي، آسروند اکين سان نهاريندو هو. ڪنهن کي بہ نہ ڏسي، گهوماٽجي منهن کٽي اندر ڪندو هو. سندس وڏي مضبوط دل ان وقت جنسي ڦاٿندي هئي. ڪيڏي نہ ڪنڌرائي هئي هن جي وڏيءَ دل ۾: ڪڏهن ڏک نہ ڪڍيائين، ڪڏهن نہ حال ونڊيائين!

هڪ ڏينهن نندڙي پائيٽس، لچائي ڪري، مٿل چلم جي نوپيءَ ۾ کٽي ٻاڻيءَ جو ٽيو ليٽايو. سومر بيوس ٿي ڪيس لڙ وهائي ڪڍيو. پوءِ تہ ڇوڪرِ وٺي چپ ڪڍيو. سومر جي دل کي جھپي اچي ويئي. لٺ کي وٺي اٿڻ جي ڪيائين — جيئن رنندڙ ٻار کي ڇاتيءَ سان لائي هيانو ٺاري. پر ائين ڪري ئي ڪري، تنهن ڪان اڳ ڇوڪر جي ماءُ وٺي ڪڙڪو ڪيو: چي، "ڏائڻ ماريو، هڙو ٺهڙو نہ مري ڏو، نہ مَنجو ڏو ڇڏي! ابهم کي اولو سولو هٺندي قياس ئي نٿو پوڊس..."

هجيس پنهنجو ته آنڊن کي چر به اچيس!" مائي وئي سومر کي جهير ڏيندي ۽ لوڙ پرڪيندي. ويئي سندس دل کي ويڙهن جي ڪانياڻيءَ سان چٽيندي. ويچاري سومر کان لٽ ئي ڇڏائجي ويئي. ڏڪندو ڏڪندو ويٺي رهيو. ان ڏينهن سندس دنيا اونده ٿي وئي. ڪنڌ ڦيرائي لڪي لڪي، نڪ سان وهندڙ ڳوڙها آگر سان اگهي ڇنڊي ڇڏيائين، نيٺ لٽ ڪٽي اٿيو. ڪنڌ ءَ کي ٽيڪ ڏيندو، گهر ڇڏي نڪري ويو. مقام ۾ وڃي پنهنجي زال ۽ ٻچڙن جي وچ ۾ ويٺو ۽ دل کولي رنائين.

شام جو عرس گهر آيو. جوٽس ماني آڻي اڳيان رکيس. گرهه پيچي وات ۾ وڌائين. پاڻ کي نه ڏسي، پڇيائين. ڳالهه ٻڌي، ڳيت ڏيئي نه سگهيو. ماني ڇڏي اٿي ڪڙو ٿيو. زال کي ڇڳي ڇنڊ ڪيڊائين. پاڻ کي ڳولي وڃي لڌائين. ٻڌڪو لاهي پيرن تي رکيائينس. پاڇائيس به رئو لاهي بخشايس. ٻئي پاڻر هڪ ٻئي کي ڇهتي پيا. پيار سندن ڇاتين مان روڻ ڪري ڦٽي نڪتو. هڪ ٻئي کي آٿت ۽ آڌار ڏيندا اچي گهر ٿانيڪا ٿيا.

پوڙ پيهر آئي. بيگاري پڳو. مون پاڻ ڏنو گهر گهر کان جدا ٿي ويو. مائٽ وچڙي ويا. چوڻ ٿا ته پاڻي موٽر کان به تکو ٿي آيو. ڪوه پنڌ تي سندس ڪڙڪات ٿي پڌو. ماڻهن ۾ ٻاڪر-ڪنو هو. سرڪار ۽ وڏيرن، ماڻهن کان بند ٻڌارايا. اسان جي ڳوٺ جا ماڻهو ٻ ويا. ٽر جو وڏيرو ولٻگار وني ويو. ويچارا

رات ڏينهن وهيا. اوجاڳو ۽ بک، ٻچن جو الڪو ۽ اڻتڙ: ڪوڏرون هٽي هٽي شل ٿي پيا، پر قدرت جي هن تخريبي طاقت اڳيان، ويهين صديءَ جي سڌيءَ دور ۾، انسان جون ڪمزور ٻانهون، براج جي هن بي انداز پاڻيءَ کي روڪي نه سگهيون. ڪچا بند ڀُري پيا. روڪيل پاڻي، مست هاٿيءَ جيان، زنجير ٽوڙي اندا ڌنڌ ڪاهي پيو. مزورن ويچارن جا ڇهه ڇڄي پيا. حوصلا خطا ٿي وين. اڳيان پاڻ - پٺيان پاڻي، وٺي ڀڳا. ٻچڙن کي ٻاهر ڪڍڏو هئن. وڏيرن ته اڳيئي وڃي شهر وسايا هئا. مزوريءَ جا پئسا به انهن کي ڦبيا. ترڙ تڪڙ ۾ ٻارڙن ۽ زالن کي، ڌڙن ۽ ڪڙن تي ڪڍيائون. پاڻي ويو وڌندو. جهٽ گهڙي جيڏو ٿي ويو. چار چٽا موٽي ڪوٽ آيا. سنها سنها ٽپڙ متن تي رکي موٽيا. پاڻي مڙس-تار ٿي ويو. ٽري جند ڇڏايائون. مڏيون وڃائي سر سلامت ڪٽي موٽيا. واهه جي ڪڙ سان ڪنمپون لڳي ويون. اها ڪاٽي نه هجي، جو ڪٽي ڊونهي دڪائجي. ڪني ڪانه چڙهي. ٻڪايل ٻارن ڌمچر مچائي ڏنو. مائرون ويچاريون ماٺ، ملول ۽ هيسيل. سڀ ساهه واريا اڃي هڪ هنڌ ڳاهٽ ٿيا. مال جي ڊڪ پٺي پيئي. چوڌاريءَ پاڻي ئي پاڻي هو.

ماڻهو ويچارا دربدر ۽ بي گهر ٿي ويا. سرڪار تقاويون ڏنيون. وڏيرن شهر ۾ ويٺي ئي ڪوٽائن جو حصو ورتو. ڪامورن ڪمدارن جاوا ڪيا. سندن ٻمڪهي مچي ويئي. ويا ڏکويلن کي ڏکائيندا، ۽ مٺلن کي ماريندا.

ٻوڏ راڳا ڪري ڇڏيا. گهر گهر ڪان جدا ٿي ويو، مٽ مائٽ وڇڙي ويا؛ ڪٿو ڪٿو ٿي ويا. ڪو ڪنهن جو نه رهيو. پوڙهي سومر کي ٻه اڇا ڪي ڏينهن جيئڻو هو. پيريءَ ۾ اباڻا اڇها ڇڏي، وڃي ڏولاون ۾ پيو. پيائس ٻچڙا ونيو، لڏيو ٿي ويو. سومر جي وڪ ئي نه ڪڇي. سندس دل ڳوٺ جي ڪنڊن ۽ ڪکن ۾ اٽڪي پيئي. وري وري مڙي، پنهنجي ڪکن ڏانهن پيئي نهاريائين. مٽن مائٽن ڪان موڪلائيندي هنيانو ڦسي پيس- ڄڻ ته وڃڻ ڪاڻ ٿي ويو. گهر ۽ گهٽيون، جت ڇولڙو پائي، اکهاڙو ئي اکهاڙو، رانديون ڪيون هئائين؛ جهنگ ۽ ليون، جت لوڙائو ڳائيندي، مينهون چاريون هئائين؛ ٻنيون ۽ ٻارا، جت جوانيءَ جا امنگ ۽ ڀگهر هاري، ساوا ساوا ٻوٽا پيدا ڪيائين؛ ۽ اهي ڪٻڙ ۽ چاريون، جن هيٺان سندس عائشه ۽ ٺي معصوم ٻوريل هئا- سڀ ڪيس سڏ ڪرڻ لڳا. ڪيڏي نه آس هيس ته سنديس پوڙهي ٽڪل مٽي وڃي عائشه جي پاسي ۾ پوندي؛ ٻچڙن جي وچ ۾، ٽڪ ئي لهي ويندا؛ سالن جي ڏکي ۽ ڏکهي جدائي پوري ٿيندي! سومر وري ٻيهي رهيو. سندس جسم جو ذرو ذرو ڳوٺ جي مٽيءَ ۾ ڳوهجي وڃڻ لاءِ آتو هو؛ وڌيڪ جدا رهڻ ڪان انڪاري هو. سندس اڇو مٿو، اڇا پرون ۽ اڇي ڏاڙهي، ڪنڊڙونڊڙ ٿي، وائڙن وانگر اڏامي التجائون ڪري ڪري رهيا هئا. سندس دل ۾ چريائپ واري ڪوڪ اٿي- ڄڻ ته ڪل ٽڙي وئي هيس. پانيائين ته ٽبيون

هٽي، اندران ئي اندران، وچي عائشہ جي قبر کي جهليان؛ وچي کو ڏائينڪو ڏيان؛ وچي آرام وٺان!......پاڻس ڪٽي پانهن کان جهليس. سومر ڳهلبو ويو. سندس قدم قدم ڳوٺ جي منهيءَ سان چنبڙندو ٿي ويو—ڄڻ تہ ڪاغذ جا ٻہ پتا ڪوئر سان چنبڙيل هئا؛ زوريءَ ڌار ڪرڻ ۾ چچرجي، ڦاٽي ليڙون ليڙون ٿي ويا.

مهيني کن کان پوءِ ڏاتر ڏنو مليو. ڳالهہ ڪيائين تہ سومر مري ويو!

"ڇا ٿيس؟" چي: "ڪارو منهن آ عرس جو...... ويچاري کي سڪائي ماريائين! ايمان کان ئي نڪري ويو، مانيءَ ٽڪر جيڪي ٻار بچائن سوبہ لڪائي رکي، حياءَ نہ پئيس جو ڳيو ڪٽي پاءَ کي ڏئي! ويچاري چار پنج ڏينهن اَن نہ ڏٺو؛ بکون ڪڍي مئو!"

ڏاتر ڏني شدمد سان ڳالهہ ڪئي: چي، "پوئين ڏينهن پوڙهي سومر پاڻ اٿي وڃي ڪاري هيٺان پاروٿو ٽڪر ڪنيو؛ عرس جي زال ست ڏيئي ڪسي ورتس! عرس بيٺي ڏٺو. ويچارو وڏو ... پاءَ محتاج ٿي مئو... هڏا ئي رلي ويس!"

اسان عرس کان پڇيو. سندس پيٽ خود پٺيءَ سان لڳو پيو هو. اکيون ڏرا ڏيئي ويون هيس؛ منهن تي وحشت—ڄڻ تہ ڪٿو نہ چڪيو هئائين. ڪنڌ ڪٽي هيٺ ڪيائين. سندس اکين مان پاڻي ٿي ويو...... ڏسندڙن جي اکين مان پاڻي ٿي ويو......ٻڌندڙن جي اکين مان پاڻي ٿي ويو. پاڻي ڪٿو تہ رت وهڻ لڳو.

نارا هئا، نيسارا هئا_ نديون ٽي ويا. آڏون ۽ ڏڪيون ٽپي ويا. بند ۽ ڪوٽ ڊاهي، ٻوڙي وڌائون. گنبذن ۽ منارن جا بنياد نڪري ويا. هيٺاهيون، مٿاهيون هڪ ٿي وئيون. زمين ٺري ڳگ ٿي پئي. هيءَ ٺين ٻوڏ هئي...... ڳاڙهو پاڻي!

"مهرباني"

هڪ ڏينهن شام جو اسين چار يار ٺاڪ ڦاڪ ڪري، ٺهي ٺڪي، ڪاليج مان ٿيندا، ايلفيءَ ۾ گهمڻ وياسون. ڪارا چشما ڪاريون پتلونون. اڇا بوٽ ۽ شينهن گهوڙن واريون قميصون، وارن جا موڙ مٿي تي لڏندا پئي آيا. ڪنهن کي به مٿ ثاني ڪونه ٿي سمجهيوسين. ڏاڙو ٺڪاءَ هڻندا، آئي وئي تي ٺوڪ ڪندا، ٺهه ٺهه ڪندا ٿي وياسون. زمين تي پير ئي نه ٿي ٽڪيو. ڌرتيءَ کي ڌوڏيندي، آسمان تائين پهچندي اچي ايلفيءَ ۾ ٺڪاءَ ڏيوسين.

گهٽيئي اسان جهڙا شريف زادا، اتي ڏيل وانگر پئي ٽلڪيا. تانءَ ۽ ڦونڊ ۾، هڪ ٻئي جي ڪپڙن ۽ وارن تي رشڪ کائيندا، هڪ دوڪان کان ٻئي هنڌ، اچي ڪارنر تي بيٺاسون. اچي ڳالهين ۾ چٽڪياسون. ٽائين، ڪوٽن، جڪيٽن ۽ ڪٽنگ جي ذڪرن کي ولوڙي، اچي موٽرن تي پياسين. قيصر، فريزر، ڪيڊلڪ،

"تنهنجو مڙس ڪٿي آهي؟" "منهنجي شاديءَ ڪانه ٿي آهي. بابو صاحب، پيسو." اسان جي اکين ۾ شرارت پڙهجي آئي. سڀ مشڪڻ لڳاسين. "پوءِ تو هي ٻار ڪٿان آندو؟" هن ڪنڌ لاڙي نمائين اکين سان اسان ڏي نهاريو. "اها، او هان صاحبن جي مهرباني آهي، بابو صاحب."

بيوڪ ڪان ڇڏي سون . پنجونجاھہ، ڇاھونجاھہ جي ماڊل تي اچي بحث ڇڙيو. وڏيءَ دلچسپيءَ سان پنھنجي علم جو اظھار ڪيوسين. اچي ھڪ ٻئي سان اٽڪياسون. چي: ”ھل ڙي ٻڌو! توکي ڪھڙي خبر. مان اڃان ھاڻي ھڪ آمريڪن رسالي ۾ ڇاونجاھہ جي ڪيڊلڪ جو اشتھار ڏسيو ٿو اچان.“ گھڻوئي ڦنڊياسون ۽ ڦوڪياسون، اياميا سون ۽ سڄياسون. نيٺ ناچ گھرن ۽ ڪلبن جو ذڪر نڪتو. ”ھاءِ ڙي آمريڪا! لائيف اتي آھي. پر يار ھيءَ پال رابسين ڇا آھي؟ ڪنھن فلم جو نالو ٿو ڀانئجي. ڀوءِ ڀلا آمريڪا ۾ ان تي ڇو بندش وڌي اٿن؟“ پنھنجي اڻ ڄاڻائيءَ تي ويچار ڪرڻ مناسب نہ ڄاتوسين.

سئنيمائن ۾ رکيو ڇا آھي؟ نفرت ڪان نڪ چڙھو ڪيوسين. ٿرڊ ڪلاس ماڻھو اچيو ڳڙ ٿين. مخصوص سوسائٽي ھئڻ ڪپي، ڊريس جي پابندي ھئڻ ڪپي. مون انھن ڳالھين تي زور ڏنو. ڊانس ڪئبري، لمي گور ۽ ميڊرول پول جي ڳالھين ۾ ھڪ ٻئي ڪان گوءِ کڻڻ جي ڳڻتيءَ اچي ورتو. رميا، سنيا، فاڪمن تـرات جا نـالا ڪنياسون. حقيقت ۾ اسان کي ڀـورو قدم کڻڻ خيرڪو ايندو ھو، پر تہ بہ اھڙي ڀوڪپائي ڪيئن ظاھر ڪبي. ڀوءِ تـہ ليڊي پارٽنر جي ڳالھ نڪتي. آھا! عورتن جو ڇا، ڇا نہ ذڪر ڪيوسين. سندن انگ انگ کي ياد ڪيوسين. ٻائن ڀينرن کي تہ عزت ڏيندا ھواسون، پر ھرڪا عورت ماءَ ٿوروئي ھئي! بس بوري

بازار وچ جو خيال ٿيو. ڪيترن عورتون، ننڍيون وڏيون
ٻارڙن کي ساٿ ڪيون ، گھرن ۽ ٻچن لاءِ ضرورت آهر ،
خريداريءَ ۾ رڌل هيون. پٺي دوڪانن تي چڙهيون
۽ لٿيون . چپ ، مچ ڪنديون ، ٺهڪڙا ڏينديون تي
ويون. ڪمبخت ڪيڏيون نه دلفريب آهن! ڪنهن
موهنيءَ سان اکيون ملائي ، منهنجي دل ۾ هڪ افسانو
ٺهي تي ويو ، جنهن جو "هيرو" مان تي بڻيس ۽
"هيروئن" ان پدمڻيءَ کي ٿي ڪيم. پر هي بيوقوف
ڪيڏيون نه بيقدر آهن. ڪنگهن به ڪونه. مسٽرليس!
يورپ ۽ آمريڪا جون عورتون ڪيڏيون نه فضيلت
پريون آهن. ضرور اينڪريج (Encourage) ڪنديون.
اسان جو هڪ دوست ڏاڍو فارورڊ آهي. جهٽ
۾ ڪلهو گسائي ڪٽي ٻتون کولي، دڪان واري کي
چيو ڏي، ته "اسين هر قيمت ڏيڻ لاءِ تيار آهيون."
پر يار عورتون به اهڙيون مڪريل آهن، جو خدا پڇيڻ!
چڻ ته وڏيون شريف زاديون آهن. اهڙيون ته سينگار
ڪري گھر مان نڪرن ڇو ٿيون. سينگار ته اسان به
ڪيو هو، مان ڪياڙي ڪنهن لڳس. خير تڏهن به
مڙد، مڙد آهي. پاڪستان ڪونه سڌريو. هاءِ ڙي يورپ
۽ آمريڪا! يار ڏاڍي فاسٽ لائيف آهي آتي. هرڪو
سمارٽ آهي. هتي ته رڳو ٻوگهلا ۽ ٻڌو اچي ڦاٿا آهن.
مسلمان ته ائين ئي دقيانوسي آهن. مان دوستن کي وٺي
ڪرستان محلي ڏي ويس، پر يار هتي جون ڇوڪريون
ته اکيون ڦوٿارڻ ۽ ڪتيون ٻڌائن لڳيون. چي : "مائينڊ

يوئر اون بزنيس" هونهہ! بيوقوف چسيون، پلا اسان ۾ کهڙي کهٽ هئي، پڙهيل، ڳڙهيل، شريف خاندان جا اپٽو ڊيٽ اجا ڪو ڦاهو ڪپين. هونهہ! منهنجو معيار انهن کان گهٽو متي آهي. اسين پڙهيل آهيون، ڇاڏو آهيون، پارکو آهيون، منهنجا مائٽ جاگيردار آهن. وزير آهن، سي - ايس - پي آفيسر آهن. سيڪريٽري آهن، ۽ سفير آهن. مان بہ جلدئي هنن جهنگلي ماڻهن مان نڪري، ٻاهرين ملڪن ۾ سرڪاري آفيسر ٿـي ويندس اسين اوچي ڳاٽ سيندون وڃائيندا، پنهنجي شخصيت ۾ ڪم، سم، بين تي نفرت ڪائيندا، وري اڇي ايلفيءَ ۾ نڪتاسون.

اسين ڪيترو نہ اوچا ۽ متانهان هئاسون بين ماڻهن کان! جاهل، بدتميز، گدلا، غليظ هٽي اسان جي ملڪ جي صحت خراب ڪري ڇڏي اٿن، سدائين بيمار، ڪم ڪرڻ کان پرو پيو چڙهندن. بڪواسي، جهڳڙالو، جهنگلي ڪنهن جاءِ جا! شڪر جو پاڻ ۾ ئي چنڊا پٽ لڳي پئي اٿن، نہ تہ هٽي اسان جي سدريل سوسائٽيءَ کي ڏانوا ڊول ڪري ڇڏين. اسان جي حڪومت، جيڪا اسان کي ولايت ٿي موڪلي، ۽ واپار جون پرمٽون ٿي ڏئي، تنهن جا هو تہ تختا ڪڍي ڇڏين. گوندا، لوفر چيٽن ۾ چاوا، چيٽن ۾ نپنا، گڏهہ، سيني کي واڙي ڏڪ ۾ ڏيئي ڇڏجي. بلڊي سوائينس! ڏسو تہ سهي اسان جون متن ڪيترڍون نہ مهربانيون آهن. ڪارخانا کولي ڪين ڪم سان نہ لڳايون، تہ

هوند مري ڳري وڃن. ڪين هاري ڪري نہ رڪون تہ تباهہ ٿي وڃن. اسان لاءِ هاري ۽ مزور ڪو ڪتا آهن. جيستائين اهي ڪمبخت بڪيا آهن، تيستائين هاري مزور ڪوڙ. هڙتال ڪري ٿا اسان کي ڏچارين! اسان کي چا آهي، اسين تہ پڇاڙي ڪارخانا بند ڪري پنهنجو سرمايو کڻي، ولايت ۾ وڃي وهنداسين. هن ملڪ سان اسان جو ڪو نڪاح تہ ڪونهي، اها اسان جي مٿن ڪيڏي مهرباني آهي، جو هيڏي ملڪ ۾ پنهنجا قيمتي دماغ ۽ پيسا لڳائي ڪين جيئرو رکي رهيا آهيون. مرضي پوي تہ ڪين جيلن ۾ بند ڪري، گوليون هلائي سندن بڻ، بچو ناس ڪري ڇڏيون. اسان جا سائنسدان زهري گئس، ۽ ائٽم بم پيدا ڪري چڪا آهن. اها اسان جي مٿن مهرباني نہ آهي. جو اسان اهڙا اوزار ڪم نٿا آڻيون! جڏهن مٿن رکو گوليون پئي هليون تہ ڪيئن نہ ٿي پڪا، وڏا آيا آهن رستم جا پٽ. هليا آهن حق وٺڻ. ڪيڏي!

مون سان سڀ دوست شامل راءِ هئا. اسين سندن گيدپڻيءَ تي وڏا ٽهڪ ڏيئي کلياسين. دل ۾ آيم تہ اهڙو ڪو ڏور منهنجي سامهون اچي تہ منڊي مروڙي رکانس. جلد پنهنجن ڪپڙن، ۽ پنهنجي پوزيشن جو خيال آيم. انهن گندن کي هٿ لائڻ بہ بيعزتي. ڪير انهن سان ميل جول رکندو. ماڻهوءَ جي تہ بوءِ ڪونهين. اسان جون نظرون وڃي هڪ فقير ڀائيءَ تي پيئون. جسٽ جو ونو هٿ ۾ ڪنيون، اڪهاڙو ٻار ڪڇ تي

لڙڪايون، ڊوڙي ڊوڙي پئي، آئي، ويئي جو اڳ ورتائين. وار اڻيا، لڳ ميرا، ڪپڙا ڦاٽل، پڙو ڪٽل. هئي ننڍي نيڻي! منهن جا دوست چپ چپ لڳا. ميري چولي، ڪير لڪڻ سبب سٽيي ۾ ڪري ٿي پئي هئي. جهوني پراڻي چولي، ڪير ڏيندڙ ڇاتيءَ جي شدت اڳيان بيوس ۽ مجبور ٿي لڳي. ڪٿان ٿيون اهي نياڳيون ايترو ڪير آڻين؟ سو به بک ٿي! اسان جي سڌريل عورتن وٽ ته سدائين ڪير جي ٻاڙائي. ”جو ڪير کٽو ڏي، سو ته پلو ڇنبو، مينهن به پيار سان ڪيئن نه ڪير ڪٽي لاهيندي آهي.“ اهو خيال ايندي مان البت منجهي پيس. ڪير کهڙي نه، چڱي شيءِ آهي. هي عورتون ڪيئن نه رت کي ڦيري ڪير ڪري ڇڏين. حياتي ڏيندڙ ڪير! نر ته بيڪار آهي. رڳو ڇري ڪائي وتي سان وانگر زبان ڪندو. پر مان جلدئي ٻاڻ سنڀالي ويس. هي پينو ۽ مفلس ته جانور ڪان به ٻري آهن. ماڻهوءَ جا ته ڦر ئي نه آهن. شيطان جا ڇاڙتا!

اها ميري گدلي فقيراڻي ڦيرو ڏيئي، اچي اسان جي اڳيان بيئي. ”بابو صاحب پيسو.“ مار پو يس چڱي ٺاهوڪڙي هئي! آواز ته کهڙو هئس! سانوري، پر سندس وڏيون ڪاريون اکيون ڏاڍيون وٺندڙ هيون. پنبڙ ته غضب جا هئس. ڪيئن نه پئي انهن کي هيٺ مٿي ڪيائين.

جواني سندس انگ انگ ۾ پئي ڦٽڪي سندس ميرا لڳ ڪيڏا نه چڱا هئا. وات ۾ پاڻي پرجي ٿي

آيو. سندس ٻار مونکي اصل نہ وڻيو. ڪنو گدلو. ڏيڏي جهڙي شڪل، چپ ڏولا، اکيون چنجهيون، نڪ بينو، سنگهہ ڀني وهيس. ڪيچڙ ۾ پيدا ٿيل ڪيئون! مونکي ڏاڏي ٻڌايو هو، گڏھ جو اولاد ضرور پيءُ تي ويو هوندو. بلڪي سوائين. مون نظرون ماڻس تي وڌيون.

اسان جي فارورڊ دوست ڪانئس سوال ڪيو.

”تون پڙهين ٿو ڇا؟“

”ڇا ڪجي صاحب؟“ هن سڌو سولو جواب ڏنو.

”تنهن جو مڙس ڪٿي آهي؟“

”منهنجي شادي ڪانہ ٿي آهي. بابو صاحب، پيسو!“

اسان جي اکين ۾ شرارت ڀرجي آئي. سڀ مشڪڻ لڳاسين. ”پوءِ تو هي ٻچ ڪٿان آندو؟“

هن ڪنڌ لاڙي، نماڻين اکين سان اسان ڏي نهاريو.

”اها، اوهان صاحبن جي مهرباني آهي، بابو صاحب!“

اسان کي چڻ تہ ڪنهن ٿڦڙ هڻي ڪڍي، ڪپڙا لاهي وڌا، ننگو ڪري ڇڏيو. مٽي ۾ ڦيريون اچڻ لڳيون تہ اسين بہ بودار گند ۾ سرڪندڙ ڪينئا هواسون، سرهاڻ مان بي خبر، انڌا، ٻوڙا، جهل جا ابا!

"خميسي جو ڪوٽ"

مان تن ڏينهن نماز پڙهندو هوس. ته سيارو ھُوندو هو هند ۾ ويٺي ٿي سٽيٽر پائيندو هوس. مٿان مفلر، ڪوٽ ۽ اوور ڪوٽ. لڪر جي ڪوٺڙي کي اڌ تائين ڪلر لڳو پيو هوندو هو. پاڻي اهڙو جو اصل پارو، ٿڌي ۽ هوا جا سوسٽ بدن کي چڻ ته چيريندا ٿي ويا. ڪبڙو ٿي، ڏڪندو ٺڙڪندو، مسجد ڏي ويندو هوس. هيترين تڪليفن کانپوءِ خدا کي البت پنهنجو ڪري سمجهندو هوس. پائيندو هوس ته بي نمازي ڪهڙا نه بيڪار آهن. در ڪولي ٻاهر نڪرندو هوس. ٿڌ جو طوفان منهنجو فخر زوريءَ مون کان کسي ويندو هو. زمين ۽ آسمان جي وچ ۾ ٿڌ کان سواءِ ٻيو ڪجھ به نه هوندو هو.

ننڍڙو يارهن سالن جو خميسو اڳيئي مال ولڻ، موڙن ۾ ويٺو هوندو هو. ڪيس قميص ڪانه هئي، پر هڪ ٿگڙين نڪتل گرم ڪوٽ هو مون کي چيڙائيندو هو، مان تڪڙو وڏي ويندو هئس، ۽ هو پٺيان چوندو رهندو هو، "ملان - ملان - او ملان." مان اوورڪوٽ جي ڪالرن کي ٺاهيندو الله ڏي ويندو هئس، ۽ هو ڍورن ڏي. مان وڃي شڪرادائي ڪندو هئس، ۽ پنهنجي صحت ۽ خوشحاليءَ جي دعا گهرندو هئس. هو فصل جي سنڀال ڪندو هو ۽ پيل ڪرائيندو هو، ته سڙي نه وڃي.

پيو هئس. ڪاري گوڏ ۽ مٿي تي ديرو ڪپهه جو ٽوپ. مٿر ۾ ماڪ سان چانيا پيا هوندا هئا. ٻئي هٿ ڪڇن ۾ وجهي، پيرن اگهاڙو پاڻ ڪان ڏکي لٽ ڪنيون، سوڙهو ٿيو بيٺو هوندو هو. سندس ڪاڏي پيٺي ڪڙڪندي هئي. مونکي ڏسي دانهن ڪندو هو، ”ها ملان!“ هو مونکي چيڙائيندو هو، مان تڪڙو وڌي ويندو هئس، ۽ هو پٺيان چوندو رهندو هو، ”ملان – ملان – او ملان.“ مان اوور ڪوٽ جي ڪالرن کي ٺاهيندو الله ڏي ويندو هئس، ۽ هو ڊورن ڏي. مان وڃي شڪر ادائي ڪندو هئس، ۽ پنهنجي صحت ۽ خوشحاليءَ جي دعا گهرندو هئس. هو فصل جي سنڀال ڪندو هو ۽ پيل ڪرائيندو هو، ته سڙي نه وڃي.

”ها ملان“ هن سرسان لانئو ڪري چيو. اوندهه ۾ سندس ڪارن چپن مان اڇا چمڪندا ڏند ظاهر ٿيا، ۽ هو ٺهه ٺهه ڪري ڪلڻ لڳو. ”بيهه، ته سهي، تنهنجي خبر ٿو وٺان.“ مون انين چئي پير وڌايو ۽ زور سان زمين تي هنيو. هو چرڪ ڀري وٺي ڀڳو. ٽپا ڏيندو، مٽر لتاڙيندو، ڍڪ ساهي ٿيهارو گام پڇي ويو. مڙي مون ڏي نهاريائين. وٺي ٺهڪ ڏنائين، ”آ ته خبر پوي“ پوءِ ته ”ملان، ملان“ ڪري وڌيڪ چيڙايائين.

هڪ ڏينهن نيٺ مون کيس ٺڦ هٿي ڪئي. ڀهريائين ته واڙو ٿي ويو، سمجهه ئي نه پيس ته ڇو ائين ٿيو. سندس ڪاڏي ٿورو جنبش ۾ آئي، چپ ٻاهر نڪتا ۽... هو ڏاڍو رنو... ٻئي سڏڪا ڀريائين.

مون کيس اڳي به وڙهندي ڏٺو هو. کيس کو ماريندو هو ته هي به گاريون ڏيندو هو، ٻيا ڏيندو هو ۽ ٻري پڇي پٽر هٽندو هو. ماڻهو ٻاڪ کي به پٽر هٽندو هو. مونکي نڪي گاريون ڏنائين، نڪي پڇي ويئو. بيٺو رهيو ۽ رئندو رهيو. ملان الله اڪبر چيو. مان نماز پڙهي موٽيس ته به ٻئي رنو. مون گهڙي کن بيهي کيس ڏٺو. هن نونٽ آڏو ڏيئي پنهنجو منهن لڪائي ڇڏيو. منهنجي دل ۾ ٿي ته جيڪر مون سان به وڙهي پڇي ۽ پٽر هٽي!

ٻئي ڏينهن وري ساڳي ڪار. ٻاهر نڪتس ۽ خميسي رڙ ڪئي، ”آ ملان،“ ۽ وٺي پڳو. خبر نه آهي انکي ملا کان اهڙي نفرت ڇو هئي. پهر سج ڏاري مان خميسي جي گهر وٽان لنگهيس. چنل کٽ تي اس ۾ پراڻيءَ رليءَ هيٺان ويڙهيو سيڙهيو پيو هو. ماڻس چيٽا ڪڍندي چيو، ”مال وٺي موٽيو آهي، ته بيٺو ڌي ڪريو آهي، تڪر به نه کاڌائين. مهيني کان بيمڙ ٿو اچيس. ملان نورل کان پڙايو به هومانس.“ مون به رلي مٿي ڪئي ڏٺو. انهيءَ ڦاٽل ڪوٽ ۾ پيرين اگهاڙو خميسو پيو هو. سندس ڪارو رنگ اڃا به ڪارانجي ويو هو. اکيون ڳاڙهيون ۽ مغز ٻاهر. سندس ڪليل وات مان ڪجي ٿي وهي. اکيون ڦري ويون هئس ۽ سندس اڃا سهٽا ڏلد پوانٽا ٿي لڳا. مون دانهن ڪئي، ماڻس پڇندي آئي.

ٻئس کي گهرايو ويو اسپتال ڇهه ميل پري هئي. ڊاڪٽر

خرچي بہ ونندو هو چوکر گهرڙين جو مهمان هو.
مون پنهنجو ڪوٽ لاهي مٿانئس وڌو. ڪيڏي نہ همدردي!

خميسي کي ملان وهنجاريو ميرو ڪوٽ لاهي نئون ڪپڙو ويڙهيو. مون عطر بہ آندو. سندس ننڍڙا ڏند اڃان بہ ٿڌ جي شڪايت ڪري رهيا هئا. ڪيس سڌو سنئون کٽ تي سمهاريو ويو. سيني قطار ٻڌي ۽ ملان الله اڪبر چيو.

مون وارو ڪوٽ ملان کنيو.

ٻئي ڏينهن خميسي جو ننڍو ڀاءُ مهر ڏاند وٺيو بيٺو هو. ڪيس اهوئي خميسي وارو ڪوٽ پيل هو.

"لاري"

منيءَ مان ۽ ٻوڙن
مان، سرهاڻ ٿي آئي
انهن قديم سنڌين
جي، جي هزار سالن
کان مهراڻ جي
ماٿريءَ ۾ لوڙائو
ڳائيندا، نڙو وڄائيندا
ڏمال هڻندا "هو
جمالـو،" نچندا،
ڳاڙهي ڳئون ڀاليندا
ٿي آيا. صدين کان
هنن ٻي ابايو ڇنڀايو.
کين سڀ ڪر ياد هئا.
جهارجهرڪي، سوئر
سهي، ڦورو لنيري
کي ڄاڻندا سڃاڻندا
هئا.

شل نه ڪنهن کي لاريءَ جو
سفر ڀلڻ پوي. هڪ گرمي ٻيو
گهٽ! مٿان وري ماڻهن جي ڀيهه
ڀيهان! دانهون پيون پيون. "او
لاريءَ وارا! يار هل ساهه ته نڪري"
ماڻهوءَ مٿان ماڻهو پگهر پيو وهيو.
لاريءَ جي ڇت تي به ماڻهو هئا.
صوبيدار صاحب اڃان ڪونه آيو
هو. خدا خدا ڪري هو صاحب
تشريف فرما ٿيو ۽ ماڻهن جي ڀيٽ
۾ ساهه پيو. لاري هلي. ڪجهه
هوا لڳي، لوڏن تي ڪجهه خلاصائي
به ٿي. باقي منيءَ جا به ڪکر
هئا. ناسون ڌي ڀرجي ويون.

اڳئين خاني ۾ وهڻ به ڏاڍو
شرف وارو آهي. ڀويان خانا گهٽ
درجي وارن لاءِ آهن. سيڪو ٻيو
چاهي ته مان اڳي هجان. ٻوءِ ڪٽي
پيٽرول جي ڌپ تي ويهجي، جي
ڪنهن واقفڪار کي اڳيان جاءِ
ملي ويئي ته ٻنيان ويٺل جو ڪنڌ
شرم کان هيٺ ٿيو وڃي. ڪو ته
ڦڪائي کان چوندو ته، "چا ڪجي

يار مڙيئي مسافري تہ ڪرڻي آهي تون تہ ڏئين زور."
ائين شرم کي ُپرچايو ڇڏين. غريب تہ پاڻهي وچيو
ُپنيان ويهن.

آفيسر تہ هڪ ڇوري، ٻيو سينہ زوري، اڳيان جاءِ
نہ ملين تہ مشير ناموس ٿاهين. پاڙو تہ سندن سالا بہ
ڪونہ ڏين.

لاريون پراڻيون، رستا آلونور. ائين پيون لڏن
جيئن ڪجاوا. پاسا پيا ڀڃن. آنڊا وات ۾ اچيو وڃن.
چيڪلي واري چين چين بہ هلي اچي. هيٺائين ۽ مٿاهين
تي ائين پئي لڏي ۽ لمي، جيئن ڏُڪي زائفان. اڌ
ڏزن معتبر بيگر ۾ ڪنيو هلي، باقي بيمار سيمار، زائفون
۽ ٻار ڇڏيندي هلي. پيٽ پريائي، پاسينگر ٽيٽا، پاڙا
ٻيٺا. لارين وارا ڏئجي پيا آهن. ماڻهن کي سهولتون
ڏين ڇو. رهائي ٻڪائي وارا آهن. ڪڙي ڪاموري
سان رسائي اٿن، باقي ڪاڻ ڪنهنجي ڪڍن؟

اسانجو ٻهريون ٻکهر ويو سڪي. جهولي اچي ورايو،
جنسي باهہ ٿي ٻري. ڇڻ تہ ڪوري مان ڇر ٿي نڪتي. ڪن
تي سڙيا. خشڪي اچي ڪنيءَ ڇمڙي تي تڙڪي، پاڻيءَ
لاءِ ساهہ ٿي نڪتو ڳيت نہ آئي. نڙيءَ ۾ ڇڻ تہ
ڪنڊا ۽ پتر ٿي ڪڙڪيا. جهاڪن ۽ جهوبن آنڊا
اڪيڙي وڌا.

خبر تڏهن پئي، جو لاري چيڪٽ ڪري بيهي
رهي. شل نہ ڪنهن سان اهڙي ٿئي، پنچر ٿي چڪو
هو. سو بہ سچ ۾ هڪ جهولي جو لڳاتار حملو، ٻيو

ڪلر جي تپش! توبه، الله ڏني بندو سهي. وڻ نه ٽڻ. ڪانو جي ٽي اک نڪتي. جهولو به سمنڊ جي لهرن وانگر پوليءَ ٿان ڪڙڪات ڪندو ٿي آيو. ”سرڪار ويچاريءَ جو ڪهڙو ڏوهه.“ لوڪل بورڊ جي هڪ ميمبر صاحب چيو ”وڻن جو خرچ به منظور ٿيل آهي، ۽ پهريدار به رکيل آهن.“ اسان کي پنهنجي بورڊ کان شڪايت ڪانهي. هنن ته پنهنجي فرض ادائي ڪري ڇڏي هئي! باقي رهي اسان سان تعدي، سا ته اسان جي اعمالن جي شامت هئي! پر يار جي ٽا هٿ پير هٽي ڪو ممڻ مچايون ته موچڙا ٽا کائون. چي: ”اوهين ته ڪي ڦڏئي آهيو.“ چڱو سائين، پر اهي الزام به ڪيستائين؟ موچڙا به ڪيستائين؟ نيٺ ته ديگ ٽپندي. نيٺ ته اسان جو وارو به ايندو. نيٺ ته ڪاري ڏاند جا مالڪ به ايندا. ٽيهين ڪو چور جون ڪونه آهن. اوهانجي به اوڏنيهين آهي. دکي دکي نيٺ ٻري. رجهي رجهي نيٺ ٻڙڪي. هلڪي سلڪي ٻاٻ به جبل ڦاڙيون وجهي.

جهولي لڳن ۾ ڇوچڙي وجهي ڇڏي. سج جنسي ساڙيو ٿي. ڏڪا اوٺ نڪو اڃهو. لاريءَ جي ٻاڇي ۾ سوڙها ٿياسون. ڪن ته ويچارن هڪ ٻئي کي ئي ٽي اوٺ بنايو. شڪر جو ڪڙيو ويجهو هو. پاڻي ٻي پيٽ ٽي ڦاٽو، پر اڃ لهڻي نه. ممڻ وڃي قتيل پير جي ملم پني ٿي، ۽ اسان جي اميدن جو مرڪز نعرو هٽي اڳتي وڌيو. هڪ گرمي پيو پاڻيءَ جو اوبر، ماهه

جڏن نلين ڪمُ ئي نه ڪن. هوا ۾ ڄڻ ته آڪسيجن
هئي ڪانه. ملڪ پاڻي ئي پاڻي، ڪارو ڪلراٺو پاڻي.
ڳوٺ جهڙا ٻيٽ. زمين جو ته منهن ڪارو ٿي ويو
هو. رڳو ڪي ڪي ٽڪر رتل هئا، باقي سڀ ٻاڙو.
ڪنگ ڪچيون ڪڍيو ويٺا هئا. سيڪ ته نه هو! بس
سيلاب هو، ڪيئون ٻي رستي تي آيون، ويون. ابا
خبر ڏهن پئي جڏهن هڪ ٻارڙو، ڪوٺيون هٿ ۾
کيو، رستي جي هن پر پيو. لاري به سرڙاٽ ڪندي
ٿي وئي. بريڪ ته مور ڳهو هئس ئي ڪونه. پٽو ڏهن
پيو جو شيڪو ٿيو. ابهم ويچارو اڏامندو، ٻولائيون
ڪائيندو، وڃي پاڻي ۾ ڪريو. لاريءَ وارو لاپرواهيءَ
سان ڏوڪيندو ويو. ڄڻ ته ڪجهه ٿيو ئي ڪونه هو.
صوبيدار ڏٺو ته ٻوهٽي تي وڃي، سو ڪچيون ڳاريون
ڏيئي لاريءَ کي موڙايائين. ٻارڙو صفا ٻڙهه، ٻٽ پيو
هو. پر سرڪار کي ان جو الڪو ڪونه هو. مٿو ته
موڊو هٿئون سٽيو ٿيندو. ڇا جي اسپتال، ڇا جو علاج
باقي مٿير نامي جي وٽ وٺان تي وئي. ڳار جي رئي
ٻي پئي. لاريءَ وارن سان ڪن ڦسڙاٽ به هلي آئي.
مٿيرن ڪان زوريءَ صحيحون ورتيون ويون، سيڪو
ڊڇي، چي: "ڪورٽن جا رولڙا ڪوسترا ته ڪونه آهن.
پوليس سان ڦٿائڻ به چڱو نه." ڪوڙيو سچيون صحيحون
ڏنيون ويون. ڪلاڪ لڳي ويا. ٻارڙو پيو رهيو.
سندس ماءُ پيءُ اچي ويا. ويچارن ڪيهون ٿي ڪيون.
ڳاريون انهن کي به مليون. ڊڙڪا، دهمان، ڏاڙهي

پٽ. ويچارن صوبيدار کي پلاند وڌا، چي: ”اسان کي ٿاڻي تي نه رول، اسپتال ۾ ٿابا نه کاراءِ، اسين غريب ٻچڙيوال، ڊاڪٽرن ۽ ڪمپائونڊرن کي منهن ڏيڻ جي سگهه ڪانه اٿئون. هڙ ۾ ڦرايون، ڦڪي به ڪانه ملي. اسان جي ٻچن جو لاش نه رولاءِ، بچي پيو ته واه واه، نه ته ڪٿي اسان جي قسمت. ڪورٽن جا پاڙا خرچ ڪٿان آڻينداسون. شمشدار ۽ نائڪ جو وات مٺو ڪرائڻ جي وسعت ڪانه اٿئين. ماجريٽ به ڏانڍ لڳا وينا آهن. اسين مشڪين ڏتڙجي ويندا سين. ابو ٿيءَ.“ وڏيرو وچ ۾ پيو، انهيءَ سان به ڪن قسڙات ٿي. ريڙهه پيڙهه ٿي. نيٺ صوبيدار صاحب آنا ڪاني ڪندي، ٻئي ڏريون ڦري، اچي لاريءَ ۾ جاءِ نشين ٿيو. الٽو ٿورو به مٿان ٿڦيائين.

لاريون ڀڳل، رستا ڦٽل، نه وڻ نه ٽڻ، مٿان مڙيءَ ڪاٽيءَ سان ڪوس. هڪ ننڍي نيڻي ڪان رهيو نه ٿيو. چي: ”يار وزير وڏا پنهنجا ته به هيڙه ويل!“ هڪ ڳوناٽي سندس هٿ کي وٺي زور ڏنو. چي: ”زورآور! ٻانڊو ٿي نه ڦوڙ. وڏيرا، وزير، واپاري، ڳالهه مڙيئي ڳنڍي ٻئي اٿئي.“ ائين چئي ڪٽي اک ڀڳائين.

ڳوناٽا تهه تائين پهچي رهيا هئا. لچائيءَ جا بخيا تيزي سان اڌيڙي رهيا هئا سيني کي وات ۾ مگ ”گونگوپاڻي“ نيٺ ٻوڙي.“ مان مشڪي ويٺس. سچ لهڻ وارو هو، اچي هڪ ڳوٺڙي کي اوڏو ٿياسون. ڪتا ته ڪافي دلير ڏٺا ٿين. هاٿيءَ جيڏي لاريءَ تي تني پيا.

کن تہ سنھن ۾ چڪ وجھڻ جي ڪوشش ڪيس. شابس ھجي ڪتن کي. ڀونڪي ڀونڪي ڪيڏو نہ سبق ٿي ڏنائون! ننڍڙا ٻارڙا آواز ڪندا، آڪير مان ڀڄندا آيا. ڪي اگھاڙا ڪي رڳي چولڙن ۾، ڀرسان اچي مٽن تي ھٿ رکي بيھي رھيا، ڪي وري چولڙن جي پلون کي ھيٺ مٿي ڪري لوڏڻ لڳا. مردن ۽ زائفن ڪم ڪرڻ ڪٽي بند ڪيو. ڪن تہ ويٺي ئي ڪر ڪڍي نھاريو. پوڙھين، مٿي ڏي ھٿ ورائي، رئي کي اڳيرو ڪيو. ننڍين، نظرون چورائي ٻي نھاريو. ڪي تہ ٻيباڪ ٿي، ڊوناليون سامھون ڪري، بس جھلي بيٺيون رھيون. ڇا جي ھٻڪ، ڇا جو حجاب! ڪير تو ڪننڪي سڃاڻي. ھٿ حياتيءَ جا اھڃاڻ جھلڪي ڏيئي رھيا ھئا. مٽيءَ مان ۽ ٻوٽن مان، سرھاڻ ٿي آئي، انھن قديم سنڌين جي، جي ھزار سالن کان مھراڻ جي ماٽريءَ ۾ لوڙائو ڳائيندا، نڙ وڄائيندا، ڏسال ھٽندا ”ھو جمالو،“ نچندا، ڳاڙھي ڳئون پاليندا ٿي آيا. صدين کان ھئن ٻي اپايو ۽ نپايو. ڪين سڀ ڳر ياد ھئا. جھار جھرڪي، سوئر سھي، ڦورو لٽيري کي ڄاڻندا سڃاڻندا ھئا. وڻن ڪانياٺيون ھيون، ڏڦا ھوا، کھاڙيون ھيون. ساوا ساوا ڪيت ھيج مان ٻي لڏيا ۽ لميا. مخلوق جو خالق اڳيان لاڏ ۽ نــاز! ڳوٺــاڻن جي ڪاميابيءَ جي ڀڪي ۽ پختي نيشاني! ھو تہ پشتان پشت اپائيندڙ ھوا. ڀلا ڪير ھوندو جو اپائيندڙ کي مٽائيندو؟ اجايو کل خراب ڪندو، مٿو ڦوڙيندو. ھي تہ آب حيات جا

ڇشما هوا جتان سيني سرڪون تي پريون. جي انهن کي سڪائيندا ـي پاڻ نرم تيندا. هو ته خالق آهن. مخلوق وارا محنت جا مالڪ! انهن کي ڪپڙ وارو، ڳاتي ۾ ڪرندو، مڏڪو نتي پوندس، چپ لڙڪي ايندس. وڻ جون پاڙون آهن.

اتر جي گهٽ ۽ هوا بنهه بند. هڪ مٿي ييو پگهر. بدن ۾ ڪسمرو ۽ چڪ چڪ. لاري بيني ته هلڻ جو نانءُ نه ولي. مٿان مڇرن جو حملو، اصل روڙي ڪٽي رک. ڳوٺاڻن پاڻيءَ جا وٽا ڀري ڀري پياريا. مڇرن کي ته ٿاري نه ٿي سگهيا. لاريءَ ڪري گذاري. اٺ جي گهوڙي تي سوار، اکيون ٻوٽي، بوجهه ڪٽندي، حرام سٽيندي، پرائو پگهر ڪيندي، ڊوڙ اڏائيندي، انڌيءَ مک وانگر، واءُ مٿي ۾، وڃي ٻوهي ۾ پئي. پنهنجي ئي بار هيٺ ڪنجهڻ لڳي. سڀ ڪنهنکي ساڙ، اندر ۾ اڌ ما، اکين ۾ آلا. سندس ئي اٺاريل ڊوڙ، باهه جي پيڙ ٻڌجي ڪيس وڪوڙي ويئي. دريون بند ٿي ويس، متيون منجهي ويس. پوءِ ته چتي ٿي پئي. تيڻن وٺي تک ڪيائين. ويئي ڇٽيندي ۽ ڇپيندي پيڙ ويو وڌندو. سندس ڏکهي رسي، تيزيءَ سان ننڍي ٿيندي وئي.

ڳگهه اونڌاهي، حال بڇڙا، منهن ۾ ڊوڙ لڳ لڳ ٿي ڏکيو، پر اڇي ڪهر پيڙا ٿياسين، ته ڏاڪڙائي لهي ويا. صبر جو ڦل مٺو! رضا ٿي راضي.

... پر سياڻي ساڳي لاريءَ ۾ موٽنو هئس. منهنجون

تہ هنيون ڪاچي ويون. ٻاھ وڻي ويو. پانيہ تہ انھيءَ "صبر" ۽ "رضا" کي ڳنڍڻ ڪان وڻي وڌي ڪئي، چورڻ ڪري، ڪڙين هيٺان ڇپياتي ڇڏيان. رڳن ۾ چوچڙيون ٿي ڏکيون. لٽا لاهي، لنگوٽ ٻڌي، ميٽ ٽڪي ڪوھ ٿي آيس. نـار ڦيٽي وانـگر ٿي ڦـريو. خالي لوٽيون ٻڌي ٻڌي، پرتور ٿي-ٿي نڪتيون. حرام جو همت هارين، ماله ۾ ٻڌجي، پاڻ ۾ ڳڏجي قرب سان اڪٽي وڌيون. ٽمٽار ٿي، طاقت وٺي، مٿي اڀريون. هڪڙي نـاليءَ ۾ ڪٺي پنهنجون سڀ قوتون وڌائون. اوجل، شفاف پاڻي، اڪٽي وڌي سڄي ڪيڙيءَ تي ڇانئجي ويو. پيندو ۽ ڦوڙ ڳري ٻهت ٿي ويا. لس ۽ لس ٿي وئي. وٺي ڪل ڦل ٽڙيا چوڏاري سڳنڌ ۽ سرهاڻ ٿي وئي، سيني لاءِ هڪ جهڙي، هڪ جيتري!

"پشو پاشا"

قاسي ڪهاڻ سان
سوين ۽ هزارين پشو
اڏامندا نظر آيا.
سندن سر تريءَ تي
هئا. سندن ڪپڙا
رنگجي لعل ٿي ويا
هئا. ويا گڏ ٿيندا.
ڪارخانن ۾، فوجن
۾، ڪيمپن ۾ ۽ جيلن
جي ماترين ۾، ۽
غارن ۾. سندن
هٿيارن جي جهٽڪار
۽ نازوءَ جا آلاپ،
هوائن ۾ واچوڙا
پيدا ڪري رهيا هئا.
تکا ۽ تيز واچوڙا،
هر پٿيءَ اڏاوت کي
اکوڙي ٿي وڌو:
وڏا ۽ اوچا واچوڙا،
جن زمين جي ذرن
کي آسمانن تائين
ٿي پهچايو.

رياست جي عدالت عاليه جون شوخ ۽ ڪرڙيون پٿيون، شهر کان ٻري ٽڪريءَ جي ڀرسان، اڏول ٿيون بيٺيون هيون. عمارت جون ڏگهيون پٿريليون پٽيون، ويڪرا چيٽرا منارا، ۽ وڏا شاهي در، ٺهرائيندڙ جي ارادن ۽ منصوبن جو پورو پورو نقشو چٽي رهيا هئا. ٽڪريءَ جي اوچائي، عمارت جي بي رخي ۽ وچ واري ڀوٽي جي رکائي چڻ ته پاڻ ۾ پٽ ٿي، چاٽي واٽي هن انصاف جي گهر کي عام بستيءَ کان چني ڌار ڪري رهيون هيون. ويتر ڪارو لوهي ڪڙن وارو غير ملڪي جهنگلو چڻ ته مکون آلاري ڌڪا ڏيئي رهيو هو.

هن عدالت عاليه ۾ ملڪ جي قانون جي پيچ-گهڙ ڪري چٻي، چٽي، فتوائون ثابت ڪيون وينديون هيون. هت قانون جي تشريح ٿيندي هئي. قانون کي وٽ-وڪڙ ۽ ور ڏنا ويندا هئا. اهي چبيل،

چتيل ۽ مروتيل سروتيل قانون معصوم شهرين جي متان پنجوڙ وانگر اچلايا ويندا هئا. لوهي جهنگلي ۾ جڪڙيل ۽ پٿر جي ديوارين ۾ بند ٿيل دماغن جا ڪول مول جملا ڳولڙن. ماڻهن ۽ چراگاهن جي ڪليل هوائن ۾ ڏندي جي زور سان هلايا ويندا هئا. عدالت عاليه جي چوٽين مان اهي قانونن جا زنجير ٺڪري، وچي ملڪ جي سرحدن ۾ ڪپندا هئا، ۽ سڄو ملڪ زنجيرين جي ڪڙن ۾ جڪڙجي لوهه ٿي ويندو هو.

اچوڪي ڏينهن عدالت عاليه جي ٻاهران حمام ماڻهن جا اچي ڪٺ ٿيا هئا. ڊگهين ڏاڙهين ۽ ڊگهن وارن وارا ٽاڪرو جوان، چڙ ته الائي ڪٿان اچي ڪڙڪيا هئا. گرم هوا ۽ لُڪَ جي ڪري سيني جون پٽون پڌل هيون. سندن اکيون ڳاڙهيون ۽ سندن زبانون خاموش هيون. سندن اندر ۾ اڌما هئا. ڪوسي جهولي ور ور ڪري عدالت عاليه جي پٿين سان ٽڪر پئي کاڌا.

اَن ڏينهن ”جابلو شينهن“ تي ڪيس هلڻو هو. سچ پچ به شينهن جهڙو مڙس هو—ڊگهو ۽ قداور، لڱ مروڙ، رڪ جهڙو چيڙهالو. سندس ڏاڙهي، مٽي ۽ مڇن جا وار ڪڪا هئا. سندس سڄي بدن تي ڀوري ٻڄ هئي. ماڻهن سندس نالو ”پشو“ رکيو هو، پر جابلو ماڻهو کيس ”پشو پاشا“ ڪري سڏيندا هئا. سندس ڇاتي ويڪري، ٻانهون مضبوط ۽ ڪچي ڀريل هئي، ٽنگون جهڙا پيل پاوا. سندس ڪارين اکين مان شوخي، ضد، ارڏائي، صاف گوئي ۽ لاپرواهي ظاهر ظهور چلڪي

رهيون هيون.

عدالت ۾ غير معمولي چرپر هئي. سپاهين جي اڇ وڇ، هٿيارن جي چٽ چٽ، قانون دانن جا ڪارا جبا ۽ اڇا ڪالر—پوتن وانگر اڇ وڇ لڳي پيئي هئي. پوليس عملدار، شاهدن کي وري وري سمجهائي ۽ سيکاري رهيا هئا. عدالت جي پٺين جي اوٽ ۾ سيني جي سامهون ڪليو ڪلايو، ڏڙڪن ۽ دٻاون جي ڏم ۽ اکرن جي پيچ ڏاهه تي رهي هئي. ڏنو وائنو ثابتيون ٿاهيون ۽ بڻايون تي ويئون. قانون جا رکپال قانون کي مروڙي ۽ گهتي رهيا هئا. ائين تي ڏنو ته عدالتي مشينريءَ جي هڙني پرزن انصاف کي کهڻ لاءِ ٻڌي ڪئي هئي.

جج صاحب واري ٿلهي تي، وڏي گنبذ هيٺان، هڪ وڏي اڌ گول ميز رکيل هئي. ان جي پٺيان هڪ ڏگهي، ٽيڪ واري ڪرسي، جنهن جي مٿان فضيلت ماب جو فوٽو ٽنگيل هو. ميز تي وڏن وڏن ٿلهن ڪتابن جڙن ڏيئون ۽ پر وارن ڪٻٽن ۾ اکيچار ڪتابن جون قطارون هيون. اوچتو چوبدار ”خبردار“ پڪاريو—۽ هڪ ننڍڙو سنهڙو جج هڪ ننڍڙي بند دروازي مان نڪري، وچي ڪرسي ۾ پيو، چڻ ته ڪرسي ۽ ميز رکو سندس بدن کي گڙڪائي ويون هيون، ۽ ڪتابن کٽي گيتر کان جهليو هئس. هن اکيون مچڪائي، هيڏي هوڏي نهاريو، ڪجهه ڪاغذ اٿلايا، ۽ ”پشو“ کي مخاطب ٿيو: ”ڇا، توسان ناحق آهي؟ ڇا توکي ڦاسايو ويو آهي؟“ پشوءَ کي چڻ ته باهه وٺي ويئي.

ڏيو ڏيئي اٿيو-جي، ”ناحق آهي توسان-قاتل آهين تون!“ جج صاحب کان ڏرڙيءَ نڪري ويئي، ڄڻ تہ سندس راز فاش ٿي پيو هو. وائڙو ٿي جوابدار ڏانهن ڏٺائين، ڪتابن ڏانهن ڏٺائين، فضيلت ماب جي فوٽي ڏانهن ڏٺائين، عدالت جي ڏکڻين ديوارين ڏانهن ڏٺائين، ۽ ان ننڍڙي دروازي ڏانهن ڏٺائين جتان پاڻ ڪٽي وانگر نڪتو هو.

پشوءَ جي اها ننڍي هوندي کان ئي عادت هئي: جيڪي چئبو هوس، سو وري ڦهڪائي ڏيندو هو ۽ وري ان جي ابتڙ ڪري ڏيکاريندو. ننڍي هوندي کيس چوندا هئا ”تون شڪرگنج واري چوٽيءَ تي اصل ڪونہ چڙهي سگهندين“- بس پشو ڇٽنگ ٿي ويندو: چي، ”تون ڪونہ چڙهي سگهندين!“ پوءِ تہ سيني جي ڏني، ڇلانگ ڏيندو، ريڙهيون پائيندو، لٽڪندو، وڃي چوٽيءَ تي پهچندو هو-وري سهڪندو لهندو ۽ لهڻ سان لُوہ ڪيو، ان ماڻهوءَ تي ڪاهي ايندو- پائيندو تہ کيس دسي، ڪيرائي، گهٽا ڏيئي، چوي تہ ”ڏٺءِ! تون ڪونہ چڙهي سگهندين.“

سندس اٿڻ ويهڻ، کائڻ پيئڻ، ڳالهائڻ ٻولهائڻ سڀ کهرو هو. جيڪي آيس، منهن تي وهائي ڏيندو- مڙڻ وارو مڙس ئي نہ هو. هڪ دفعي، هتو تتو، رئيس گل خان جي اوطاق وٽان لنگهيو. اچ کان ساهہ ٿي ويس. نہ ڪيائين هَم نہ تَم، سڌو وڃي رئيس جو ڪلاس ڪنيائين. سيني کهٽو ئي ”متان متان“ ڪيس،

پر هيءُ يار به ٻي گلاس چاڙهي ويو. اتي ٻي گلاس اونڌو ڪري چيائين ته ”ادا چئو، ڪو ڇهڙي جو گلاس هو ڇا؟“

پڻو قدرت جي هڪ اڻ گهڙيل تخليق هو. ننڍي هوندي کان ئي چيڙرو، الڙ ۽ ارڏو هوندو هو. هو پهاڙن ۾ ڄائو ۽ پهاڙن ۾ پليو: بس پهاڙ هئا، پٿر هئا، ۽ پڻو هو — ايا آيا جيئرا جاڳندا پهڻ. رڍون ۽ پڻو به ڄڻ ته چرندڙ پرندڙ پهڻ هئا - پهڻن جي پيٽ مان نڪتل تازا ٻچڙا! — پهڻن جي اوٽ ۾ ۽ پهڻن جي مٿان وتندا هئا ڊوڙندا ۽ ٽپندا. ائين ٿي معلوم ٿيو ته پهڻ، پڻو ۽ رڍون هڪئي شَي هئا، هڪئي هوا هئي، هڪئي زمين ۽ هڪئي پاڻي، جنهن هزارن ورهين کان هن ماتريءَ ۾ ماڻهو، مال ۽ اَنُ پئي پيدا ڪيا.

پڻو ائين وڌيو جيئن ڪو خشڪ جابلو ٻوٽو پٿرن مان ڦاٽي نڪتو هجي. ڳاڙهو ڀٽڙيلو رنگ، پورا جهنڊولا وار — گليليءَ سان وتندو هو پٿر چٽيندو ۽ ٻتير ماريندو هڪ جيڏن سان وڙهندو ليٽندو، ليٽڙندو پچندو ۽ ڊوڙندو. ڏسندي ڏسندي، جوان ٿي ويو — ته بس جهڙو يار!

پڻوءَ جي ذري ذري مان زندگيءَ جا آثار پيا ٽپڪندا هئا. اصل مات ڪري نه وهندو. ڪنهن کي چڪ، ڪنهن کي چهنڊڙي، ڪنهن کي رهڙ، ڪنهن کي ڇهڙ — پيو اچلون ڏيندو ۽ ڇلڪندو. سندس اکيون پيئون چمڪنديون هيون. پورهئي مان مزو پيو ايندو هوس.

رحمدل بہ هڪڙو ئي هو. پاڻ ڏي مهڙ هوندي‌ س، تہ جهٽ پشيمان ٿيندو. هڪ ڏينهن ماءُ کي گهٽ وڌ ڳالهايئن ـ پوءِ تہ ڳوٺ ڇڏي ڀڄي ويو. سڄو ڏينهن گهر نہ آيو. وتيو لڪن ۽ ٽڪرن ۾ هلندو. لڙيءَ اڌ رات جو گهر آيو. ماڻس اوسيڙي ۾ چلهہ تي ويٺي هئي. چلم ٺري ويئي هئي. پشو ماٺ ماٺ ۾ چلم تيار ڪري، ٺڙ آڻي ماءُ کي ڏنو ۽ پير ۾ ويهي رهيس. ماڻس سندس وارن ۾ آڱريون ڦيرڻ لڳي ۽ پشو سندس پاسي ۾ سمهي پيو.

پشوءَ پيار بہ ڪيو. رئيس جي نياڻيءَ گلناز سان. اکيون چار ٿي ويس. سندس لڱن ۾ سيسرات پئجي ويا. ڳلن ۾ ڪوساڻ ۽ وار وار ۾ لهس. بت ٻڏجي ويو. زندگيءَ جو وهڪرو جو سندس لڱن ۾ پيو سرڪندو هو، يڪايڪ بند ٿي ويو. هن جي طبيعت جو وٽ پڪڙ وارو طوفان ويڙهجي سيڙهجي، ننڍڙو ٿي، وڃي ڪنهن ڪنڊ ۾ لڪو. ڏينهن جا ڏينهن، اڪيلو ئي اڪيلو، بستي کان ٻاهر سڪل وڻن هيٺيان خشڪ گاهہ لتاڙيندو وتيو. سياري جون ٿڌيون هوائون ۽ اجڙيل ڪيٺ کيس همدرد ۽ همخيال معلوم ٿيا.

هڪ ئي ڏڪ سان جبلن جي چوٽين کان ٿيندو، تارن جي دنيا ۾ اڏامڻ لڳو. چڻ تہ ڪو ازل جو آواز کيس اچا بہ اڳيرو سڏي رهيو هو. ماڙي ۽ نهر ۽ ڪيٺ ۽ خود پشو سڀ هيٺ پٽن ۾ ئي اٽڪيا رهيا. پر سندس پيو ڪجهہ، هوائن ۽ آسمانن ۾، ستارن

ڪان ٽيندو، متي ئي متي، اڏامندڙ رابيل وانگر، حسن جي طرف، بنا انڪ، لس ئي لس، ترندو ويو. پشوءَ جي هن اڏند ڪنوليءَ کي سندس سنگتين چڪي هيٺ آڻي، حقيقت جي ڪنڌن سان زمين جي تهه تي جڪڙي ڇڏيو. ڪيس ٻه ٽي تڦون وهائي ڪڍيائون- چي، ”گندي اوڏي وڃي گهر ويهه.“ پشوءَ جا نشا ئي ٽٽي ويا. گهر لڏي ويس. ڪاوڙ مان وڏيءَن وڏيون ڀرانگهون پريندو، اچي رئيس جي حويليءَ وٽ نڪتو. وجهه وٺي گلناز جون ٻئي ٻانهون ڪٺي جهليائين- چي، ”ٽئن منهنجي آهين.“ گلناز جون پياسي اکيون، ڏکيا ڏکيا ساهه ۽ ڏرو ڏرو بدن، پشوءَ جي هر سوال جو وڻندڙ جواب هئا. پشوءَ جي آسماني پيار واري اڏامندڙ رابيل پوريان پير ڪيا. سندس سگهڙ هوا ٽيندي ويئي. سندس نرم ۽ نازڪ پکڙا ڪومائجي ڇڻندا ويا. باقي سڪل ڏاندي اچي ٻٽرن ۾ پيئي، جنهن کي وقت جي گهوري ۽ کهري چڪيءَ پيهي ماري دنيا جي ذرن ۾ گهوهي ۽ گاري ڇڏيو. پشوءَ جي ٻٽريلي طبيعت وري اوج تي اچي ويئي. گلناز وٽان موٽي، ڪنهن جون ٻانهون مروٽيائين، ڪنهن کي جهلي ڏونداڙيائين ۽ ڪنهن کي ڪلهي تي ڪٺي ڦيريون پارايائين. پنهنجي سنگت سان وڏا وڏا ٽهڪ ڏيئي ڪليو، سندس هڪ هڪ ٽهڪ سان ڇڻ ته غم جو هڪ ڇميل ٽڪرو اندر مان نڪري، ڦهڪو ڪري، وڃي ٽي پٽ تي پيو.

رئيس جي، شروع ڪان وٺي، پشوءَ سان نه پيئي

هئي. پشو هر وقت پيو پنهنجين سنهڙين پورين مڃن
کي وٺيندو هو. رئيس کي ڏاڍا جڪ ايندا هئا. چي،
”پاڙي – بيڪار، تون کهڙي لات جو پٽ آهين،
جو وٺين ٿو مڇون وٺيندو!“ پشو پڙڪو ڏيئي اٿيو-
چي، ”پاڙي آهين تون! بيڪار آهين تون!“ پوءِ ته
هنگامو مچي ويو. پشوءَ تي چڙهي ويا. پشو به بن ڇهن
کي سٽيندو ڪٽيندو نڪري ويو.

رئيس هاڻي ڦوڪون ڏيڻ ۽ ڏنگ هڻڻ لڳو.
ڪنهن کي پڌائڻ، ڪنهن کي مارائڻ ۽ ڪنهن کي
لڏائڻ؛ آزار مچي ويو. صدين جي بيٺل سماجڪ پاڻيءَ
۾ رئيس جي ٺاڦوڙن ڌپ مچائي ڏني. پشوءَ پنهنجي
ساٿين کي انهيءَ ڏونڊ کان ڪڍي ٻاهر ڪيو. چي،
”هڏ هڻون اسين، پٺيءَ اگهاڙا رهون اسين؛ پوءِ به
اسين ڪميڻا ۽ رئيس چڱو مڙس؟ چڱا مڙس اسين
آهيون؛ رئيس ناهي.“ پشو نه ڊڄڻو هو، نه سست.
رئيس جيستائين سنهيري ٿي سنهيري، تيستائين پشوءَ
ڪيترائي اڙٻنگ جوان پنهنجي پاسي ڪري ورتا. نئون
خون ۽ نوان امنگ! چي، ”کيت اسان جا آهن،
ڪاريز اسان جا آهن. اسين سيڪجهه آهيون. اسان جي
آڏو ڪونه اچي.“

رئيس باه ٿي ويو. پوڙها پوڙها وائڙا ٿي ويا. هٿ
ٺوڪي پنچات گڏ ٿي. ملا فتوا ڏني – چي، ”اوهين
ڪافر آهيو. توهان جي جنازي نماز جائز ناهي. توهان
کي غسل ڏيڻ روا ناهي.“ نوجوان سڀ اٿي کڙا ٿيا-

چي، ”ڪافر تون آهين. غسل توکي نه ايندو.“ وڏيرڪي پُنچ‌ٽ پتن جي ساڙيءَ وانگر ڀڙڪي، وڃي پٽ پيئي.

رئيس باهه ٻاري ڏني. اناج ڪچي ويا. گهر سڙي ويا. کيت اجاڙ ٿي ويا. ماڻهون ۾ ٿيندڙ مائرون ٿڏيءَ ڇالوَ مان ڪڍي، لُڪَ ۾ لُوءَ جي حوالي ڪيون ويئون. بس ائين ڏسي ”نظام حيات“ کي اَکوڙيندڙ، پنهنجي اَکوڙڻ جو سامان پيدا ڪيو ـ انڌا ڏندڻ، ٽڪرو ٽڪرو ـ وڏي بي چينيءَ سان. پوڙهن پشوءَ کي ٿاهه لاءِ سمجهايو. پشو خفي ٿي، ٻئي هٿ کمي ڪوليا. چي، ”اڃا به ٿا چئو ته رئيس چڱو مڙس آهي؟ ڪنهن سان ٿاهه ڪجي! ڇا تي ٿاهه ڪجي!“

پشوءَ حڪومت جو سهارو وٺڻ چاهيو. سوچيائين ته ڪا انڌير نگري ته ڪانهي! نيٺ به ته ملڪ ۾ قانون آهي. ڪيس اميد جو ڪرڻو نظر آيو. هن شهر وڃڻ جي پڪ ڪئي.

پشو پهريائين سڌو لالي محمد دين وٽ ويو. هو حاجي هو ۽ حافظ هو. ڳوٺ وارن کان پيشگيءَ تي اناج ۽ مکڻ وٺندو هو. پشو کانئس قرض گهريو، پر لالو صفا چڙي ويو. چي، ”اوهين لاهي پائي بي حياءَ ٿي ويٺا آهيو. نه ننڍ وڏائيءَ جو ادب، نه چڱي مڙس جو لحاظ. رڳو ڏنڊي جي زور تي ليڪو لنگهي ويا آهيو. ڪير اوهان چورن ڌاڙيلن کي پئسو ڏيندو!“

پشوءَ جا تاڪ لڳي ويا. اندرئي سڙي ويس: ڏند

ڪرتي، لوڙهه ڪٽي آيي ڪيائين. چيائين ته ”چور! ذاڙيل! بي حياءَ، تون جڏهن هتي آيو هئين تڏهن تو وٽ ڇا هو؟“ لالو ڏڪڻ لڳو. جهٽ ڏهين ڏهين جا ٻه نوٽ ڪڍي ڪٽي پڌوءَ جي هٿ ۾ ڏنائين.
پشوءَ نوٽن کي مروڙي سروڙي ڪٽي لالي جي منهن ۾ هنيو، ۽ پويان پير ڪيائين. سوچيائين ته هن ڪم ۾ پئسا پنهنجن ڪان ئي ولبا، نه ٻين ڪان. هڪدم ٻه چار ڏينهن ڪاهي شهر روانو ٿيو.
پشو اتي پهتو جتي گند جا ڍير، ڪارخانا ۽ دونهان، شور ۽ غل لڳو پيو هو. گهٽيون ۽ رستا ايترا، جو پتو ئي نه پوي ته ڪٿان آيا ۽ ڪاڏي ويا. نه وري ڪو پورو ڏس ئي ڏئي. هرڪو پنهنجي شخصيت ۾ ئي وچڙيو پيو هو. سيڪو وٽ پڪڙ ۽ پيچ پچان ۾ پورو ائين ٿي ڏنو ته ڪنهن وڏي مڪار ۽ چالاڪ ڪيڏاريءَ، ڪنهن خاص ۽ ناپاڪ مطلب ڪاڻ، هن سڄي شهر کي، انجڻ وانگر ٿي هلايو؛ جنهن انجڻ جا پرزا ۽ ڪلون، هي موڳا ۽ بي جان ماڻهو هئا. انجڻ جي رت ۽ ڪت ڪت ۾ ڦيري، جڏهن هي انساني نٽ ۽ بولٽ طاقت ڇڏي، گرگهلا ٿيي ٿي ويا، ته مشين جي تيز رفتار مان ٽٽي، زور سان وڃي ٿي پٽ تي ڦهڪو ڪيائون — جتي ڇپا ٿي ڪنجي ڪنا ٿيي ٿي ويا...
پشو اچي هڪ نام ڪنئي ليڊر وٽ نڪتو. کاڌيءَ جا ڪپڙا، کاڌيءَ جي صدري، ڪاري عينڪ ۽ لڪڻ هٿ ۾. فرينچ ڪٽ ڏاڙهي، چڻ ته سرٽيفڪيٽ ٿي

مهر. مٿان ڪچ ۾ ٿيلهو، چڙهي منڊيءَ تي ٽڪ. ڪمرو سهڻو سينگاريل ۽ در تي ٽانگو هڪيو حاضر. پشوءَ پانيو ـ ڪنهن غلط هنڌ اچي نڪتو آهيان. اچا اڳيرو وڌيو ته ليڊر صاحب واڪو ڪري کيس ٻاهر ترسڻ لاءِ چيو. نيٺ کيس اندر گهرايائين. حال احوال وٺي، کيس لمبو ليڪچر ڏنائين. چي، ”ميمبر ٿيو. شاخ قائم ڪيو. چندو گڏ ڪيو. ننڍن ڪاتيدارن سان نهي هلو. ڏسو نه، اوهين سچا آهيو، اڻ ڄاڻ آهيو، ٻڪيا آهيو، بي وس آهيو.........“ ۽ الائي ڇا ڇا چئي ويو. پشو ڪجهه نه سمجهي سگهيو. نيٺ ليڊر صاحب کيس دلداري ڏيئي، ٻاهر ترسايو. چي، ”درخواست لکائي وٺ. مڙيئي چڱي ٿيندي.“ پشو اچا ٻاهر ڏي وڃو هو، ته رئيس گل خان اچي نڪاهه ڪيو. بنا هٽڪ سڌو اندر هليو ويو. ليڊر صاحب کيس ڪلي کيڪر ڪئي. ياراڻا ٺهڪ ڏنائون. رئيس سئو روپيه چندو ڏنو، جو ليڊر صاحب جي صدريءَ ۾ غائب ٿي ويو. پشوءَ سٽ ڏيئي اٿيو، ڏندئي پڪوڙجي ويس. چيائين، ”ڀاڙي! سچو! ٻڪيو! بي ايمان!“

پشو هڪ وڪيل وٽ ويو. وڪيل صاحب ننڍو نينٽو جوانڙو هو. پئي مشڪيو. چي، ”يار اسين ته پيٽ جا پوڄاري آهيون. اميرن مان ٽڪا ڪونه وٺينداسون. اڻ پڙهيل ۽ اڻ ٻوجهه ٿي اسان جو شڪار آهن. هي ڳلم ۽ غاليچا سڀ ٽڪيءَ جو ٺاهه اٿئي. ملڪ جي قاعدي موجب تنهنجي ڪابه مدد ڪانه ٿي سگهندي.

في ڏين ته ڪوڙو ڪيس ٺاهي ڏيانءِ. پوءِ ڪٽي تنهنجي قسمت. اوهان جي مصيبت، اسان جي ڪمائي. بي مدد مون وٽ ڪانهِ اٿئي. نڪو مان واندو آهيان." ڪيڏي نه مڪاري هئي هن جي عاف گوئيءَ ۾! خود فريبيءَ جي انتها! جهل جو چيهه! پشو چپ چاپ اتي ڪُڙو ٿيءِ.

بي دليو، ڊرڪندو، رڙهندو اچي هڪ ٻئي وڪيل وٽ نڪتو. وڪيل صاحب اڌيڙ عمر جو هو. سندس ڪٻٽن ۾ قانون جي ڪتابن کان وڌيڪ مارڪس ۽ لينن جا ڪتاب هئا، فلسفي ۽ ادب جي ڪتابن جا ڍير. هن جا ڀرون البت مٽيرو چڪيل هئا. سندس ذرڙ ۾ هرهر گهنج پئي پيا. سندس مٿو اڌ ٽائين گنجو هو. هو سنهو سڪڙو هو. ڳانهاپائين ٿي، ته نظرون هيٺ ٿي ڪيائين. هرهر هٿ پئي مهٽائين. اندر جي اڻ تڻ ماس ئي ڪوري ويئي هيس. سندس ٽڪل ۽ گهنجيل اکيون نااميديءَ، بي وسيءَ ۽ مونجهاري جا ڏٻا هئا. پشوءَ جي ڳالهه ٻڌي، چڻ ته خفي ٿي ويو. ڊگهيءِ سنهيون ٻانهون ڪري ميز تي رکيائين. ٻنهي هٿن کي موڙي، واچن کي هيٺ ڀرو ڊرڪائي، ڪٽي سوال ڪيائين: "پوءِ چا ڪجي؟" گهڙي کن وات کليل ئي ڇڏي ڏنائين. پوءِ گهٽوئي ڪجهه چئي ويو – چي، "اوهين اڻ پڙهيل آهيو. اڻ ڄاڻ آهيو. ڪجهه نٿا ڪيو. پڙهڻ کان سواءِ چا ٿيندو؟ اوهين ناسمجهه آهيو. اوهان تي ظلم ٿيندو رهندو. امير جو غريب تي، ڏاڍي جو هيٺي تي. هيءُ قاعدو آهي. اوهين

مظلوم آهيو، چريا آهيو - هيٺا آهيو........" پشو، ڏپ ڏيئي اٿي ڪڙو ٿيو. سندس اکين ۾ شرارت پرجي آئي. ٻئي ٽريون ميز تي ڪوڙي، ديو والگر وڪيل صاحب جي مٿان ٿي بيٺو. وڪيل صاحب هيسجي ڪرسيءَ ۾ جهڪي ويو. اکيون مچڪائي پشوءَ ڏانهن ڏٺائين. پشو سانس اکيون ملائي چيو ته، "ڇريو آهين تون! هيٺو آهين تون! ظلم آهي توسان!" اديب صاحب جي لوڙهه ۾ ڇڻ ته ڪنهن مترڪا هٽي ڪڍيا - هڪ ...ٻ...ڏي. هو ڪرسيءَ ۾ ڍرڪندو ويو. ڪنڌ لوڏي لوڏي ڪتابن کي ڏٺائين. ڏانديءَ جهڙين رڳن سڄيل ٻانهن ڏانهن ڏٺائين. ڇڻ ته خاطري ٿي ڪيائين. پوءِ اجا به ڪرسيءَ ۾ جهڪي ويو.

پشوءَ کي ڏاڍي ٻچان آئي. هيانو تي تور ٿي پيس، ڇڻ ته الٽي ٻئي آيس. گهڙيءَ کن لاءِ دل شڪستو ٿي پيو. خيال ڪيائين ته هي ليڊر، وڪيل ۽ آفيسر سڀ رئيس سان ملت آهن. دانهن ڪنهن کي ڏبي؟ سوچيائين ته، "بين تي پاڙي اسين ته پاڻ تي ظلم پيا ڪيون - ظالم اسين پاڻ آهيون....." پشو اهو سوچي ڏاڍو خوش ٿيو. ڇڻ ته ڪو سچو هيرو لڌو هئائين. سندس دماغ تڪڙو تڪڙو ڪم ڪرڻ لڳو - "هي رئيس ۽ ليڊر ته رحم جوڳا آهن، پنهنجي ڪڌ پاڻ پيا ڪوٽين." پشو سوچيندي، سوچيندي، شهر جي ٻاهرئين حصي ۾ اچي نڪتو، جتي رڳو ڪارخانا هئا. هن شور ٻڌو، ڏٺائين ته هزارين غريب اٿي ڪڙا ٿيا هئا، سندن

ھٿن ۾ جھنڊا ھئا، مترڪا ھئا ۽ ڀاڏا. ھو نعرا ھڻي رھيا ھئا. سندن اڳواڻ ھڪ ٽگڙي پوش ھو، ھو بلند آواز سان چئي رھيو ھو: ”ھنن ڪلن جو ساھ اسين آھيون، ھنن ڪارخانن جو روح اسين آھيون ۽ اسان جو پگھر موتي ڏو ڻاھي. اسان جو پورھو املھ جنس آھي – موڙي آھي، سرمايو آھي. اسان جي گڏيل طاقت اڻ کٽ آھي، جا ڪنهن ڪچري ۽ اڻ پوريءَ ورھاست کي لوڙھي ۽ ٻوڙي ڇڏيندي......“

ٻشوءَ جي ڇاتي ڦوڪجي ويئي. سندس نسون ڦنڊجي ويون. سندس اکيون چمڪڻ لڳيون – ڄڻ ته ڪو نئون ٽڏو نوراني ڪرڙو سندس بدن ۾ ڀڙھندو جذب ٿيندو ويو. ٻشو اتي ڏينھن جا ڏينھن رھي پيو. نون اميدن ۽ نون امنگن سان ٽمٽار ٿي، ھو ڳوٺ ڏانھن واپس وريو.

پوين سڄ ٻڙن، ڪيتن ۽ ڳوٺن کي گاڙھو ڪري رھيو ھو. ٻشو ھڪ چپ تي چڙھي بيٺو. ڳوٺاڻن جا ڊنب سندس چوگرد بيٺا ھئا. ٻشوءَ جو وار وار ڪڙو ھو. چوڌاري ڦري ڏٺائين. سندس ھٿ ۾ لٺ ھئي. وئي جو ان کي زور ڏنائين، ته اڏ مان ڀڄي پيئي. ڄڻ ته اڏوھي کاڌل پراڻو نظام ترڪو ڏيئي ٽٽي پيو. ٻشوءَ ھٿي مٿيون مٿي ڪنيون – ”ڇا اوھين ھيٺا آھيو، ڇڙيا آھيو، ٻڪيا آھيو، بيڪار آھيو؟ ياد رکو اوھين انسان آھيو. اوھان درياھ موڙي ڇڏيا. اوھان ٽڪر ٽاڪي ڇڏيا. اوھان پٿرن مان اَن پيدا ڪيو. اوھان ٽوٽ زمين کي آکيڙي، ڪانئس زوريءَ گل ۽ ٻوٽا

چڙهايا. اوهان جبلن جي پيٽ مان پاڻي ڊوهي ڪڍيو. اوهان جنهن تي وار ڪيو، تنهن ڪنڌ نوايو. فرشتن اوهان کي سجدو ڪيو. قدرت اوهان جي ٻانهي آهي. اوهان پورهيت آهيو، پيدا ڪندڙ آهيو. پورهيو بادشاه آهي. اٿو ته اسين واڳون وٺون. اٿو ته وڻ ورچ ڪريون. اچو ته سيني کي خوشحال ڪريون. اچو ته ڏار ۽ ٽڏڪار ڪريون. اچو ته آن ۽ ميوي جا انبار لڳايون. اچو ته ماڻهن ۽ سندن ٻچن کي ٻي اونو ڪريون. اچو ته انسانيت جي واڌاري جي ڏڳ کي صاف ڪيون، ڪنڊا ۽ ڪرڙ پٽي اڇلايون. اسان جي اڏو ڪونه ايندو، جيڪو ايندو ڪڪ پن ٿي ويندو، لڙهي ويندو. اسين ڪڏهن نه هٽنداسون. اسين ڪڏهن نه مرنداسون — ڇو ته اسين ماڻهو آهيون — پورهيت آهيون!"

ڪوڙاڻن ۾ سيءَ پئجي ويو، سندن رت ۾ ولولو هو. پشوءَ جو هڪ هڪ جملو سندن بدن ۾ نئين نئين خون جي پچڪاري هڻي رهيو هو. ڪيترائي اڙٻنگ جوان اچي پشوءَ جا ٻانهن ٻيلي ٿيا. پشوءَ جي آڏو راهون کلي پيئون. هيءَ نئين چٽنگ واچوڙي وانگر وچڙندي ويئي. جابلو جوانن جا جٿا پشوءَ سان ملندا ويا. غارن ۽ ڇرن ۾ هٿيارن جي جهنڪار لڳي ويئي.

هڪ اونداهيءَ رات جو، ڏکڻ ۽ ور وڪڙ غار ۾ ساٿين صلاحون ڪيون. منجهائن هڪ الڙ جوان هو، جنهن کي مس مڇن جي ساول ۽ ڏاڙهيءَ جي ريهه لٿي هئي. سندس هٿ ۾ گراٽ ڦر واري چمڪندڙ ڪهاڙي

هئي. ڪنڌ هيٺ ڪيو، هڪ پٽيءَ ڪاليءَ جون چيتيون پٺي لاٿائين. تيڏيءَ اک سان نهاري چيائين ته ”دير چا جي آهي؟ رئيس جي سسي.......!“ ائين چئي ڪالي ڪپي ۾ اڏ ڪيائين. چي، ”کهر ۾ ڳدام رکو هڪ تيليءَ جو ڪاج آهن.“ سيٺي ولي واه واه ڪئي. پشوءَ جي نرالي طبيعت کي اها ڳالهه اصل نه وڻي. ڇهڙ ڏيئي سيٺي کي چپ ڪرايائين. ڪڙڪو ڪري چيائين ته ”چا اسين به رئيس آهيون، جو ڪيٺ ساڙيون ۽ ماڻهو ماريون؟ اسين نه خوني آهيون، نه ڌاڙيل آهيون. جو پنهنجي پيرن تي پاڻ ڪهاڙو هڻون؟“

پشو آرام سان ماڻهو ڳڏ ڪندو رهيو ۽ طاقت وڌندو رهيو. ڪين سمجهائيندو ۽ سيکاريندو رهيو. جدا جدا ماڻرين جا جوان پشوءَ وٽ ايندا رهيا ۽ نوان امنگ ۽ نوان خيال ڪٺي پکڙندا رهيا.

گلناز ٻانيو ته پشو بس سندس ئي پوچا ڪندو، پر ويچاري تڙپندي رهي. ڏينهن جو اميد ۽ رات جو انتظار. هن پشوءَ تي حق ئي ڀانيو. هن ئي ته پشوءَ جي ٽوٽ دل ۾ پيار پيدا ڪيو هو! هن نٿي ڄاتو ته اهو پيار وڏي هڪ چشمو بڻجي چڪو هو، جنهن مان ڪيترن ئي اجڙيل غنچن سرڪيون ڏيئي ڀريون. ويچاري نياپا موڪلي ٿڪجي پيئي. پشو نه اچڻو هو، سو نه آيو. ڪيس پشوءَ جا اکر ياد پيا. ”نازو، اڄ ته دنيا کي پيار ڪرڻ سيکاريون“— اهي اکر سندس ڪنن ۾ وڄڻ لڳا— ”نازو اڄ ته دنيا کي

پيار ڪرڻ سيکاريون!" نازو بيتاب ٿي، اٿي. واقعي ضرورت هئي دنيا کي پيار سيکارڻ جي! هوءَ وڃي پشوءَ ۽ سندس سائين سان ملي.

پشو ۽ نازو، عورتون ۽ مرد، اتساهه ۽ امنگ سان، ماتريءَ ۽ گهرن کي گلزار ڪرڻ لڳا. گڏجي اپائڻ لڳا ۽ گڏجي کپائڻ لڳا. وڏيرپ ۽ وڏائي واءَ ٿي ويئي. پورهيتن جي پنچات اڳتي وڌڻ لڳي. پنچاتي دڪان ۽ پنچاتي اسڪول کلي ويا. ڪبڏي ۽ ڪشتي، ملهه ۽ ونجهونيءَ جا مقابلا ٿيڻ لڳا- سندن چهرا چمڪڻ لڳا. ٻارڙا کلڻ ۽ کيڏڻ لڳا. سادن سودن ماڻهن جي هڪ سادي سودي اڏاوت ڪڙي ٿي ويئي. پورهيتن وڏي اتساهه سان هيءَ اڏاوت جوڙي هئي، جنهن ۾ ڏيون هيرون ٿي لڳيون ۽ ڪنڊون ۽ ڪير ٿي ورهايا. هنن پنهنجن شخصي نفعن کي ڪُٺي، ڏمڪ هڻي، هن اڏاوت جي پيڙهه کي پڪو ۽ پختو ڪيو هو. ان جو گارو، پگهر ۽ پيار سان ڳاهيو هو. انساني محبت ۽ ٻڌيءَ جي هن سادي ۽ سهڻي ڪوٽ سان رئيسن گهڻا ٽڪر هنيا، پر ڳوٺاڻا پنهنجي هن تخليق جي بچاءَ ۾ سر ڏيڻ لاءِ تيار هئا. سچ ته تخليق مٿي ته خالق مٿو- نقش ويو ته نقاش جيئي ڇا ڪندو؟ گهر ڊٺو ته سرن ۽ سروٽا ڪيئن رهندا- رهي ڇا ڪندا.

حيوانيت ڦٽڪڻ ۽ ڇڙيون هڻڻ لڳي- وڏيرن ۽ ولاج خورن، نانگن ۽ سانڍن وانگر ڳوٺاڻن جي ٻڌل ڪوٽ ۾ ڏرڙ ۽ ڪوهڙا ڪوٽڻ گهريا، پر پشو ۽ پنچات

سندن ڏند ٽوڙي ڇڏيا ۽ چنبا پچي وڏا. پيلا ڪير پنهنجي بهشت مان نڪري پرائي دوزخ ۾ ويندو! رئيسن هٿ پير هلائي چيهه ڪيو، ۽ نيٺ وڃي شهرن ۾ پناهه ورتائون. پشوءَ جي طاقت ويئي وڌندي ۽ ڳوٺن جا ڳوٺ ويا سندس پيار ڀرئي پيغام جي لپيٽ ۾ ايندا. ماٺريون سبز ۽ سايون ٿي ويئون. اناج ۽ ميوا جام ٿي ويا. پيار ۽ امن جون هيرون ٿي لڳيون. انسانيت ٽڙندي رهي.

اخبارن وڏيون وڏيون سرخيون ڏنيون. ماڻهن ”جابلو شينهن“ جا ڪارناما وڏي دلچسپيءَ سان پڙهيا. اديب ۽ عوامي ليڊر کيس ”هيرو“ سڏڻ لڳا. رئيسن سيٺين ۽ سندن حڪومتي ٻالڪن ۾ ڏرڪلو پئجي ويو— چي، ”پشو باغي آهي، چور آهي، ڌاڙيل آهي، ڪافر آهي!“ رياست جو جاسوسي ڪاتو وٺ پڪڙ ۾ لڳي ويو. ائين اچي مڙيا، جڻ مکيون ڊوڙنديون ٿيون. نوس نوس شروع ٿي ويئي— هر خوشبوءِ کي خطرناڪ سڏيو ويو. ڪوڙيون رپورٽون موڪليون ويئون— ويچارا رپيو روز کڻندڙ سپاهي پيلا ڇا ٿي ڪري سگهيا، ڇا ٿي ڏسي سگهيا. ڪاغذي رپورٽن جي ڍڳين مان هڪ وڏو خيالي بدبدو ٺاهي، مينهن بنائي، فوجي ڪارروائيءَ جو حڪم ڪيو ويو. مڪار ۽ ڪانئر نوابن پيار ۽ محبت جي ڪوٽ کي ڪيرڻ لاءِ پائرن کي پاڻ سان ويڙهايو. پنهنجا پنهنجن سان ٽڪرايا. وطن جا فوجي پائر هڪ هموطن ڳوٺائي تي ڦلتجي پيا. بي ضمير اخبارن

وري ٻه وڏيون سرخيون ڏنيون ۽ فوجي ڪارنامن جي سارام ڪئي.

پشو بي خبر نه هو. هن کيت ۽ گهر ساڙائڻ نتي گهريا. هو کيتن جو ۽ ڦلن جو، مائرن جو ۽ سندن ٻچن جو رکپال هو. هن ڳوٺ وچي مٽي لاهڻ تي ٻڌايا. ۽ پوءِ پنهنجا ساٿي وٺي اڳيرو وچي لڪ جهلي ويٺو. رات جو وڳڙو، ڪاري بات اونده، ٻهاڙ ۽ ٻهڻ، پشو ۽ ڳوناٺا، صدين جا ساٿي ۽ پراڻا حال ياڻي، هڪ ٻئي جو ڏي ۽ اجهو تي هڪئي دشمن جي مقابلي لاءِ ٻانهن ٻيلي تي بيٺا. جبلن ۽ ماڙرين جا اپايل جوان، رائيفلون ڪئي پهڻن کي ڍال بنائي چپي ويهي رهيا.

آڌيءَ رات جو رياستي فوج اچي لانگهائو تي. جابلو جوانن ڌوڙيڙ لائي ڏنو. انسانيت ۽ حيوانيت جو تڪر ٿيڻو هو سو تي ويو. صدين جا خشڪ پٿر رنگجي لعل تي ويا. فوج ۾ ٻاڪر ڪنو پنجي ويو. هو پکڙن وانگر ڀڄڻ لڳا. انسانيت اڏول، بلند ۽ مٿاهين رهي. خريد ڪيل جسم، ”جسم“ جي ئي بچاءَ ۾ محو رهيا. لڪي چپي، پهڻن کي آڏ بنائي، سر جو سانگو رکي جوابي حملو ڪري ڏنائون. چتي ويڙهه چڙي ويئي. فوجي ٻم پٿرن کي پٿون ڪري رهيا هئا. گولين جي بوڇاڙ ۽ ڌونهين جا ڪڪر هئا.

ڳوٺائي نازو، ٻاٽيءَ جي ڪلي ۽ ٻاروت جو ٿيلهو ڪنيو، پٿرن ۽ پهڻن تي ڊوڙندي ٿي رهي. هڪ هنڌان ٻئي هنڌ، هرهر ڦري پشوءَ وٽ تي آئي- ۽ وري ڪنهن

زخميل جي دانهن تي پڳي تي ويئي. گولين جي مينهن ۾ سندس همت ۽ همدردي، سادگي ۽ سونهن، پيار ۽ فرض، ڪنوڻ وانگر تجلا ڏيئي رهيا هئا.

گهمسان جي لڙائي هلي رهي هئي. پويون پهر تي چڪو هو. پورهيت پورهيتن سان وڙهي رهيا هئا. مزورن جو ٺاهيل بارود مزورن کي ساڙي رهيو هو. سندن مشترڪ دشمن، ڪارو ۽ ڪوجهو، وڏين ڏاڻن وارو، شيطان مثل، دونهي جي ڪڪرن ۾، ڪڳيون هڻي رهيو هو. نتي چاڌائين ته "ڪارائيندڙ ۽ ڊڪائيندڙ" هٿ ڪي، نانگ وانگر ڏنگي رهيو هو.

پشو پنهنجو بارود خلاص ٿيندو ڏٺو. هن پنهنجا مُٺ جيترا ماڻهو مرندا ڏٺا. ڪيس ڪيت بچائڻا هئا. مائرون ۽ آئندي جون اميدون بچائڻيون هيون. انسانيت جو جهنڊو اوچو رکڻو هو. نهون نياپو ڪنڌ ڪڙڇ ۾ پهچائڻو هو. انسانيت جا پيغمبر سلامت رکڻا هئا ۽ جنگ جاري رکڻي هئي. سڀ ڳالهيون ڳڻي، هن هٽڻ جو حڪم ڏنو. رڳو ٿورڙا ساٿي پري پري ڪري بيهاريائين، جي رائفلون چوڙيندا رهيا—جئن دشمن دوکي ۾ رهي. بيا ساٿي، خاموشيءَ سان زخميلن کي کڻندا، غارن ۽ چرن ڏانهن روانا ٿي ويا. هاڻي اٺ ئي جانباز وڃي بچيا. پشو اشارن سان هڪ هڪ کي واپس موڪليندو رهيو. نيٺ وڃي ٽي ڄڻا رهيا—پشو، نازو ۽ سندن هڪ ويجهو دوست شيرل. ٽيئي ساٿي لاڳيتو جدا جدا هنڌن تان گوليون چوڙيندا رهيا.

رات، دونهون ۽ بارود جي باھ! ٺڪُ، زخم ۽ آچ! پشو، نازو ۽ شيرل ـ وڙهندا رهيا ۽ هٽندا رهيا. اوچتو بارود ڦاٽو، چمڪاٽ ٿيو، ۽ پشو ٻولاٽي کائي ڪريو. نازو ۽ شيرل پڇندا ويا. سندن گوليون ڇٽڻ بند ٿي ويئون. فوجي سپاهي زور ۽ شور سان وڌڻ لڳا. پشوءَ جي زخمن مان رت ٿيمنديون ڪري وهڻ لڳو. نازو وانئڙن وانگر هيڏي هوڏي ڏسڻ لڳي. آڱرين سان وهندڙ رت کي روڪڻ لڳي. وقت تيزيءَ سان سُسي رهيو هو. پشو نيڪون ڏيئي اٿي ويٺو. هن آخرين نياپو ڏنو ـ چي، "جنگ جاري رکجو، ڪارخاني وارن سان ضرور ملجو، فوجن ۾ پنهنجو پيغام موڪلجو!" فوجي سپاهي مٿي چڙهي رهيا هئا. باھ جو درياھ وهي رهيو هو. پشوءَ نيستن هٿن سان بندوق ڪٽي پٿر جي ٽيڪ تي رکي. هو مشڪيو ـ چي، "نازو تون وڃ!" نازوءَ جي زبان بند ۽ نڙي خشڪ هئي. سندس اکيون ڦاٽل ۽ چپ ٿورا کليل هئا. هوءَ پٺي سهڪي. ڪنڌ سان تڪڙو تڪڙو "نہ، نہ" ڪيائين. پشوءَ رائفل ڪٽي ٺڪاءُ ڪيو ـ چي، "مان بہ اچان ٿو." هو وري مشڪيو ۽ شيرل کي آڱر سان اشارو ڪيائين. شيرل، نازوءَ کي ڪرائيءَ کان جهلي، مٿي جبل جي چوٽيءَ ڏانهن ڀڳو. پشوءَ جي روح کي جهڙي اچي وئي ـ پايانئين تہ سڏ ڪري نازوءَ کي پنهنجي پاسي ۾ ويهاري. نازو پٿرن تي گهلبي ۽ رهڙبي ويئي ـ سندس ڪنڌ پٺتي هو، ۽ اکيون پشوءَ ۾ هيون ـ وڃي چوٽيءَ تي پهتا.

پشو پهڻ جي اوٽ ۾ گولي ڇوڙي رهيو هو. فوج ڪيس وڪوڙي ويٺي هئي - سپاهي متس چڙهي ويا. نازوءَ هنيانو ڦاڙي ڏانهن ڪئي... ”پشو!“... ڇڻ ته آسمان ڏري پيو، جبل ڦاٽي پيا ۽ مائرن ڪيهون ڪيون. نازو ست ڏينهن پوئتي پيئي - پر شيرل جو مڙدانو هٿ ڪيس جبل جي هٿي ٻاسي گهلي ويو. ڪنهن اونهي کوهه ۾ پشوءَ کان ڏار، اونده ۽ انڌڪار ۾. پٿرن ۽ پهڻن، گلن ۽ ٻوٽن، مائرن ۽ ٻچن هڪ گهيرو ۽ خاموش ماتم ڪيو. سون پگهرندو رهيو ۽ مٽيءَ اپامندو رهيو - فوج دمبهو هنيو ـ ”يا علي!“ زخميل پشوءَ کي ڪنداقن سان ڪٽيو ويو. گهٽيل ۽ ٻوساٽيل پشوءَ پنهنجي آخرين چال ڪيڏي. چيئي ”منهنجا سڀ ساٿي مارجي ويا.“ فوج پنهنجي فتح تي ناز ڪندي، دق وڄائيندي، پشوءَ کي گرفتار ڪري موٽڻ لڳي. وڏا وڏا ٻيانڪ ٻربت هزارنهه ۽ ڪروڙن سالن جي ٻاهه ۽ ٻاڦ کي وڏيڪ سانڍي نه سگهيا. ڏند ڪرٽي اڪيون ڦوٽاري فوجي دق ۽ دمبهي جي هرهڪ آواز جو جواب وڏي سڏ، زور زور سان چار چار، پنج پنج دفعا ڏيڻ لڳا. غوغاءَ مچائي ڏناسون - سندن گجگوڙ ماڙين ۽ غارن ۾ گونجي ۽ بستين ۾ زلزلا پيدا ڪري وڌا.

رياستي فوج زلزلن کان بي خبر، تانءِ ڦونڊ ۾ ڀرجي، وڏي ناٽ ۽ اڊمبر سان اچي شهر پهتي. اخبارن وري به وڏيون وڏيون سرخيون ڏنيون. فوج ۾ انعام ورهايا. پشوءَ جي جسم کي قابو ڪري، ”چاتو تي ويو

تہ سندس لڳايل چٽنگ اجهامي ويندي. پر اها تہ لباڙ هئي، لاف هئي، خود فريبي هئي، چريائي هئي. بس ڪر ڪني ٿيل سماج جي ڏڏلدڙ ٽوٽيءَ کي چار ڏينهن جيئدان مليو. اج نہ ڪري سيان ڪري!

پشوءَ کي ڦاسائڻ لاءِ خاص جج ۽ آفيسر مقرر ڪيا ويا. ڪيني جو ناٽڪ هلي پورو ٿيو. ڪارن جڄن وارن پنهنجون تقريرون ڪيون. جج صاحب وڏي ڪرسيءَ ۾ ڪنهڙي جي پنيان وڏين ڏکين پٽين جي وچ ۾ ويٺو هو. سندس چوڌاري ڪتابن جون ٿهيون هيون. چوبدار سندس مٿان بيٺو هو. هو اکيون مچڪائيندو رهيو. هن گهوريندڙ ڪتابن ڏانهن ڏٺو، ڪارن جبن وارن ڏانهن ڏٺو، پوليس ڏانهن ڏٺو، ۽ ڪورٽ جي ڏکين وڏن ساڳي جي درن ڏانهن ڏٺو. هن مجرم وانگر اکيون جهڪايون ۽ فتوا ڏني.

”تون ڏوهي آهين—توکي ڦاسي ڏني ويندي!“

پشو ذرو بہ نہ لڏيو. شينهن جهڙو مڙس اٿي بيٺي رهيو. ڏاڍي ٺڏائيءَ ۽ وڏي يقين سان چيائين تہ ”ڏوهي تون آهين، ڦاسي توکي ايندي: مان ڪڏهين نہ مرندس.“

ٻاهران وڏي زور سان نعرو لڳو—”پشو پاشا زنده باد!“ عدالت عاليہ جو لوهي جهنگلو ڇڻ تہ ٽڙڪو ڪري ٽٽي پيو. سندس وڏو شاهي گنبذ ٽڪاءَ ڏيئي ڦاٽي پيو. ان جي چوٽيءَ مان نڪرندڙ ڪڙا ۽ زنجير ڇڄي مٽيءَ ۾ ملي ويا. انساني جوش جو اڀرندڙ

سمنڊ وڏا ڪَرَ ڪٽي، تَڪر هڻندو، عدالت عاليہ جي ڪنڊرن مٿان ورائجي ويو.

قاسي گهاٽ مان سوين ۽ هزارين پشو اڏامندا نظر آيا. سندن سر ترڇا تي هئا. سندن ڪپڙا رتگجي لعل ٿي ويا هئا. ويا ڪڏ ٽيندا. ڪارخانن ۾، فوجن ۾، ڪيتن ۽ جبلن جي ماڙين ۾، ۽ غارن ۾. سندن هٿيارن جي جهڻڪار ۽ ٺاروءَ جا آلاپ هوائن ۾ واچوڙا پيدا ڪري رهيا هئا. تکا ۽ تيز واچوڙا، جن هر پٽيءَ اڏاوت کي اکوڙي ٿي وڌو: وڏا ۽ اوچا واچوڙا، جن زمين جي ذرن کي آسمانن تائين پهچايو.

"متان آيو آهين، مون کهٽو ئي سنو آهي. هاڏي نه چڏيندو سانءِ." پاشا بيهي رهيو. رڇ جهڙا هٿ کٽي پنيان کيائين. پاسيريون اکيون کري پٺ کي ڏنائين. ساهروکي بيهي رهيو. نرڙ ۾ گهنج وجهي ڪنڌ لوڏيائين، ڄڻ ته ڪا ڳالهه سمجهي ويو ۽ وٺي تهڪ ڏنائين، ڄڻ "واقعي تون ڪٿي جو ڦر آهين!"

روز صبح سان گگهوءَ جو ٻوائنتو آواز لهرون هڻندو، رانياٽ ڪندو، مزورن جي بستيءَ تي ڇانئجي ويندو هو. ڳوٺ جي گرديءَ ۽ تيل هاڻيءَ فضا کي ڄڻ ته وڪوڙي ڪٽي مٺ ۾ ڪندو هو. سڄو ڏينهن هڏ هڻي، مزور ٻه گهڙين ۾ اونڌا ابتا ٿيو، ڪنڌن ۾ ڪريا پيا هوندا هئا. ننڊ ئي ته سندن تڪل لڳن جي خوراڪ هئي! گگهوءَ جو ٻي وقتو ۽ ٻي هودو حڪم کين اڌ ننڊ مان اٿاريندو هو. اکيون مهٽيندا، ٽيڙ ڪائيندا، ڦيريون پائيندا اٿندا هئا. بس ڄڻ ته ڪتا ٻرن مان نڪتا. اوندهه، ٻوسلو ۽ ٽڏ ڪرڪندا، ڳاريون ڏيندا، رئي اڏائيندا، گهٽيءَ مان ڳڙڪندا ايندا هئا - پيا هڪ ٻئي جي مٿان ڌڪندا ۽ ٿاٻڙندا هئا. ڪارخاني جون بي خوف پٽيون لاپرواهيءَ سان جبل ٻٽيون ٻيٺيون هونديون هيون. مزور ويندا هئا ڪڏ ٿيندا. ڪپ سندن پيرن هيٺان

پٺي چڪ ڪندي هئي. ڪوڙ ۽ شور ويندو هو وڌندو. ڦٽ لعنت ۽ گارين جو ڏوڙيو لڳايو بيٺا هرندا هئا. لوهي پرزن جي ڪٽ ڪٽ ۽ ٻاڦ جو ڦرڙاٽ ويندو هو زور وٺندو. دونهي جا ڪڪر اٿندا وڌندا، ديو وانگر سڄي ڪوٽ تي ڇانئجي ويندا هئا.

پاشا به اتيئي رهندو هو. سندس سڄو بدن شوخ گهنڊيدار وارن سان ڍڪيو پيو هوندو هو. سندس ٿلهن وڏن ڀرن هيٺيان ننڍڙيون اکيون پيئڻ چمڪنديون هيون. هن جي شڪي نگاهن مان نفرت پئي اڇلون ڏيندي هئي. اکيون اهڙيون تيز جو چڻ ته ڪرڏا پيا ڏڪرندا هئس- ڪاڏي ۽ چپ مٿي ڪري، ٻوٽ بچڙو ٻڏائي، حقارت سان ٽڪ ڪٽي اڇليندو هو ۽ چوندو، ”ڪتي جو ڦر!“

هو رانوڙ لڳو پيو هو- ٽنگرن چڻ ته ٿنيا، ٻانهون وڏيون ۽ وار ٿلها. ڪاريگر به واهه جو هو. سڄو ڏينهن پيو وهندو. شوخ ۽ ڪرڪ. سيني ڪان ڏاڍو هو. مالڪن کي به ڪتيون ڀڏائيندو هو. ڏٽ هٽندو، ته ڪم ڪان جواب. پيسي جي وٺس جهٽ ٻاڙائي ٿيو وڃي. پوءِ خـــار ۾ هٽ پيو مهٽيندو ۽ پيو هيٺ مٿي ٿيندو.

ڪنهن کي ڪونه وٺندو هو. سڀ ڪانئس ڇرڪندا هئا، جي ڪٽي ڪو خارباز جوان سامهون ٿيس، ته عمر لاءِ سبق سکي ويندو هو. موڪلن ۾ ته ضرور ڪنهن نه ڪنهن سان وڙهي ويهندو. هٿي هڙ گڏ ڀڃي رکندس.

ٻڌي ڪري، تولا تاهي ساڻس وڙهندا هئا. پاشا کي ٻه جيڪي ست ۾ آيو، ڪٽي بيٺي رهندو. وڏو شاهي پٽڙ، يا لوهو ڏندو مٿي ڪري، ننگون ڦاڙي، آيو تي بيهي رهندو. وارن سان سٽيل، سرو ٽيل سرو ٽيل ٻانهون، ٽلهي بي ڊولي ڏاڙهي، وڏو اپو منهن: ڏڪي وانگر ويڙهه لاءِ تيار، ڦوڪون پيو ڏيندو. گڦ پيئي وهندي يس. نظر اهڙي تيز چڻ ته ڪو جهنگلي جانور چتو ٽيو ڪاٽڻ لاءِ تيار بيٺو آهي. اوچتو وٺي رانيات ڪندو، ٽڪ اچليندو ۽ چوندو "ڪتي جا ڦر!" سندس وڏا پيلا ڏند ڪڙڪندا، ڏاڙهيءَ مان ظاهر ٿي پوندا هئا. ازغيبي پؤ ڇانئجي ويندو. سڀ وٺي ڀڄندا. پري بيهي ڪيس گاريون ڏيندا. سندس نڙيءَ مان گڙگڙ جو آواز نڪرندو. زور سان ڪٽي ٽڪ ڦٽي ڪندو ۽ چوندو "ڪتي جا ڦر!" سندس اکيون پيون ٻرنديون هيون. ڏندو مٿي جهلي، اڳتي وڌندو ۽ پڪوڙيل چپن ۾ چوندو، "ڪير آهي جو اڄ مرندو؟" پلا کهڙو مر تان تتو هوندو! سڀ ٽڙي پکڙي ويندا.

هو اصل ڪونه ڳالهائيندو هو. پوليس لاءِ، ڪامورن لاءِ، ڪارخاني وارن لاءِ — بس وٽس اهوئي هڪڙو جملو هو: "ڪتي جا ڦر." زال کي به چوندو هو ته، "ڪتي جي ڌيءَ! ڏسين نٿي منهنجي ستڻ ڦاٽي پئي آهي!"

ڪيس هڪڙو چوڏهن سالن جو پٽ هو. وارن کان وٺي، ڪٽي مٿي ڪندو هوس. پٽس به هڪ ڏينهن ست ڏيئي، هتوڙو ڪٽي بيهي رهيو. چي، "اڳتي وڌندين

ته خير نه هوندئي!" پاشا دنگ ٿي ويو. چپ ڀڪوڙي، اڪيون چنجهيون ڪري، هوريان وڪ کنيائين. پنس به هٿوڙو تيار ڪري چيو ته، "متان آيو آهين، مون گهٽوئي سٺو آهي. هاڻي نه ڇڏيندوسانءِ." پاشا بيهي رهيو. رڇ جهڙا هٿ ڪٺي پنيان ڪيائين. پاسيرو ٿيون اکيون ڪري پٽ کي ڏٺائين. ساهه روڪي بيهي رهيو. نرڙ ۾ گهنج وجهي ڪنڌ لوڏيائين، ڄڻ ته ڪا ڳالهه سمجهي ويو! وري ٿهڪ ڏنائين، چي، "واقعي تون ڪتي جو ڦر آهين!"

انهيءَ ڏينهن زال کي چيائين ته، "مون ڪان هاڻي ڀائي به نه گهرجانءِ. پنهين توکي پاڻهي پاليندو."

جوٺس ويچاري چئي ويئي ته، "باقي تون سو سيئي پئسا نشي ۾ وڃائيندين."

"ڪتي جي ڏيءَ، مان ڪٺي يار کي ڏيان، تنهن ۾ تنهنجو ڇا؟"

پاشا ڪابه يار ڪانه رکي، پر پٽ جو ڪڏهين به اونو ڪونه ڪيائين: مرڻ گهڙيءَ تائين نه ڪانئس ڪجهه پڇيائين، نه سانس ڳالهايائين.

ڪيس هڪڙوئي دوست هو. سندس وڏو ڪتو! پاشا جهڙوئي بي ڊولو ۽ شوخ. سانس گڏجي ڪارخاني ڏي ويندو هو ۽ سجو ڏينهن در تي سندس انتظار ڪندو هو. شام جو آتي، ڪر ڀڃي، اکيون پيو مچڪائيندو، جيستائين پاشا ٻاهر نڪري. چپ چاپ پاشا جي پنيان لڳي پوندو. پاشا نه ڪڏهين ڳار ڏني، نڪو ڏڪ

هنيو ۽ نه وري ڪڏهين مٿانئس پيار جو هٿ گهمايائين.
هئي خاموش هئا ۽ هڪ هئي جي طبيعت کان چڱيءَ
طرح واقف.

موڪل جي ڏينهن پاشا وتندو هو ڏڪا کائيندو
مات ميٽ ۾ هڪ ڪتي کان هئي تائين. پنهنجي ليکي
ايندڙ ويندڙ جي منهن کي پيو جاچيندو. ڇڻ ته ڪنهن
کي ڳولي پيو. ڪتو به سندس پٺيان ٿلهو ڍارن وارو
پڇ لٽڪائيندو، سهڪندو، ڏوسيندو ايندو هو. ماڻهو
نفرت مان چوندا هئا ته "هئي ڪتا!"

پاشا، شام جو نشي ۾ ٿات ٿي، ٿڪجي ٽٽجي، اچي
مانيءَ تي ڪرندو. ڪتي کي به پنهنجي ٿانو مان گڏ
کارائيندو. ويندو هو گرهه ڳڙڪائيندو. هٿي ڏاڙهي
مچون پڙي چڏيندو. جوٽس، جي ذرو به دير ڪئي
ته ٿانو ڪٽي اڇليندو. ڇري ڀري، سولو ٿي، ڦاٽل
سوٽ جي کيسي مان دارونءَ جي بوتل ڪڍي، ڪٽي
اڳيان رکندو. ٽنگون ٽيڙي، پٽ کي ٽيڪ ڏيئي،
اکيون بند ڪري، ولي راڳ شروع ڪندو. سندس
ٿلهو ۽ گگهو آواز مٿي ۾ سور وجهي ڇڏيندو. ٻي سرا ۾
ٻي وقتا آواز سندس منجهيل ڏاڙهيءَ ۾ پيا اٽڪندا
هئا. سندس منجهيل ڏاڙهيءَ ۾ پيا اٽڪندا هئا. سندس
ڳنڍيل ڏاڙهيءَ مان مانيءَ جا ڀور چنبڙجي وڃي ٻري
پوندا. ٿلهين ۽ کهرين آڱرين سان ڏاڙهيءَ کي چنبڙڪو
ڏيئي، وري ڪٽي راڳ شروع ڪندو. سندس راڳ جا
اکر اصل سمجهه ۾ نه ايندا هئا. ڇڻ ته سياري ۾ ڪڏڙن

جون اونايون. کتو به سندس پرسان اکيون بند کيو پيو ڏکر کائيندو هو. پاشا جي اوچتي ۽ ڏاڍي آواز تي وائي زور سان پڇ لوڏيندو. بس جيستائين بوتل ۾ دارون هوندو، تيستائين سندس راڳ پيو هلندو، ۽ پوءِ ويندو هو ڍرڪندو. پٺي ڇٽا اتي ئي سمهي پوندا.

پاشا جو موت تري قاتڻ کري ٿيو. جا سارا پنج ڏينهن پٺي هنڌ ۾ لڇيو. منهن ڪارانجي ويس. اکيون بند ڏند پيو ڪرٽيندو هو. ڪڏهن ته ممئيون ڪوڙي، زال کي چوندو هو ته، ”ڪجھ سنکيو ڏينم. زهر ڏينم، ڪتي جي ڏيءُ!“

ڊاڪٽر ستانئس پلستر رکيو چي، ”آپريشن ٿيندي، کيس اڄ جو اڄ اسپتال ۾ آڻيو.“ پاشا ٻڌي ورتو. چيائين ته، ”اسپتال ۾ يا توسان گڏ جهنم ۾!“ وٺي ڏند ڪرٽيائين، چي، ”تون الڪو نه ڪر، مان پاڻهي مري ويندس.“ ڪنڌ ڦيرائي چيائين ”ڪتي جو ڦر.“ ڊاڪٽر هليو ويو. جوٽس کي اکين ۾ پاڻي اچي ويو. کيس آپريشن لاءِ منٿ ڪيائين، پر پاشا هنڌ مان ئي لونئو ڪڍي ڏيکاريس. چي، ”مان چڱو ڀلو ٿيس ته توسان وڏيڪ تعدي ٿيندي.“

صبح جو پاشا مري ويو. نيڪ انهيءَ وقت جڏهن ڳگهو وڳو! هو سفيد ڪفن ۾ سڌو سمهيون پيو هو. سندس وات ڪليل هو ۽ نرڙ ۾ اڄان به، بي آراميءَ وارو شور ۽ گهنج لڳا پيا هئا. سندس جنازو کنيو ويو. هن جي جنازي سان گڏ سندس زال هئي، پٽ،

سندس ڪتو ۽ گوٺ جا ٻہ، چار پينو فقير ۽ هڪ ٻراڏو چور ۽ شرابي جنهن کي ڪارخاني مان نيڪالي ملي هئي. سندس زال ماڻ هئي. پڻس اصل ڪونہ رلو. جنهن جنازي کي ڏٺو، بيهي رهيو. چي، "جوڙس جي جنڊ چٽي." "جهڙو هو، اهڙو ڪتو تي مئو."

پاشا کي قبر داخل ڪيو ويو. سڀ هليا ويا. سندس ڪتو بيٺو رهيو. تازيءَ نڪتل مٽيءَ تي ويٺو رهيو. خاموشيءَ سان قبر کي پئي سنگهائين. ڪنڌ مٿي ڪري ڪوڪر ڪيائين. ڪجھہ ڏينهن کان پوءِ ڪتي کي بہ ڪنهن ماري وڌو!

اصل، مئڪسم گورڪيءَ جو، روسي زبان ۾ لکيل

انگريزي ترجمي تان سنڌي ۾ ورتل

تنقيدي خط

جمال ابڙو

ــ ادا سائين، مون پنهنجو 'پشو' اوهان طرف موڪليو آهي. اميد ته پهتو هوندو. مون 'پشو'، 'ٻلو دادا' ۽ 'شيدو ڌاڙيل' کان متاثر ٿي لکيو، ڇو ته انسان جو مقام منهنجي نظر ۾ نهايت بلند آهي منهنجو 'پشو' نه ڌاڙيل آهي نه داداگير، پر هڪ سڌو سنئون انسان آهي. آهن ته اهي ٻئي هڪڙي ئي ماحول جي پيدائش، پر صرف ان ڪري اسان جي سائن همدردي ٿئي ٿي ڇا؟ ائين ته وڏيرو ۽ سيٺ به انهيءَ ماحول جي پيدائش آهن. پوءِ انهن کي ولين (Villian) ڪري ڇو ٿو پيش ڪيو وڃي؟ پوءِ ته اسانجي همدردي وڏيري ۽ سيٺ سان به هئڻ گهرجي! اسين ته منجهي ٿا پئون! ڇاڪاڻ ته هڪ انسان مسڪين آهي تنهنڪري هو رحم جي لائق آهي ڇا؟ منهنجي دل اها ڳالهه نٿي مڃي.

مان ڀانيان ٿو ته انسان کي 'رحم جوڳو' ٿيڻ ئي نه کپي. اها انسان جي توهين آهي. انسانيت جي توهين آهي. انسان نهايت بلند ۽ بالا آهي. هو 'ويچارو' ۽ 'ڪين جهڙو' نه آهي. مفلسي کيس ماري نٿي سگهي. انسان جيڪڏهن ڪنڌن ۾ اوٻاسيون ڏئي، شوڪارا ڀري ڇڙهيون هڻي مري وڃي، ته ڇنبو منجهانئس انسانيت ڪڏهوڪو مري چڪي هئي.

انسان اهو جو مفلسي، بيماري، بي علمي ۽ ظلم جي حملن جي باوجود اڳتي وڌي، ڏسڻو آهي تہ اهي رنڊڪون سندس 'انسانيت' کي ڪيترو جرڪائين ٿيون. پوءِ انسانيت جي واداري جي راهہ ۾ جيڪي رنڊڪون آهن، تن کي پاڙئون پٽيندي، ڪو خون ڏيئي مئو تہ شهيد ٿيو: پر جي ڪو صرف اکين مان پاڻي هاري مئو، تہ ٻين کي بہ دلشڪستو ڪري مئو. انسانيت کي بدنام ڪري مئو. هو تہ مرڻ کان اڳي مري چڪو هو! جو مڙيو سوبہ مئو ۽ پڻ ڪريو. مون انهيءَ ڪري 'پشو'، پيش ڪيو. خبر نہ آهي ڪيتري قدر موضوع کي نباهي سگهيو آهيان. اسين اڃان سکون پيا. چئي نٿو سگهجي تہ اهو موضوع ڪيتري قدر صحيح آهي، يا منجهس ڪيتري قدر سڌاري جي گنجائش آهي.

ائين نہ آهي تہ 'شيدو' ۽ 'بلو دادا' ڪو گهٽ آهن. سنڌي افسانوي دنيا جا شاهڪار آهن. 'شيدو' ۾ سندس ماحول جو نقش نهايت فنڪارانہ طرز تي پيش ڪيو ويو آهي. لکندڙ جي زنده دلي ۽ احساس جو ثبوت آهي. ٻولي تہ لاجواب آهي. پر افساني پڙهڻ کانپوءِ ائين ٿو ڀانئجي تہ انسانيت سڪرات ۾ آهي ۽ جيوانيت ڪلي رهي آهي. شايد آءٌ غلط هجان. ڏسجي ٿو تہ هيءُ هڪ اختلافي مسئلو آهي........

محمد ابراهيم جويو

—پاڻ جمال،..."بلو دادا" ۽ "شيدو ڌاڙيل" جي باري ۾ جيڪي نڪتا اوهان ظاهر ڪيا آهن، انهن جو تت اوهانجي هن جملي ۾ اچي وڃي ٿو ته "افساني پڙهڻ ڪانپوءِ ائين ٿو ڀانئجي ته انسانيت سڪرات ۾ آهي ۽ حيوانيت ڪلي رهي آهي." اوهان انهن افسانن مان جيڪڏهن اهو تاثر ورتو آهي ته اوهان برابر ٿي سگهو ٿا- پر منهنجي خيال موجب، افسانن جي جملي تاثر جو فقط اهو هڪڙو پهلو آهي. ٻئي ڪندي، اسان جي هن سماج ۾ حقيقت به اها آهي ته انسانيت تي حيوانيت جو غلبو آهي- پوءِ انهيءَ حقيقت جو اظهار جيڪڏهن افساني نگار، فني نقطي نگاهه کان ڪاميابيءَ سان پيش ڪري، ته اهو افسانو منهنجي خيال ۾ ڪامياب افسانو چئي سگهجي ٿو. مختصر افساني جي هڪ خصوصيت آءٌ سمجهان ٿو ته ان ۾ زندگيءَ جو ڪو به هڪ پهلو، ڪا به هڪ حيثيت پيش ڪئي وڃي، ۽ ان ۾ سماجي ڪيفيتن ۽ پس منظر کي اثرائتي انداز ۾ اياري. پڙهندڙن جو ڌيان ان جي اصلي حقيقت ڏانهن ڇڪايو وڃي. ڪامياب افساني جي هرو ڀرو اها خصوصيت ڪانهي ته ان ۾ ڀيري ڀيري سان انسان جو اعليٰ مقام پڙهندڙن وٽ ثابت ڪيو وڃي؛ يا نتيجي طور ان ۾ انسانيت ۽ نيڪيءَ جي فتح، ۽ حيوانيت ۽ بديءَ جي شڪست ئي ڏيکاري وڃي.

اهڙي قسم جا افسانا ته شايد فني نقطي نگاهه کان ٿورا به ڪمزور ٿيا، ته مٿن تبليغي افسانن، يا قديم ناصحانه آکاڻين هڻڻ جو الزام مڙهجي ويندو. حيوانيت جو ڪلهو ۽ انسانيت جو رئڻ، اڄوڪي سماج جون تلخ حقيقتون آهن. جيڪڏهن انهن حقيقتن کي پيش ڪندي، پڙهندڙ جي دل ۾ حيوانيت ڏانهن نفرت، ۽ انسانيت لاءِ عزت ۽ محبت جو ردعمل هڪ افساني نگار پيش ڪري سگهي ٿو، ۽ ساڳئي وقت پڙهندڙ کي جيڪڏهن انهيءَ الٽي گنگا جي اصلي حقيقت ۽ ماهيت، يعني انجا ڪهڙا سبب آهن، ۽ زندگيءَ جي اها مخصوص حيثيت، جنهن کي چٽيو ويو آهي، تنهنجي سچي سماجي پس منظر ۾، اصل جڳهه ڪهڙي آهي — جيڪڏهن انهن ڳالهين تي افساني نگار روشني وڌي آهي، ته منهنجي نظر ۾ اهڙن افسانن کي ڪامياب افسانا چئي سگهجي ٿو.

اوهان کي معلوم آهي ته آءٌ لکي ڪونه ڄاڻان — ڪڏهن به ڪو افسانو ڪونه لکيو اٿم. شاعر ڪونه آهيان، تنهن پڻ ڪانسواءِ ڪڏهن به ڪو شعر ڪونه چيو اٿم. سو جيڪڏهن مٿين ڳالهين کي اوهان ڪو به وزن نه ڏيو، بلڪ انهن کي غلط سمجهو، ته اوهان هر طرح حق بجانب ٿي سگهو ٿا.

رسول بخش پليجو

ـــ سائين، "مهراڻ" جي هلندڙ سال جي پهرينءَ اشاعت ۾ شايع ٿيل جمال ابڙي جي افسانيءَ "پشو پاشا" کي پڙهڻ جو موقعو مون کي ڇپجڻ کان اڳ لاڙڪاڻي ۾ مسودي جي صورت ۾ نصيب ٿيو هو، ۽ افسانيءَ جو بيباڪ روح، انوکو موضوع ۽ دل-لڀائيندڙ عبارت ۽ ٻولي بيحد پسند آيا هئم. ساڳيءَ اشاعت ۾ جمال ۽ اوهان جا دلچسپ خط به شايع ٿيا هئا، انهيءَ ڪري ايندڙ افسانيءَ جو منتظر هوس ته من دوست افسانيءَ يا خطن تي تبصرو ڪن، پر ڏٺم ته ڪنهن به ايڏانهن پورو توجهه ڪونه ڏنو. آءٌ شايد جمال جي فن جي پهرين پرستارن مان آهيان، ۽ شايد آءٌ ئي پهريون پڙهندڙ هوس، جنهن سندس پهرئين افسانيءَ کي پڙهي هن اڳتي هلي مشهور ٿيندڙ سنڌي افسانه نگار کي خط لکي خراج تحسين ڏنو هو. ان بعد هن صاحب، منهنجي درخواست تي، مون کي پنهنجا بهترين افسانا "پيراڻي" ۽ "خميسي جو ڪوٽ"، "صداقت" لاءِ عنايت ڪيا. مون کي ٻن سنڌي فنڪارن جي فن تي تفصيل طور لکڻ جي زبردست تمنا رهندي آئي آهي - اياز ۽ جمال. مون کي آرزو آهي ته ڪنهن ڏينهن پنهنجي وطن وارن کي سنڌن گودڙيءَ جي هنن لالن جي صحيح قدر ۽ قيمت ڪٿي بڌائي سگهان - خير. اج ڪيترن ڏينهن بعد جمال جي هڪ تخليق تي ڪجهه چوڻ جو

موقعو مليو آهي. ستم هي آهي، جو سوچيان وينو ته هن دفعي جيڪي مون کي لکڻو پوي ٿو، سو ڪو پيو لکي ها ته چڱو!

”پشو پاشا“ جو مقصد هڪ اهڙو مثالي ڪردار پيش ڪرڻ آهي، جو نه فقط اسان منجهان ۽ اسان جو هجي، پر ساڳئي وقت اسان جي اڳواڻي ۽ رهبري به ڪري، اسان کي موجوده پستيءَ ۽ ذلت جي حالت مان ڇوٽڪارو ڏياري ۽ اسانجين آسن ۽ اميدن کي حقيقت ۾ بدلائي ڏيکاري. ان جو مقصد، سماج جي غير انساني ماحول ڏانهن اشارو ڪرڻ جي بدران، ان کي عمل ۽ جدوجهد جي وسيلي بدلائڻ ۽ ختم ڪرڻ جي راهه ڏيکارڻ، آهي. ”پشو پاشا“ عوام جي ڪامياب جدوجهد جي ڪهاڻي آهي.

اچو ته ڏسون ته ”پشو پاشا“ جو هيرو ڪهڙين مثالي وصفن جو مالڪ آهي، ۽ هو ڪهڙن وسيلن مان پنهنجي مقصد کي پهچي ٿو. اچو ته ڏسون ته افسانـي ۾ اسان کي ڪهڙي قسم جي عملي جدوجهد جي دعوت ڏنل آهي.

”’پشو‘ قدرت جي اڻ-گهڙيل تخليق هو......
ڏسندي ڏسندي جوان ٿي ويو، تہ بہ جهڙو ٻار! ڪنڌن کي چڪ، ڪنهن کي رهڙ— پيو اچلون ڏيندو ۽ چلڪندو! رحمدل به هڪڙو ئي هو“: ويندي توڙ تائين، سندس ڪردار ۾ اها جذبـاتي چلولائي ۽ هلڪائي نظر اچـي ٿـي. سندس سياسي فهم

۽ تدبر جو ثبوت سندس لنبين ناٽڪي تقريرن کان سواءِ ٻيو ڪونه ٿو ملي. سندس موجوده دور جي حقيقتن جي ڄاڻ جو عالم اهو آهي، جو نه پڇا نه ڳاڇا، سڌو وڃي هڪ 'اڻ- ڏٺل- وائٽل سيٽ کان قرض گهريو اٿس، ۽ هن جي نه ڏيڻ تي مجرجي پيو آهي، ۽ بنا پڇڻ جي وڪيل بڻجڻ ويو آهي! سياسي تنظيم جو ذڪر ئي فضول آهي.

سندس انقلابي بنجڻ جو سبب به دلچسپ آهي. ڳوٺ جي وڏيري کي سندس چلولايون پسند نٿي آيون؛ باقي جو ڪيس پنهنجي ڌيءَ سان عشق ڪندو ڏٺائين، سو ڪاوڙجي پيو. تنهن تي اٽيمٽ ٿي پيئي، ۽ وڏيري هن کي ڇڏي ولي ٻين اوڙي پاڙي جي ماڻهن تي ظلم ڪرڻ شروع ڪيا. تنهن تي سمورن ماڻهن پنهنجي سان ملي جدوجهد ڪئي، ۽ نيٺ فتح پاتائون- يعني وڏيرو پنهنجي ڌيءَ سان عشق ڪرڻ جي اجازت ڏي ها، ته انقلاب جي نوبت ئي نه اچي ها.

بهرحال، فقط وڏيري جي ختم ٿيڻ جي دير هئي، اڪ- ڇنب ۾ خوشين ۽ راحتن جي بارش ٿي ويئي. سواءِ ڪنهن قسم جي تنظيمن جي، سواءِ رنڊڪن ۽ تڪليفن جي، سواءِ غلطين ۽ ناڪامين جي، ڄڻ ڪنهن اسم اعظم جي ڦيٽي سان راتو واهه صدين جون لعنتون، قديم عادتون، رسم و رواج جون پيڙهيون ۽ اقتصادي پستيون الائي ڪيڏانهن غائب ٿي ويون.

مطلب ته "پدو پاشا" مان پڙهندڙن تي اهو اثر

ٿو ويهي تہ ملڪ جي نظام بدلائڻ لاءِ صف هڪ چيگهري، جهنگلي، الڙ ۽ ضدي پهلوان جي ضرورت آهي، جو ڪنهن من-موهڻيءَ نازنين جي عشق ۾ نوڪر ڪائي، بغاوت تي آماده ٿي وڃي، ۽ پوءِ زوردار تقريرن سان قوم کي ميدان جنگ ۾ آڻي بيهاري! سياسي تنظيم، اقتصادي ۽ سياسي نظرين ۽ تحريڪن جي بکيڙن ۾ پوڻ جي ڪا ضرورت ڪانهي.

ظاهر آهي تہ هن قسم جي ماڻهوءَ کي پنج سَو سال اڳ ڪيڏي بہ عزت سان چونہ ڏنو وڃي ها، پر ڪم از ڪم اڄوڪي دور جي پيچدار مسئلن ۽ تاريخي مقصدن لاءِ هيءُ ماڻهو ڪنهن بہ صورت ۾ هڪ فلم-ائڪٽر کان وڌيڪ ڪارآمد ٿي نٿو سگهي. درحقيقت اڄوڪي دور کي هوڙن 'ممتاز-دمسازن' 'جانعالمن' ۽ 'حاتم طائين' جي نہ، پر آزمايل سائنسي ۽ اقتصادي نظرين سان هٿيار-بند جاندار تحريڪن ۽ زندگيءَ جي ڪوري ۾ ٽڇي ڪندن ٿيل دانشور ۽ دانا مجاهد رهنمائن جي ضرورت آهي، جي تاريخ جي نبض کي سڃاڻندا هجن ۽ ان جي هر هيٺاهينءَ مٿاهينءَ کان واقف هجن. مطلب تہ "پٺو پاشا" ۾، موجوده دور جي حقيقتن ۽ پيچدار تقاضائن کان پڄي، خيال پرستيءَ ۽ افراد پرستيءَ جي قديم غارن ۾ پناهہ ورتل آهي.

افساني جي عبارت ۽ ٻولي نهايت حسين ۽ لطف ڀري آهي، ۽ واقعات-نگاري بيحد چُٽيندڙ آهي.

مجموعي طور، افسانو هڪ دليريءَ واري ڪوشش آهي، جا ناڪام ثابت ٿيڻ جي باوجود يقينا نين ۽ اڳي کان وڌيڪ ڪاميابين جو پيش خيمو ثابت ٿيندي.

”پشو پاشا“ هڪ خاص ادبي ۽ ذهني لاڙي جي چغلي هڻي ٿو، جنهن لاءِ ڪو نالو نه رکيو اٿن، پر متان ”ڪنڊر مَلپٽي“ جي الزام هيٺ اچان، تنهنڪري رکو ان جي حقيقت ۽ جنهن پس منظر جي اهو پيدائش آهي تنهن بابت به، اکر لکڻ تي صبر ڪريان ٿو.

وچولي جاگيرداريءَ جي زماني ۾ جڏهن عام انسان سلطانن، خليفن، بادشاهن ۽ شهنشاهن جا تـَـڪن ورتل پانها ليکيا ويندا هئا، ۽ سندن بهتر زندگيءَ جي خوابن جي سچي ٿيڻ جي ڪا صورت ڪانه هئي، تڏهن اديب پنهنجي اميدن ۽ آرزوئن جو اظهار ڪرڻ لاءِ ’حاتم طائي‘ ۽ ’امير حمزي‘ جهڙن ڪردارن وسيلي، ’بوقلمون‘ جهڙن جادوگرن جي جادوءَ جي ڪوتن کي ڪيرائي جذباتي تسڪين حاصل ڪندا هئا. ان بعد، جنن پرين کي چڏي مٽئين اميرزادن ۽ اميرزادين جي عشق جي داستانن لکڻ جو رواج پيو. اهڙيءَ طرح اديب پنهنجي روزمره جي زندگيءَ کان پڇي، خيالن جي ڪاڪ اڏيندا رهيا.

۱۷ صديءَ جي آخر ڌاري، نيٺ اديبن پنهنجي ماحول تي نظر ڊوڙائي ان مان پنهنجا موضوع وٺڻ شروع ڪيا ـ تان جو انگلنڊ ۾ چارلس ڊڪنس، فرانس ۾ ايمل زولا، ناروي ۾ ڊسن، جرمنيءَ ۾ ٿامس مئن،

روس ۾ ترجنيف ۽ چيخوف، وغيره جهڙن اديبن عوام
جي زندگيءَ کي حقيقت-پسندي سان فن جي قالب
۾ آڻي جي هنر کي معراج تي پهچايو.

ادب جو نئون دور انقلابي حقيقت-نگاريءَ سان
شروع ٿيو، جنهن نه رڳو ماحول جي ڀيانڪ پهلوئن
کي پيش ڪيو، مگر ان جي روشن امڪانن کي پڻ
اجاريو، ۽ ڏيکاريو ته انسانيت ڪيئن گندين نالين
ڪراهت جهڙين واٽن، خطرناڪ پيچرن ۽ اٽانگين لاهين
چاڙهين مان لنگهندي، ٿڙندي ٿاٻڙندي، ڪڏهن منهن
ڀر ڪڏهن پيرن ڀر، ڪڏهن تکي ته ڪڏهن ڍري،
اٽڙ يقين سان، روشن مستقبل ڏانهن وڌي رهي آهي.

جيئن ته هن دنيا جي اديبن کي زندگيءَ تي
مڪمل ڀروسو آهي، تنهنڪري هنن ان جي اونداهين
گهٽين ۽ تهخانن ذوڙي روشن شاهراهن کي بيخطر
پيش ڪيو- انهيءَ ۾ ڪين سندن اٽل ڀروسي سان گڏ
سندن حياتيءَ جي حيرت انگيز ۽ ڳوڙهيءَ چاڻ به
زبردست مدد ڏني.

جڏهن اڌ-پڪن ۽ تجربو ڪندڙ قلمن انقلابي
حقيقت. نگارن جي پيرويءَ جي ڪوشش ڪئي، تڏهن
زندگيءَ جي گهري ڀروڙ جي گوشت يا فن جي سٽپ
جي گهٽتائيءَ ڪري، سندن تخليقات جو ڪاڏو يا ته
پنڙي مٺي رب تي پيئي يا وري مرچن جو ڪاڙهو!
رڳو اميد جي مٺاڻ يا غم جي مصالح تي ڀاڙيندڙ اديب،
اهڙيءَ طرح، پنهنجي تجربي ۾ بريءَ طرح ناڪام ٿي،

يا "نظرين" تي ڪاوڙ ڇنڊڻ يا پڙهندڙن جي رجعت-پسنديءَ جو ماتم ڪرڻ لڳا.

اسان جي سنڌ جا اڪثر اديب وچولي طبقي جا ملازم آهن، جن کي عام زندگيءَ جي سچين پچين، ڪڙين توڙي مٺين حقيقتن جي خبر ڪا خبر آهي. هنن جي چاڻ جو دارومدار گهڻو ڪري ڪتابن ۽ پڙهيل ادبي 'فارمولائن' تي آهي، جيڪي مڪاني حالتن سان هرو ڀرو لهڪي نٿيون اچن. اسان جا دوست لائبررين جي زور تي، 'هاورڊ فاسٽ' ۽ 'گورڪي' ٺيڻ جي ڪوشش مان آخر ڪڪ ٿي، زندگيءَ ڏانهن مڙيا! مگر هتي جي زندگيءَ ۾ ڪاميابي انقلاب ۽ بيداريءَ جا چٽين ۽ يورپ جهڙا نمونا نه ڏسي، هنن ڪاوڙ مان سنڌ جي حقيقي 'هيروئن' کي ڏيهه-نيڪالي ڏيئي پنهنجا خيالي هيرو بنائڻ شروع ڪيا آهن—وچولو طبقو، جو هميشه مٿين ۽ هيٺين طبقن جي وچ ۾ ٽنگيل رهندو آهي، سو هونئن به اڪثر انتها-پسند ٿيندو آهي.

ظاهر آهي ته اسان جي خاص تاريخي حالتن سبب اسان جو هيرو هن دور ۾ مڪمل ۽ چٽيءَ طرح ڪامياب ٿي سگهي ئي نٿو، ڇو ته جڏهن عوام ئي فاتح ڪونهي، تڏهن ان جا نمائندا ڪيئن فاتح ٿيندا! پر ان جو مطلب اهو ڪونهي ته اسان جو هيرو اخلاقي طور به ڪامياب نه ٿئي، هر هنڌ شڪست کائي، هر منزل تي ٺوڪر کائي، يا اڳتي قدم اصل نه وڌائي، يا هٿي ٻاسي مردار طاقتون وقار نه وڃائين ۽ ناڪامي نه ڏين: پر شرط

هيءَ آهي ته انهن کي پيش ڪندي، ترت ـ ڪاميابيءَ جي حرص ۾ حقيقتن جي زمين تان پير نه ڪٽي ڇڏجي.

(جواب ۾)

جمال ابڙو

ـــادا سائين، اوهان جو خط مليم.

افساني ۾ عام طرح ٻه پهلو ٿين ٿا. هڪ 'ماحول' ٻيو 'ڪردار'. منهنجي سمجهه ۾ ماحول ٻرو ٿي سگهي ٿو پر ڪردار نه. ائين برابر آهي ته ظاهرا انسانيت روئي پٽي ۽ حيوانيت کِلي ٽهي. پر ڇا اها حقيقت نه آهي، ته انسانيت جو رئڻ ڪارنهن کي ڏئندو پيو وڃي، يا ائين ڪٿي ڇنجي ته انسانيت اڄ ڪلهه اوي ءَ ۾ آهي، جتان ضرور جرڪي نڪرندي، سڙي ڪاني ويندي. حيوانيت کلندي کلندي وڃي ڪڏ ۾ ڪرندي ـ انسانيت روئندي اوجل ٿي ويندي.

ٻوءِ جيڪڏهن افساني ۾ 'ماحول' کي مقدم رکيو ٿو وڃي، ته انهيءَ لاءِ ته پلي کيس اٿلائي پٿلائي، ڇيڙي ڦاڙي خوب نشانو بنائجي؛ پلي ڏيکارجي ته کيس پنهنجو ئي ڳهٽو ڪائي رهيو آهي. اسان جي سنڌي ادب ۾ اهڙا افسانا لکجن پيا. انهن ليکڪن بيشڪ ڪيرون لهڻيون ـ کين مبارڪ هجي.

جڏهن 'ڪردار' کي افساني ۾ مقدم رکيو ٿو وڃي، تڏهن چئو ته ڪنهن بنهه نازڪ شي کي ٿو هٿ لائجي. افساني ۾ جذبن جو ڏهڻ ۽ ڪرڻ، بيوس ۽ بي حس

ٽيڻ، سن ٿي وڃڻ، ڇتو ڇريو ٿيڻ، ڌڪار ۽ نفرت جو ايڙڻ يا وري پڇڻ ۽ جرڪڻ، نهايت حيرت ۾ وجهندڙ ڳالهيون آهن. جيڪڏهن اسان جو 'ڪردار' ڊهي ٽو پوي، سن ٿي ٿو وڃي، بيوس ۽ بي حس ٿي ٿو پوي، ڇتو ڇريو ٿو ٿئي يا ڌڪار ۽ نفرت ٿو ڪري ۽ بس، ته ڇنبو نه اهو ڪردار به ماحول جو نشانو ٿي ويو. ان افساني ۾ به ماحول مقدم رهيو، نه ڪردار. اهڙو افسانو به پهرين قسم جي افسانن ۾ اچي ويو. اهائي گندي ماحول جي گندگي ظاهر ڪئي ويئي. پر، ادا سائين، نيٺ ڪيستائين اسان ماحول جي شڪايت ڪندا رهنداسين؟ ڪيستائين ماحول اسان جي ڪردارن کي نشانو بنائيندو رهندو؟ ڪيستائين حيوانيت ڏند شيڪندي رهندي؟ ڪيستائين اسان جا ڪردار ميڪ ميڪ ڪندا رهندا؟ ڇا اڃان اهو وقت نه آيو آهي، جو پيار ۽ محبت، پورهيو ۽ محنت، ماڻهو ۽ ماڻهپو، اڳتي وڌن ۽ ڇانئبا وڃن؟ جي اڃان نه آيو آهي ته ڪڏهن ايندو؟ جڏهن جنازو ڪڄندو؟ جنازو به حيوانيت جو ڪڄندو. انسانيت زنده رهندي. وقت آيو آهي جڏهن اسانجا ليکڪ ڪردار کي ماحول جو نشانو نه بنائين. انسانيت کي مظلوم ۽ قابل رحم نه بنائين. اهي ڪردار چونڊين، جي ماحول کي متائين دهل جي ڏونڪي تي پڙائين ته انسانيت ۾ اهي قوتون لکل آهن، جو جوالا بنجي حيوانيت کي جلائي ڇڏينديون ۽ زمين جي سطح تي ماڻڪ ۽

موتي پٽاري ڇڏيندي يون. پيو ن، ته پلا اهو ته پڏائين ته انهيءَ گندي ڦيٽي ماحول جي اڍ ۾ اها باد پريل آهي، جا پاڻيهي سندس پيٽ ڦاڙي رکندي. من ائين ڪجهه اميد جا پيغام پهچائين.

ها ائين آهي ته ائين ڪرڻ لاءِ فني پختگي کپي. پر رکو فني پختگيءَ لاءِ منزل ته ڪانهه وڃائبي. اهو وري هر ڪنهن ليکڪ تي مدار آهي. اسين سڀ پالڊيٽرا آهيون، ڪچا آهيون. پر نيٺ انهيءَ پختگيءَ کي ڳتڙ ڪان جهليندا اسين. اڄ ن، ته سڀاڻي. اسين ن، ته پيا.

انهيءَ ڏس ۾ "پشو" منهنجي پهرين ڪوشش آهي. مڃان ٿو ته منجهس اها پختگي ڪانهي. شايد ڪجهه مصنوعي به لڳندو هجي. پر اميد اٿم ته هوريان هوريان منهنجا پيا هر سفر سڌرندا ويندا سون.

شيخ حفيظ

—ڀائو، "مهراڻ" جو پنجون پرچو مليم. پڙهيم. "ڄاڳ پڏائي کهوٽ، سنڌڙي تي توکي سڏي" جهونڪاريندي پوري تماهي، کهاري اٿم. وساري نٿو وسري. گيت پڙهيم 'ديپڪ' دل ۾ آڳ لڳائي. نظم پڙهندي 'موهن جي دڙي' حال مان ڪيڏي بي حال ڪري ڇڏيو. مضمونن ۾ 'رس پاو' مان جيڪو رس مليو، تنهن چت ۾ اڄ به ڇڄڙيون پيئي ڏنيون آهن،

۽ افسانن ۾ ’پٺو پاشا‘ پڙهي، سڄا سارا ڏينهن مهينا ويچار ڪندو رهيو آهيان.

ادا، ”مهراڻ“ جي پنجين پرچي جي خصوصيت آهي ”جمال“ ابڙي جو خط ـ بيشڪ سالٽيڪي پاڻيءَ ۾ هن ڀيرا قوڙ اڇلائي، چوليون چلڪائي ڇڏيون آهن. لکي ٿو: ”مون ’پٺو پاشا‘، ’بلو دادا‘ ۽ ’شيدو ڌاڙيل‘ ڪان متاثر ٿي لکيو آهي“. هي لفظ آهن ’شاهه جي قر‘ جي خالق جا! منهنجي خيال ۾، ”مهراڻ“ ۾ هن وقت تائين جيڪي به افسانا ڇپيا آهن، تن ۾ ’شاهه جو قر‘ سڀ ڪان سٺو آهي. ائين ڪٿي چوان ته گذريل ٻن ڇهن سالن ۾، سنڌ اندر سنڌي زبان ۾ جيڪي به افسانا لکيا ويا آهن، تن ۾ هيءَ بهترين آهي. پر تنهن هوندي به ”جمال“ ابڙو ’بلو دادا‘ ۽ ’شيدو ڌاڙيل‘ ڪان متاثر ٿو ٿئي، سو ڇو؟ اهو هڪ سوال آهي، جنهن جو جواب جيتوڻيڪ آءٌ پاڻ ڏيڻ جي ڪوشش ڪندس. پر تنهن هوندي به، توهانکي خواهه پاڻ جمال کي عرض ڪندس ته انهيءَ سوال جو جواب اوهان به سوچيو ۽ ڏيو.

سڀ ڪان پهرين ته اسان کي اهو جاچڻ جڳائي، ته آخر ’شاهه جو قر‘ ۽ ’شيدو ڌاڙيل‘ ۾ فرق ڪهڙو آهي؟ ڇو ته جيڪڏهن اسان انهيءَ فرق کي سمجهي سگهون ته پوءِ اهو به سمجهي سگهنداسين ته اها ڪهڙي ڳالهه آهي، جيڪا ’شاهه جي قر‘ جي خالق کي ’پٺو پاشا‘ لکڻ تي مجبور ڪري ٿي. منهنجي خيال ۾ ائين

ڪرڻ لاءِ، بهنر اهو ٿيندو ته انهيءَ ڏس ۾ جمال جي پنهنجي اعتراف کي آڏو رکي، اسان ’بلو دادا‘ کان ’پشو پاشا‘ تائين، سنڌي افساني جي ارتقا جاچي وجون.

پهرين پهرين ”اياز“ قادريءَ ’بلو دادا‘ پيش ڪيو : مون کي ياد آهي ته ”اياز“ قادريءَ ’سنڌي ادبي سنگت‘ ۾ افسانو پڙهڻ ويل، اهو اعتراف ڪرڻ کان انڪار ڪيو هو ته اهو افسانو، اردوءَ جي مشهور افسانه نگار ”منٽو“ مرحوم جي افساني ’ممو دادا‘ کان کان متاثر ٿي لکيو اهي. سچ پچ جيتوڻيڪ ”اياز“ قادريءَ جو افسانو منٽو جي مٿي بيان ڪيل افساني کان بلڪل مختلف هو، پر تنهن هوندي به ان ۾ ’منٽوئيت‘ پئي جهلڪون ڏني. ’بلو دادا‘ ڪٿي به ته ڪو گٽو ڪم ڪين ٿو ڪري : بس جانگيان مڪرانيءَ جي ڪئبن جي ڪنڊ ۾ چانهه جو ڪوپ ويٺو چاڙهي. تصور ۾ انين ٿو اچي، چڻ هڪ تياڳي ويٺو عمر خيام جي ڪا رباعي جهونگاري، يا ويٺو چوي :

اسان تي الزام، اندا جڳ جيڻ جا،
جن جي روز جواب ۾، جرڪيا منهنجا جام.
الا! ڪڏهن عام، رسندا منهنجي روح کي؟

گهر ڪونهي، گهات ڪونهي، لڏ ڪانهي، مڏي ڪانهي تن تنها يار ويٺو وجهه واجهائي ته ڪنهن پر هن ڪل جڳ جو مانداڻ مٿي رکي. يار ڪيو اٿس، سوبه هڪڙو ماستر. ڳالهين ڳالهين ۾ ماستر سان پنهنجي روح جا راز سليندو اچي. چڻ چوندو هجي : پلارا سائين!

هيءَ منهنجا احساس انهن آئيندي جي ابن تائين پهچائي ڇڏج، جن کي تون پاڙهين ٿو.“ ممڪن ٿو ته بلو دادا ماستر سان سنگت کو چاٽي ٻجهي کين رکي هوندي، پر هت ته بلو دادا جو ڪردار اهڙو چٽيل آهي، ڄڻ جسم اٿس ئي ڪين - رڳو هڪ روح آهي، جنهن جي هر ادا مان انسانيت جي نيڪ ۽ پاڪ جذبن جي جهلڪ پيئي جهلڪي. اهڙي صورت ۾ ماستر سان سنگت مان به جيڪڏهن اهڙو انومان ڪڍي ته غلط ڪين ٿيندو.

هر حالت ۾، اڪيلو ”بلو دادا“ ڪري ڪجهه به ڪين ٿو سگهي؛ ۽ ڪاري، ٻهاڙ جهڙي بلڊنگ ۾ رهندڙ، زهريلي ناگ جهڙي سيٺ هن کي مڪران موڪلراني ڇڏي، ۽ ”اياز“ قادري پنهنجي يار لاءِ ويڳاڻو ٿي ويهي رهيو.

ان بعد ”رباني“ جو ’شيدو ڏاڙيل‘ نڪتو. ”رباني“ کي شايد ’بلو دادا‘ جو سڪوت ڪين وڻيو. شايد هن چاهيو ته جيڪر ’بلو دادا‘ کي ’شيدو ڏاڙيل‘ بڻائي، ڪانئس اهڙو ڪم وٺي جو چوڏاري ’شيدو ڏاڙيل‘ پيدا ٿي وڃن، ۽ هي ماڻدار متجي پوي. انجي افساني جي ڇپجندي، انهيءَ کي ور ور ڪري دوستن جي دائري ۾ بحث لاءِ پيش ڪيو ويو، ۽ عجيب عجيب قسم جا رايا ظاهر ڪيا ويا. اهي بحث اڃان اڄ ۾ هئا ته ’شيدو ڏاڙيل‘ ڇپجي آيو. سنڌي ماحول، سنڌي ڪردار، ذري گهٽ سچي ڪهاڻي، رڙ مچي ويئي، سڀني چيو ”واهه“! پر جيڪڏهن انهيءَ ’واهه‘ کي پڙدي، لکندڙ

ويھي رھن ته سندن دلين مان وھندڙ نالا سڪي بٺ ٿي پون. دوستن جي ذاتي دائري ۾ ’شيدو ڌاڙيل‘ تي جيڪا تيڪاڻيٽي ٿي، سا انھيءَ کان بلڪل مختلف ھئي، جيڪا رسول بخش پليجي اوھان کي لکي موڪلي ھئي. ”رباني“ کي ’بلو دادا‘ سان اھا شڪايت ھئي ته ھڪ ته اھو ڪردار رڳو ڪراچيءَ جي ڪئمپن تي ويھي پئي سگھيو، ۽ ٻيو ته نھايت ساڪت ھو. ”ربانيءَ“ انھي ٻنھي ڳالھين کي خيال ۾ رکي، ’شيدو ڌاڙيل‘ لکيو. پر سندس ائين ڪرڻ سان، جيڪي خاميون ’شيدو ڌاڙيل‘ جي ڪردار ۾ پيدا ٿي پيون، تن کي جڏھن ”ربانيءَ“ جي ڌيان تي آندو ويو ته ھو پاڻ به گھٻرائجي، چرڪ جي چوھ ۾ ھي انتھا کي پھچي ويو، ۽ ’بري ھن پنيور ۾ ھمڙا ھاڃا ٿين‘ لکي ڪڍيائين. ھت مختصر طور ايترو ٻڌائڻ ڪافي ٿو سمجھان ته ’شيدو ڌاڙيل“ ۾ شيدوءَ جو ڪردار نھايت بچڙي طرح ڪري پيو آھي، ۽ ان ۾ ”ڏگاڻي خان“ جو ثانوي ڪردار، ”شيدوءَ“ جي ڪردار تي به چڙھت ڪري ويو آھي. بلڪ ائين احساس پيو ٿئي، ڄڻ ”شيدو“ کو ڪردارئي ڪين ٿو رکي، ۽ وقت جي ڇولين تي چلڪندڙ ڪک پن کان وڌ ڪا حيثيت ئي ڪانه اٿس. ماستر جي مار کائي، ھو خاموش ٿو رھي- انھيءَ ڪري جو ھي واھ ڪانه اٿس. سپني کي دٻائي ”ڏگاڻي خان“ آڏو ھو ائين ٿو جھڪي وڃي، ڄڻ اصل کان ان جو پگھاردار نوڪر آھي، ۽ ان جي

پٽ نہ هجيس تہ پاڻ ۾ کو ٽيڙ ئي ڪين اٿس. وقت ۽ حالتون ڪانئس سڀيئي ڪڏا ڪم ڪرائيندا ٿا رهن، پر هن جو احساس، هن جو ضمير ۽ انسانيت انهن نند ۾ پيل آهن، جو جهٽ پلڪ بہ پنهنجي ڪئي تي ڪو پڇتاءُ ڪين ڏسو ڪري. شغل سندس هو، 'زيبيءَ' جهڙيون سرتيون ڏارڻ. اسڪول جي موچڙن ماءُ پيءُ جي وڙهڙي ۽ اهڙين بين حالتن سان سنڌ ۾ لکين ماٺهو منهن مقابل ٿين ڏاءِ پر سڀ تہ "شيدو ڏاڙيل" ڪين ٿا ٿي پون. گهڻا تڻا تہ "ڪريم" ٿيو پون. "شيدو"، "ڪريم" ڇو ڪين بڻيو، سو تہ افساني ۾ ڏيکاريل ئي ڪين آهي. پلا جيڪڏ هن مججي ڪٿي (جيتوٽيڪ مجھ لاءِ ڪو بنيادي سبب افساني ۾ ڏنل ڪين آهي) تہ هي سڄو ماندائڻ منڊڻ لاءِ "ڏگاڏو خان" ئي جوابدار آهي، تہ پوءِ انهيءَ جو تدارڪ؟ 'بلو دادا' جو سڪوت، سماج سان ذاتي 'سوشل باءِ ڪاٽ'، پين ڪي انهين ڪرڻ لاءِ پيو هرڪائي؛ ۽ سچ پڇ تہ اهو 'سوشل باءِ ڪاٽ' هڪ اهڙو تدارڪ آهي، جيڪو دير ڪندو انڌير ڪين ڪندو. 'بلو دادا' ۾ ڪم آندل انهيءَ اشاري کي تبليغ ڪين ٿو چئي سگهجي، ۽ نہ ئي ڪنهن "اياز" تي اهڙو الزام مڙهڻ جي جرات ڪئي آهي.

خير سو ڳالهہ پئي ڪيم تہ "رباني" ڇرڪ جي چوھہ ۾ وجي 'بري هن پنهور ۾ هنڙا هاجا ٿين' لکيو. "بلو دادا" کي "شيدو" نہ بڻائي سگهيو تہ ڪيس

”عيسو“ بنائڻ جي ڪوشش ڪيائين. ڪوشش ڪامياب هئي. ”عيسو“ هڪ مظلوم ڪردار جي لاجواب تصوير آهي، ۽ لطف اهو جو متحرڪ به آهي؛ پر افسوس جو هن جا احساس به پنڊ پهڻ مثل خاموش آهن. پڙهندڙ کي خود ”عيسي“ تي ئي ڪاوڙ اچيو وڃي ۽ سچ ته انهيءَ ڪاوڙ جو ئي نتيجو هو، جو ”جمال“ ’پشو پاشا‘ لکڻ تي سنبريو. جيتوڻيڪ ڪيس انهڻ ڳالهه جو احساس ڪونهي ۽ لکي ٿو ته ”’پشو پاشا‘ ’شيڊو ڊاڙيل‘ کان متاثر ٿي لکيو اٿم“ ’پشو پاشا‘ بابت ”جمال“ پاڻ جيڪي لکيو آهي، سو بلڪل مناسب آهي. لکي ٿو ”ميان ڏڍ، منجهس اها پختگي ڪانه آهي. ممڪن آهي ڪجهه مصنوعي به لڳندو هجي...“ سچ پچ ’پشو پاشا‘ مصنوعي پيو لڳي.

خير هر حالت ۾ ”رباني“ خواهه ”جمال“ جي اها تمنا پوري ڪانه ٿي سگهي، ته ڪنهن پر اهڙن ڪردارن مان هڪ اهڙو ’آئڊيل‘ ڪيڏي پيش ڪن، جيڪو سنڌي ماڻهو پنهنجو ڪري سگهن، ۽ ان جي نقش قدم تي پنڌ ڪندا، اڳتي وڌندا هلن. ”پشوپاشا“ هن دور ۾ ته سنڌ ۾ پيدا ڪين ٿو ٿي سگهي، ۽ جي ٿي پوي ته اجان زمانو اهڙو سازگار ڪين آهي، جو اهو ڊرامو ڪيڏي سگهي.

سمجهان ٿو ته انهي سڄي وچور مان، اها ڳالهه ثابت ٿي ويئي هوندي، ته اسان سنڌين جو سياڻ اهڙو آهي، جو سانتيڪي ڪردار کان اسان متحرڪ

ڪردار کي وڏيڪ پسند ٿا ڪريون. ”رباني“ انهيءَ ڪري ’بلو دادا‘ جي مقابلي ۾ ’شيدو ڏاڙيل‘ ٿو لکي، ۽ ’جمال‘ انهيءَ ڪري ئي ’شيدو ڏاڙيل‘ ۽ ’بري هن ڀنڀور ۾ هيڙا هاجا ٿين‘ کي ڏسي ’پشو پاشا‘ ٿو لکي. اهو آهي عام لاڙو اسان سنڌي ليکڪن جو.

هاڻي سوال ٿو اٿي ته اسان سنڌي انهيءَ ڍنگ ۾ ڇو ٿا ويچاريون؟ پائو، مون انهيءَ تي گهڻو ويچاريو آهي. ڇٽي نتو سگهان ته ڪيتري قدر صحيح فيصلي تي پهتو آهيان، پر تنهن هوندي به جنهن فيصلي تي پهتو آهيان، سو دوستن آڏو رکڻ ضروري ٿو سمجهان.

منهنجي خيال موجب، انهيءَ لاءِ سنڌي سماج جي ذهني ارتقا گهڻي ڀاڱي جوابدار آهي. آخر به اسين ليکڪ به ته انسان آهيون. ائين ڪيئن ٿي سگهندو ته پنهنجي ماحول کان متاثر نه ٿيون؟ ڪڇيءَ کان امرڙ ڪنن ۾ وڌو ته ”جڏهن رڃ ۾ رلبو آهي ته ’خضر‘ اچي دڳ لائيندو آهي“. جيئن وڏا ٿيندا وياسين ته عجيب عجيب شخصيتن جا عجيب عجيب قصا ٻڌندا رهياسين. هاڻي حالت اها آهي، جو گهر ڀيو سڙيئون، ڍينگو ڀيو ڍيري ٿيئون، اگر تگر ڀيو لتجي- ۾ ويٺا آهيون انهيءَ اڪر تي ته اجهو ’نون لکن ڀيرن‘ مان هڪڙو پاسو ٿو ورائي، ۽ سالن جا سور پلڪن ۾ لاهي. نه اهڙو ڪو ’پير‘ اٿندو، ۽ نه اسان جو ڪو بلو پيٽي ٿيندو. مو توهان به چاٿو ٿا ۽ آءٌ به سمجهان

ٿو. جن پاڻ کهوٽي تن ڪاله پيتي، اج به پين پيا ۽ سياڻ پڻ پيئندا. سا ڪا لڪل حقيقت ڪانہ آهي. پر تنهن هوندي به 'رباني۽' جي رڳ تي ڦڙڪي، ته پيو ڪو پير فقير نہ ڏسي، جهليو 'شيدو ڌاڙيل' ڪي، آڻيو پڙ ۾ پيو بيهاري. 'جمال' ابڙو جو ڏسي ٿو ته نڪو پيلي، هن يار به ٻوٿو ڪين ٻاريو؛ سو 'پشو پاشا' ڪڍيو گهڙي. مطلب ته هي نوان 'پير'، نوان 'خضر' پيا گهڙجن، جيڪي ڪرامتن جا ڏاٽي ته ڪين آهن، البت هڪ نہ ٻي ذات اهڙي ڪنيو اچن، جيڪا هزار ڪاني ڪرامتن جو مٽ ٿيو پوي، ۽ اهڙي۽ طرح ليکڪن جون سڪون پوريون ٿيو پون، ۽ پڙهندڙن لاءِ آفيم جي خمارن جهڙي موج مهيا ٿيو پوي.

پر پائو، اها حقيقت پنهنجي جاءِ تي رهي ته جهڙي طرح قبرن ۾ ستل پير، قيامت تائين پاسو وراڻي ڪين سگهندا، تهڙي۽ طرح "شيدو ڌاڙيل" ۽ "پشو پاشا" به ڪجهہ ڪين ڪري سگهندا. اسان جو سنڌي سماج اهڙي دور مان گذري رهيو آهي، جتي ڪردار ڪڏهن به پنهنجو ڪردار (Role) ادا نہ ڪري سگهندا، جيڪو "جمال" ۽ "رباني" چاهين ٿا. "بلو دادا" ته رڳو ڪراچي۽ جهڙي شهري ماحول ۾ اسري سگهي ٿو.

هاڻي سوال اهو ٿو اٿي ته تڏهن پلا سنڌ ۾ ڪهڙو ڪردار اٿي، پاڻ موڪائي سگهي ٿو. پائو، منهنجو خيال آهي ته سنڌ ۾، جيڪڏهن ڪو ڪردار

اُتي سگهي ٿو ته اهو آهي ”مريم“ جو- جيئامڙي ننڍڙي، مکڙي سمان نازڪڙي، نه اٿس ڇل نه ڦند ۽ مستن جيان نعرو پئي هڻي: ”ماما“ ڪير شاهه جو ڦر آهي، يا گدا جو- هن کي انهيءَ جي پرواهه ئي ڪانه آهي. ڀلا جهليس ته ڪو! مڙندي؟ اصل نه، سائين! اصل نه مڙندي. ازلئون اصول ڪٿي آئي آهي، ۽ نعرو پئي هڻندي وتي: ”انسان سڀ هڪجهڙا آهن“. ۽ ”شاهه جو ڦر“ جڏهن هن ٻي انهي نعري کان گهٻرائجي ٿو اٿي، جڏهن ذات پات جي ڀيد ۾ انسان انسان جي وچ ۾ ڪڙيون ڪيل ديواريون، هن کي ڪرنديون ڏيون نظر اچن، جڏهن هو ڏسي ٿو ته جنهن ڀيد جي سبب سوين ماڻهو عقل هٿان وڃائي، هزارين رهيا ڪيس ڏن ڪري پيا ڏين، سو ڀيد هن ڇوڪريءَ جي هڪ لفظ سان ريٽجڻ شروع ٿيو آهي ته هو پاڳل ٿو ٿي وڃي ۽ پوءِ ... پوءِ به ”ماما سائين ٻُسو...“ ڪين مڃيائين ڀائو! ڪين مڃيائين، ”مريم“ هار نه مڃيندي، ۽ جڏهن ”مريم“ ”شاهه جي ڦر“ جي لت کائي، گولائيون هڻندي وڃي قبر ۾ پوندي ته سوين هزارين ”مريمون“ سنڌ ۾ پيدا ٿي پونديون، شاهه جي ڦر کي سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ مان ساڳيو ”ماما، ماما“ جو آواز ٻڌڻ ۾ ايندو- ذات پات جا ڀيد ڀڄي پوندا، انسان، انسان ۾ ڪو فرق ڪين رهندو، ۽ هي ماندائڻ منجهي پوندو.

يارن جي افسانن تي گهڻو ڪجهه لکي وينو آهيان، پر ڪي اٿم ڇڙندا اصل ڪين، ڇو ته جن کي سنگيت سان

سک هوندي آهي، سي ڳائڻي جي منهن ڏي نهارين ٿي ڪين. اڪيون ٻوٽي آواز جي تار تي پيا توندا، ساز جي آواز تي لنو لنو منجهه لڳاءَ پيو لچندن.

مس شمس صديقي

توهانکي خبر آهي ته روز مره جي گفتگو کان الڳ هڪ ادبي زبان به ٿيندي آهي؛ زبان جا معمار اديب ئي ٿيندا آهن؛ زباني گفتگو ۽ لکيت ۾ ظاهر آهي ته فرق ٿيندو آهي. مسٽر جمال ابڙي جو افسانو "پشو پاشا" پلاٽ جي لحاظ کان ترقي پسند هئي، پر زبان جي لحاظ کان ڪٿي ڪٿي مونکي ٿورو ڪمزور لڳو. لفظي تناسب منجهس ڪجهه گهٽ، پرتيءَ جا ڪيترا لفظ منجهس استعمال ٿيل ڏٺم، جن ڪن ڪن جاين تي جملن جي ترتيب کي ٽوڙي، اصل مفهوم کي وڃي ضرر پهچايو آهي. مثلاً: "پشوءَ جي ذري ذري مان زندگيءَ جا آثار پيا ٽمڪندا هئا". 'آثار' ۽ 'ٽمڪڻ' ... الفاظ تجربا ٿيندا آهن، هڪ مخصوص مفهوم رکندا آهن، انهن جي هڪ مخصوص نشست هوندي آهي؛ لفظن جو استعارا استعمال روا آهي، پر انديءَ ۾ به ڪوشش اها ڪئي ويندي آهي ته لفظ پنهنجو حقيقي مفهوم جيئن نه وڃائي ويهن، نه ته اوپرا لڳندا... آثار ظاهر ٿيندا آهن، عيان هوندا آهن، بکندا آهن، جهلڪندا آهن. هيءَ جملو ائين به ٿي سگهي پيو ته

’ڀشوءَ جي حرڪت مان زندگي جا آثار ٻکندا هئا يا جهلڪندا هئا!‘ ساڳيءَ ٻئرا ۾ ”اڇلون ڏيندو ۽ چلڪندو هو“- پيالن جو چلڪڻ، اکين کي پيمانن مان تشبيهه ڏيڻي انهن جو چلڪڻ، ته پڙهيو هوسين؛ ماڻهوءَ جو اڇلون ڏيڻ ۽ چلڪڻ!... ڀشوءَ جي ڳالهه هڪ ماڻهوءَ جي ڳالهه آهي يا درياهه جي؟

دين محمد لاشاري

ادا، ”مهراڻ“ ۾ مختصر افساني جي فني لوازمات تي هڪ نهايت دلچسپ بحث ڇڙي چڪو آهي. منهنجي دل به سُرڪي ٿي ته جيڪر اُن بحث ۾ مان به حصو وٺان. شيخ حفيظ واقعي سچ جيو آهي ته ’مسٽر جمال ابڙي هن موضوع تي بحث ڇيڙي سانتيڪي ۽ بيٺل پاڻيءَ ۾ هڪ قسم جو ڦوڙ اڇلايو آهي“: شايد اهو ڦوڙ اجا به هن پاڻيءَ کي وڏيڪ چوليون ڏياري. مسٽر جمال جي دعوي آهي، ته مختصر افساني جا ٻه پهلو تي سگهن ٿا: هڪ ماحول، ٻيو ڪردار. سندس خيال موجب ماحول سٺو هجي يا خراب، اُن جي ڪا خاص پرواه ڪانهي؛ باقي افساني ۾ ڪردار ڪنهن به قيمت تي بلند رهي- هو نه ماحول جو شڪار ٿئي ۽ نه وري حيوانيت مٿس ڪو غلبو ڪري. سندس خيال موجب افساني ۾ جيڪڏهن ڪردار ڪنهن ٻيءَ طاقت اڳيان مجبور ٿيو يا ڪنڌ جهڪايائين، ته پوءِ

آهو افسانو نہ چئبو. اُن جي برعڪس شيخ "راز" جو چوڻ آهي تہ اِهي ٻئي مٿيان پهلو مختصر افساني جا بنيادي پهلو تہ نہ آهن، باقي ضمني پهلو ضرور آهن. سندس راءِ مطابق مختصر افساني جو بنيادي پهلو آهي آهو نقط نظر، جنهن کي سامهون رکي افسانو لکيو ويو هجي. هي آهن سنڌيءَ جي ٻن مايہ ناز اديبن جا بہ علحدا نظريا. علم ادب ۾ اُن جي فني پهلوئن تي هن قسم جا بحث نهايت ئي نيڪ فال آهن. اسرنڌو ادب جي سلسلي ۾ هن قسم جا بحث وڏي هٿي ڏيندا. حقيقت ۾ صحيح ادبي مذاق جو روح اسان ۾ پيدا ئي هاڻي ٿو ٿئي. مسٽر جمال جي چوڻ موجب واقعي 'هيءَ هڪ اختلافي مسئلو آهي'، چو تہ زندگيءَ بابت هر ڪنهن کي پنهنجي پنهنجي تجربي آهر پنهنجوئي علحدو نظريو آهي؛ تنهنڪري هن موضوع تي بحث ڪرڻ وقت مختلف قسمن جي نظرين جو پيدا ٿيڻ ڪا عجب جهڙي ڳالهہ ڪانهي.

پاڻو جمال ابڙي افساني لکڻ جي 'اسباب' کي نظر انداز چو ڪيو آهي، سا ڳالهہ تہ سمجهہ ۾ ئي ڪانہ ٿي اچي. جيڪڏهن فقط هيءَ هڪ سوال ئي پڇيو وڃي تہ "اسان افسانا چو ٿا لکون؟"- تہ مان سمجهان ٿو تہ جيڪر نهايت اطمينان جوڳو جواب ملي وڃي. ادب، جيئن مون شروع ۾ ئي عرض ڪيو آهي يا جيئن جديد دور جا اڪثر اديب بہ تسليم ڪن ٿا، زندگيءَ جي عڪاسي ۽ ترجماني ڪرڻ جو هڪ ذريعو يا وسيلو

آهي. هاڻي ”اسان افسانو ڇو ٿا لکون“ جو جواب نهايت صاف ۽ پڌري پٽ پيو آهي، ته افساني لکڻ وقت اسان کي انفرادي ۽ اجتماعي زندگيءَ جا تلخ تجربا اڳيان هوندا آهن - ۽ پوءِ زندگيءَ جون اهي تلخيون ئي ته، آهن، جيڪي اسان کي مجبور ڪن ٿيون ته اسان مختصر افساني ذريعي، پنهنجي ڏکندڙ دل جا دونهان ٻاهر ڪڍون. هيءَ هڪ فطري اصول آهي، ته انسان کي جڏهن ڪو صدمو پهچي ٿو، ته پوءِ هو پنهنجن نماڻن نيڻن ذريعي به ٿي گرم لڙڪ هاري، پنهنجي دل تي پيل بوجي کي هلڪو ڪريو ڇڏي: پر جي قسمت سانگي ڪو ’پشو پاشا‘ وانگر خود دار ۽ سورهيه - دل نڪري پيو ۽ لڙڪ هارڻ پنهنجي خودداريءَ جي خلاف سمجهيائين، ته به آن درد ۽ صدمي جو ذاتيطور اظهار ڪم از ڪم ڪنهن ’نازو‘ جهڙي محرم راز ۽ غمگسار سان ته ڪرڻو ئي پوندس. بس اهوئي آهي افساني لکڻ جو بنيادي سبب.

جڏهن افسانو لکجي ٿو ته ڪنهن خاص نقطه نظر جي پيش ڪرڻ لاءِ يا پنهنجن جذباتن جي ترجماني ڪرڻ لاءِ، ته پوءِ اهو ممڪن ڪيئن ٿي سگهي ٿو، جو ڪردار ماحول جو شڪار نه ٿين؟ ڪردار ته پيدائش ئي ماحول جي آهن - پوءِ جهڙو هوندو ماحول، اهڙائي پيدا ٿيندا ڪردار؛ جهڙي هوندي زمين، اهڙي ٿيندي پوک ....

ڪردار ماحول جا محتاج آهن، تنهن جي شاهدي

تہ خود محترم ابڙي جو هيرو 'پشو' پاڻ بہ بيٺو ڏئي- جج جي سوال جي جواب ۾ هن جو چوڻ تہ "ناحق آهي توسان، قاتل آهين تون"، يا وڪيل ڪان مڪون الاري، ڪيس چڙڻ تہ "چريو آهين تون، هيٺو آهين تون، ظلم آهي توسان"- اهي الفاظ پشوءَ جي اڻ گهڙئي ۽ 'غير مهذب' سياءَ تي ڪافي روشني وجهن ٿا. اِهو رکو هِن ڪري آهي، جو هن هڪ اهڙي خطي ۾ پرورش پاتي آهي، جنهن جي اڻ گهڙئي ماحول هن کي بہ "اڻ گهڙيو ڪاٺ" بڻائي ڇڏيو آهي. 'پشوءَ' جا هن قسم جا جملا ۽ الفاظ ڪو سندس خود داري ڪونہ ٿا ڏيکارين، ليڪن جنهن 'جاهل' ۽ 'اڻ سڌريل' ماحول ۾ هو رهيو ۽ پليو آهي، تنهن هن کي 'مجبور' ڪري هن نموني سان ڳالهائڻ ٻولهائڻ سيکاريو آهي .... پلا ادا، اِها تمنا ڪير نہ ٿو رکي تہ اسان وٽ شال پشوءَ جهڙا هزارين خود دار ۽ سورهيہ پيدا ٿين!...... پر هو تہ 'بلو دادا' ۽ 'شيدوءَ' ڪان بہ وڌيڪ ماحول جو شڪار ٿيو آهي! 'بلودادا' تہ ڪنهن حد تائين پنهنجي مقصد ۾ ڪامياب ٿئي ٿو- پوءِ سندس حصول مقصد جي طريقي کي ڀلي نہ داداگيري ئي سمجهيو وڃي: اهڙيءَ طرح 'شيدو" تہ هونئن بہ ڏاڙيل آهي ۽ هن ڪافي ڏاڙا هڻي پنهنجا انتقام چڪايا ۽ پنهنجي تتل دل ٺاري- خواري تہ منڍ ۾ ئي ڪنئي اٿس: ليڪن ويچارو 'پشو' معصوم جو معصوم ئي رهجي ويو- هو نہ پاڻ ڪامياب ٿيو، نہ سندس تحريڪ.

متس ڪيس هلائي، ڪيس ڦاسيءَ جي سزا ڏني وڃي ٿي - سندس ڦاسي سچ پچ عمل ۾ اچي ٿي الائي نه، اها ڳالهه ته صاف ٿي ڪانهي، پر هن جي سزا جي اعلان ڪان پوءِ، سندس ساٿي ڪوڙ گهمسان ڪري جنن وانگر هوا ۾ تحليل ٿي وڃن ٿا- پوءِ جو سندن پتوئي ڪونه ٿو لڳي ته 'پشو' ڪاڏي ويو، سندس تحريڪ جو ڇا ٿيو؟ ڪجهه به نه، رڳو مايوسي ۽ دلشڪستگي!

برادرم جمال جا هي جذبات ته "مان پانيان ٿو ته انسان کي رحم جو ڳو ٿيڻ ئي نه کپي. اها انسان جي توهين آهي، انسانيت جي توهين آهي. انسان نهايت بلند ۽ بالا آهي. هو ويچارو ۽ ڪين جهڙو نه آهي. مفلسي ڪيس ماري نه ٿي سگهي"- نهايت قابل قدر آهن. هن نوجوان اديب جي دل ۾ انسانيت لاءِ جنهن گهڙيءَ همدرديءَ جو احساس آهي، تنهن جي تعريف نه ڪرڻ ڪور چشمي ٿيندي. اسان جي دعا آهي ته شل سنڌ جو ٻچو ٻچو 'جمال' بڻجي پوي ادا سائين، ڪهڙي نياڳي جي دل ائين نه گهرندي ته 'انسانيت' تي 'حيوانيت' جو غلبو نه رهي؟ ڪهڙو چنبو هيءَ خواهش نه ڪندو ته حيوانيت جا قلعا اُڏائي انسانيت کي قيد مان آزاد ڪجي ۽ اُن کي جرڪائجي؟ ڪير نه گهرندو ته انسانيت جي اندر مان حيوانيت کي تڙي، هڪالي، اُن جي بجاءِ اُن کي ميٺ محبت، قرب ۽ مزي سان پري چڏجي؟ اِنهن تمنائن ۽ آرزوئن رکڻ ۾ جمال ابڙو اڪيلو نه آهي، پر ساڻس آهي سڀ افراد

شامل آهن، جيڪي 'انسانيت' جو قدر سڃاڻن ٿا. پر مصيبت هيءَ آهي تہ اُن پراڻي ۽ جهوني مرض جو علاج ڪجي ڪيئن؟ علاج ڪرڻ لاءِ هڪ 'پشو' تہ ٺهيو، هزارين پيا 'پشو' بہ ميدان عمل ۾ اچي سگهن ٿا، فقط مرض جو بنياد ڪنهن ڪان ليي. هتي 'پشو' تہ فقط جذباتي زور تي هڪلجي اچي ٿو. اسان کي هن قسم جا مصنوعي ۽ جذباتي 'پشو' نہ گهرجن. اسان کي سنجيده ۽ اصل 'پشو" گهرجن، جيڪي موجوه سماج جي هن فرسوده ۽ باطل نظام کي، جيڪو ورهين کان وٺي اسان مٿان پنهنجي پراگنده ماحول کي حاوي رکندو آيو آهي، جيڪو بيوس ۽ مجبور انسانن کي پنهنجي ظالم هٿن سان کهائيندو ۽ مارائيندو آيو آهي، تنهن جي بنيادن ۾ هٿ وجهي تيستائين ان کي لوڏين جيستائين سندس غريبن جي خون سان ڳاڙهي ٿيل ماڙي ڦهڪو ڪري پٽ تي نہ ڪري آهي. اسان کي پنهنجي سماج جي تعمير نئين سر ڪرڻي پوندي. اڳوڻي سموري نظام جي ڪوڙن بتن کي پاش پاش ڪرڻو پوندو. هڪ بنيادي ۽ ذهني انقلاب آڻڻو پوندو. تڏهن ئي اسان جا ڪردار ماحول مٿان قبضو حاصل ڪري سگهندا. تڏهن ئي انسانيت آويءَ مان نڪري جرڪڻ لڳندي. تڏهن ئي اسان جا ڪردار ٻليءَ واري ميڪ ميڪ ڇڏي شينهن واريون گجگوڙيون ڪندا. نہ تہ هونئن تہ پائو، هر روز پنهنجن هنن گنهگار اکين سان ويٺا ڏسون، تہ انسانن ويچارن کي

مفلسي زوران زور گهٽا ڏيئي ماري چڏي ٿي؛ انسان ويچارو اڃان ته 'مجبور' ۽ 'ڪين جهڙو' آهي؛ 'انسانيت' اڃا ته نسوري ناحق ۾ آهي، ڏني وائٺي سڪرات ۾ آهي، هوءَ ته ويچاري اڃا ته واقعي ويچاري ۽ ڪمزور آهي، اڃا ته رت جا ڳوڙها وهائي پيئي روئي؛ 'حيوانيت' اڃا ته ڏند شيڪيندي ۽ ڪلندي رهي ٿي. اهو سڀ ته اسان جي روز مره جو مشاهدو آهي. انهن تلخ حقيقتن کان انڪار اچ ڪهڙو خوش فهم انسان ڪري ٿو سگهي؟

دادا، هيءَ ڳالهه به پڌي چڙ ته حيوانيت 'سيٺ'، 'وڏيري' ڏڳاٽي 'خان'، ۽ 'رئيس' ڳامڻ خان، جي بنهه زر خريد ٻانهي آهي. انهن جي ئي در جي پاليل ڪتي آهي. ڪين فقط ٻچ ڪرڻ جي دير آهي: پوءِ ڏس ته ڪيئن نه 'انسانيت' جي ٻڙيءَ کي آها چتي ڪتي ڦاڙي چيري، ليڙون ليڙون ڪري پنهنجن مالڪن اڳيان هيچ ڪري ٿي ڏيکاري! پوءِ ڏس ته ڪيئن نه آهي 'انسانيت' جي هن بيوس ۽ مجبور "ذلت' تي وڏا وڏا ٽهڪ ٿا ڏين! ماحول اِنهن انسان دشمن ۽ انسان نٿما ديوسن جو غلام آهي. شو آنهن جي اشارن تي چير وجهي ليچندو آهي. هو آنهن جي حڪم تي چتو ٿي محبوس 'انسانيت' تي حملا ڪندو آهي، آن کي چيري ڦاڙي پنهنجي ناڪام فتح تي بيهي پنهنجن مالڪن اڳيان ڏند شيڪيندو آهي ۽ شينگربو آهي. پوءِ پلا اڃان بہ اِنهن معتبرن ۽ وڏ- پيڻن ڪي اسين ڪَر

(Villains) نہ سمجھون؟ ۽ اچان بہ ’انسانيت‘ ويچاريءَ تي رحم ۽ قياس نہ ڪريون، تہ چا ڪريون؟ حال جيستائين اسان جو موجوده معاشرتي نظام پنهنجي ساڳيءَ شڪل ۾ موجود آهي ۽ جيستائين اُن نظام ۾ بنيادي ۽ انقلابي تبديلي نہ آئي آهي، تيستائين ڪردار تي ماحول جو مقدم رهڻ هڪ ازلي امر آهي - ۽ ان صورتحال ڪي هڪ پشو تہ ڇڏيو، پر هزارين ٻيا پشو بہ بدلائي نہ ڏا سگهن. وري جيستائين ماحول ڪردارن تي مقدم آهي، ’انسانيت‘ جو ’حيوانيت‘ جي قيد ۾ رهڻ بہ هڪ لازمي امر آهي. جيستائين ائين ٿئي، تيستائين. جيڪڏهن اسان ’بلو دادا‘، ’شيدو ڏاڙيل“ ۽ ’انڊر نگري‘ جي اصطلاحن ۾ پنهنجن مجبورين کي دنيا اڳيان پيش ڪيو- انهن کي جيڪڏهن پنهنجي حالت زار کان واقف ڪرڻ لاءِ ان طريقي سان متوجہ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، ظالمن جا پردا جيڪڏهن اِن نموني سان فاش ڪرڻ جي اسان ڪوشش ڪئي، تہ ان ۾ آخر عيب ڪهڙو؟ اِن ۾ تہ نہ بزدلي آهي ۽ نہ احساس ڪمتري. اهو تہ هڪ طريقو آهي ظالمن کي خوار خراب ڪرڻ جو ۽ مجبور ’انسانيت‘ لاءِ همدرديءَ جي احساس جاڳائڻ جو. بيوس مظلوم کي تہ آخر بيوس مظلوم ئي ڪري پيش ڪبو. پشو مظلوم هوندي بہ جارحانہ ڪاروائي ڪرڻ گهري ٿو ۽ سندس اِن جارحانہ عمل سبب آها خودداري ۽ بلند حوصلگي جيڪا فطرتي طرح هُن جي ذات ۾ معلوم پيئي ٿئي، تنهن کان نهايت

قابليت سان ڪم ورتو ويو آهي تہ جيئن پشوءَ ڪي هڪ بيوس ۽ مظلوم جي ڪردار ۾ ڏيکارڻ کان پاڻ بچائي سگهجي. پر حقيقت ته، لڪي ڪين سگهندي: پشو ويچارو هڪ مظلوم آهي ۽ ڏاڍو وائڙو مظلوم. جيڪڏهن هو مظلوم نہ هجي ها، تہ پوءِ سڄيءَ دنيا خلاف سندس صف آرا ٿي بيهڻ جو مقصد ڇا؟ حڪومت خلاف بغاوت ڪرڻ جو مقصد ڇا؟ پلا هڪ هم، گير ۽ انقلابي تحريڪ اٿاري باقاعده فوج ڪٺي ڪرڻ جو مقصد ڇا؟ حقيقت ۾ اِهي سڀ مقصد فقط هڪ اُصول خاطر هئا، ۽ ان حصول جي منزل هئي انصاف - ڇا جو انصاف؟ انصاف اُن ظلم جو، جيڪو سماج، پشو ۽ پشوءَ جهڙن ٻين مظلومن تي ڪيو هو. اوهان ئي هاڻي منصف ٿيو تہ پشو غريب مظلوم آهي يا نہ؟

پشو پنهنجي انصاف حاصل ڪرڻ خاطر جيڪو طريقو اختيار ڪري ٿو، سو غير قدرتي ۽ غير معمولي آهي، جنهن ڪري سماج هُن ۽ سندس ساٿين سان همدردي ڪرڻ بجاءِ اُنهن کي مشڪوڪ نظرن سان ڏسي ٿو ۽ اُنهن کي مظلوم سمجهڻ بدران ظالم ۽ باغي سمجهي ٿو. پشوءَ جو ڪردار پاڻ سان ٿيل ظلم جي نہ تلافي ڪري سگهي ٿو ۽ نہ وري پنهنجي خودداريءَ ۽ بي باڪيءَ جو ڪو ڪامياب جوهر ڏيکاري ٿو سگهي: مظلومن جي قوم ۾ جنهن ٿوري گهڻي جذبي پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي اٿس، سو جذبو بہ هاڻي هڪ معمولي خوش فهمي ۽ پاراٺي دلاسي کان وڌيڪ ڪابہ اهميت

کان ٿو رکي. پر جڏهن محترم جمال جون اميدون بر ثواب ٿينديون، سندس خواب شرمنده ء تعبير ٿيندو ۽ ڪردار ماحول تي قبضو ڪندا ۽ ”حيوانيت ڪلندي ڪلندي وڃي ڪڏ پر ڪرندي. انسانيت روئندي روئندي اوجل ٿي ويندي“، تڏهن نه ’بلو دادا‘ ۽ ’شيدو ڏاڙيل‘ لکڻ جي ضرورت پوندي ۽ نه وري پنھوءَ جي ڪردار پيدا ڪرڻ جي. پوءِ افسانن جي ’افسانوي‘ دنيا ئي ختم ٿي ويندي.

محمد ابراهيم جويو

پيارا جمال، اوهان جو افسانو ”بدمعاش“ پهتل اٿم. ڏاڍو وڻيم. اهڙي سهڻيءَ چيز جو داد جيڪر هڪدم ڏيان ها، پر هڪ به نڪتا اهڙا هئا، جن لاءِ به چار ڳالهيون عرض ڪرڻ ٿي گهريم، ان ڪري دير ٿي وئي.

افساني ۾ جن ڳالهين تي مون کي عرض ڪرڻو هو، سي هونئن ته اهڙيون حقيقتون اهن، جن کان اسان جو موجوده سماج اڄ ڪونهي، ۽ پلاٽ جو حصو پڻ بنجي سگهن ٿيون، پر ادبي ۽ فني لحاظ کان انهن کي هن افساني ۾ ڪيئن آڻڻ کپي، تنهن تي ويهي غور ڪرڻ لاءِ عرض ڪرڻ مناسب سمجهان ٿو. افساني ۾ پوليس جي ظلم جو هڪ به واقعو، ۽ آخري منظر- جيلر جي روش- ڪجهه اهڙي موقعي ۽ پس منظر ۾ آيل آهن، جي پڙهندڙ کي حسي اذيت ٿيون رسائين، ۽ منهنجي خيال ۾، افساني جي فني بيهڪ ۽ آخرين

تاثر کـي ضرب پهچائين ٿيون. پوليس جون وحشي ڪاروايون ۽ جيلر جو بهيمانہ رويو حقيقتون تہ آهن، پر انهن کي اديب ڪيئن ۽ ڪهڙي موقعي تي پيش ڪري، اها هڪ سوچڻ جهڙي ڳالهہ آهي.

منهنجي نظر ۾ زندگيءَ ۾ هڪ "حقيقت" ڪيتري بہ ڀيان آئيندڙ هجي، ڪيتري بہ ڪريهہ- منظر هجي، ان کي ادب ۾ آڻڻ وقت اديب کي نفسياتي نُڪتا سامهون رکي، انهن کي چنڊي ڇاڻي، مناسب انداز ۽ مؤثر نموني ۾ پيش ڪرڻو پوندو.

اوهان بہ حقيقتون پيش ڪيون آهن- ۽ جن لفظن ۾ پيش ڪيون آهن، انهن لفظن کان وڌيڪ مناسب ۽ موزون لفظ شايد ئي ملي سگهن؛ ۽ واقعي اسان جي پوليسي راڄ ۾ انهن کان بہ وڌيڪ وحشتناڪيون نظر اينديون. پر، انهن جي پيش ڪرڻ جو موقعو ۽ محل- خاص ڪري سڀ کـان آخرين واقعي جو- اهڙو تہ اڻ سهائيندڙ مونکي لڳو، جو پڙهڻ کانپوءِ سمجهيم تہ روح کي ڪنهن ڇڻ مُٺ ۾ جهلي وٺي ڪٽي ڀوساٽيو هجي. اها تہ ذهني ڪوفت ۽ عذاب محسوس ڪيم، جو سمجهيم تہ ڄڻ انسان جو جيڪر امتيازي ۽ بنيادي شرف آهي، تنهن کي ڪنهن ختم ڪري ڪٽي ڦٽو ڪيو هجي. جيتري قدر آءٌ سمجهان ٿو، اوهان جو ڪردار 'بدمعاش' جنهن ماحول جي پيدا وار آهي، اهوئي سندس انهيءَ گناهہ جي ذوق کي پڙڪائڻ لاءِ جوابدار آهي. اوهان پڙهندڙن جي

دلين ۾ انهيءَ ڪردار لاءِ همدردي ۽ رحم پيدا ڪرڻ
واسطي، سندس ماحول کي چٽيو آهي ته چاڪاڻ ته
سموري زندگي هو پيار، همدردي، انسانيت جي ورثاءَ
۽ پنهنجائيءَ جو بکيو پٺي رهيو آهي. انهيءَ نفسياتي
بک جي ڪري، هن جو ڪردار گناهه ۽ انسانيت جي
خلاف ڪمن ۾ اڀري ٿو. انهيءَ لاءِ درجي بدرجي
اوهان مرحلا مقرر ڪيا آهن، جتان هو وڏيڪ گهاوَ
کٽي، وڏيڪ چتو ٿيڻ لڳي ٿو. ساڳئي وقت، انهيءَ
سموري عرصي ۾ اوهان پڙهندڙن جي دلين ۾ هن لاءِ
همدردي، پنهنجائپ ۽ قرب پيدا ڪندا رهيا آهيو.
تان جو جڏهن آخرين طرح جيل ۾ وڃي ٿو، تڏهن
پڙهندڙ لاءِ هو هڪ نهايت عزيز ۽ عزت واري چيز
بڻجي پوي ٿو. عين انهيءَ گهڙيءَ، اوهان جيلر کان
هن جي ذاتي عزت نفس ۽ شرف انسانيت کي جنهن
نموني ذليل ڪرايو آهي، اها ڳالهه پڙهندڙ لاءِ سڄي
افساني جي رخ کي منجهائي ٿي ڇڏي، ۽ هو انتهائي
اذيت جي احساس سان افساني کي هٿان ڦٽي ٿو
ڪري، ائين ڪرڻ ۾ اوهين ڪيتري قدر حق بجانب
هئا، ۽ منهنجي ذهني رد عمل سان متفق آهيو يا
نه. ان لاءِ هن وقت آءٌ ڪجهه چئي نٿو سگهان.

مهرباني ڪري انهن ڳالهين ۾ منهنجي ڪجهه رهبري
ڪندا.